ڀڳت ڪبير

(جيون چرتر - فيلسوفي - ساکي اَمرت)

ليکڪ

ديودت ڪندارام شر

[illegible]

[illegible]

[illegible]

پڳت ڪبير

(جيون - منوهر ڪهاڻيون - درشن (فيلسوفي) ۽ ساکي اُمرت)

ليکڪ

ديودت ڪندارام شرما

قيمت اڍائي روپيه

سال ۱۹۶۵

پرڪاشڪ

سندر ساهتيه پبلشنگ هائوس اجمير.

اڳہ اکر

سنڌ ساهتيہ پبلشنگ جي سستي ساهتيہ مالا جو ستون موتي ظاهر ڪندي خوشي ٿي ٿئي، خاص ڪري انڪري جو هي مهاتمائن جي جيون ۽ سکيائن سنبنڌي ٽيون گل آهي. هن کان اڳ "شري رامڪرشن امرت ڪٿا" ۽ "جڳت گرو وويڪانند" ٻہ پستڪ سنڌي ساهتيہ ۾ چڱي جاءِ والاري چڪا آهن؛ آشا آهي تہ هي ٽيون گرنٿ "ڀڳت ڪبير" اُنهن کان گهٽ لوڪ پريہ نہ بڻبو.

ڪبير ڀڳت جي نالي کان ڪو ٻہ ڀارتواسي غير واقف ڪونہ آهي. هو نہ فقط هڪ سچو ڀڳت هئو، ساڌو هئو، تپسوي هئو، گرهست ۾ رهندي نرليپ تياڳي هئو؛ گياني گڻڪاري هئو، پر اُهو برهم گياني هئو، جنهن لاءِ سکمڻي صاحب ۾ چيل آهي :-

"برهم گياني ڪو کوجهہ مهيسر؛
نانڪ برهم گياني آپ پرميسر."

اُهڙن ڀڳتن ۽ ڀڳوان ۾ ڀيد ڪهڙو؟ اُهڙن ساڌن لاءِ ٿي تہ چيل آهي :-

"ساڌ ڪي مهما بيد نہ جانهہ - جيتا مُنهن تيتا بکانهہ."

"سنت اؤر پارس ۾ ايڪ اَنتر جان؛
پارس لوها ڪنچن ڪري، وَہ ڪرت آپ سمان."

سنت ۽ پارس ۾ هڪ ڀيد آهي، جو پارس تہ لوهہ کي سون بڻائي سگهندو آهي (پر پاڻ جهڙو پارس ڪين بڻائي سگهندو آهي)، مگر سنت جڳياسوءَ کي پاڻ جهڙو بڻائي سگهندو آهي.

اهڙو ٿي هئو ڀڳت ڪبير. جنهن وقت اسان جي ديش ڀارت ورش ۾ هڪ طرف اسلامي راڄ هيٺ هندن سان ظلم

Printed by Mellaram M. Vaswani at the Sunder Printing Press,
Kaiser Gunj, Ajmer
and Published by him on behalf of Sunder Sahitya
Publishing House, Ajmer.

پنڊت ڏيوڊت کي لکڻيءَ جي چڱي ڏات حاصل ٿيل آهي. هن هنديءَ ۾ هن کان اڳ شاهه عبداللطيف ۽ سنڌ ۾ ٻين شعر جي لهر پيدا ڪندڙ شاعر شري ڪشنچند ”بيوس“ تي ٻه سنڌر ڪتاب رچي چڱو نالو ڪڍيو آهي. ٻوئين ڪتاب تي خود وارڌا جي راشٽر ڀاشا سمتيءَ هن کي ”راشٽر ڀاشا گورَوَ“ جي اُپاڌي ڏيئي سندس عزت افزائي ڪئي آهي. سندس هن ڪتاب جي ٻه اميد ته اهڙي ئي قدرشناسي ڪئي ويندي.

ڪتاب اصل ڪافي وڏو هئو، جو قيمت وڌي وڃڻ جي خيال کان گهٽايو ويو آهي.

اميد ته سنڌي ساهتيه پريمي اسانکي هنن پستڪن جي پرچار ۾ همٿائيندا رهندا، جئن اهڙا وڌيڪ پستڪ ڪڍندا رهون.

١١-٢-١٩٦٥
اجمير

پريداس برهمچاري
سيڪريٽري، سنڌر ساهتيه پبلشنگ هائوس اجمير.

Printed by M.M. Vaswani at the Sunder Printing Press, Ajmer.
Published by Sunder Sahitya Publishing House, Ajmer.

ٿي رهيا هئا، ملاشاهيءَ جو زور هيو ۽ اسلام کي ٿي نجا
ڏيندڙ ظاهر ڪيو پئي ويو، ته ٻئي پاسي هندن ۾ ڪٽرپڻ
۽ ڀرم ڀيد، وغيره هئا؛ ان وقت ٿي ڪبير ڀڳت جهڙ
انقلابي شير سنت پيدا ٿيو؛ جنهن ٽريهنا سان ستيه جي گهوش
ڪئي. هو مسلمان ڪوريءَ جي گهر ۾ پليو ۽ نپنو هيو،
ته جتي هندن جي ڀرمن، ڪٽرپڻي، ڇوت ڇات، مورتي
پوڄا وغيره جي نندا ڪيائين، اتي اسلام جي اندي وشواس
۽ مسلمانن جي ظلم زبردستيءَ کي به خوب ڦٽڪاريائين. ه
وت ڌرم، دين جو ڀيد ڪونه هيو، جات پات، نيچ او
جو ڪو سنڌو سيڙهو ڪونه هيو.

اهڙي مهاتما جي جيون ۽ اپديش جو نچوڙ گنڀير اڀياس
بعد شريمان پنڊت ديودت شرما هن ڪتاب ۾ ڏنو آهي
هو جهونو ساهتيڪار آهي. هن، هن کان گهڻو اڳ سنڌ ج
اعليٰ سنت شاعر "شاهه عبداللطيف" تي ڪبير جي باڻيءَ
اثر سنبنڌي ڪيترائي سنڌر ليک اخبار ۾ ڇپرا ڪيا ه
جن گهڻن کي ڇڪيو هيو. هن ڪتاب ۾ رواجي ريت ڀڳ
ڪبير جي جيوني ۽ اپديش ڪين ڏنا آهن، سندس ج
۽ وچارن جي سمجهاڻي آلوچناتمڪ درشٽيءَ سان ل
آئس. سنت مت، ادويت واد، يوگ، ڀڪتي، صوفي
وغيره وشين تي به ڪبير جي وچارن جي نقطه نظر ک
ڪافي روشني وڌي اٿس. هن ڪتاب ۾ ڪبير ڀڳت
٣٥ پدن ۽ ٢٣٤ ساکيون به ارٿ سميت ڏنيون ويون آه
انڪري هي ڪتاب نه فقط ڀڳتي ڀاو رکندڙ ڌرم پريمي سـ
کي ڇڪيندو، پر ساهتيه پريمين ودوانن کي به ڪشـ
ڪندو. هي ڪتاب ڀاو آتمڪ (جذباتي) ايڪتا پيدا ڪ
لاءِ سٺو گرنٿ آهي، جو مٿين امتحانن لاءِ درسي ڪ
ڪري رکڻ يوڳيه آهي.



ڀڳت ڪبير

(هڪ پراچين چٽر تان ورتل)

فهرست

ڀڳت ڪبير

(منوهر ڪٿا)

مست مولي، ڪبير اُنوقت پيدا ٿيو جڏهن وقت ڀارت
ورش ۾ انيڪ پاکنڊي مت متانتر پيدا ٿي چڪا هوا. لهنجي
ستان وري اِسلام هڪ هٿ ۾ تلوار ۽ ٻئي هٿ ۾ قرآن کڻي
هندوستان ۾ پهچي چڪو هو. هندن جا مندر ۽ مورتيون
انا ٿي ويا مگر پراڻن ۾ بيان ڪيل هاٿيءَ جي هڪ پڪار
سڻي ڊوڙي اچي ڪيس گراھ کان ڇڏائڻ وارو وشنو ڪٿي؟
هندن محمد غزنويءَ کي ايندو ڏسي خوب ايشور کي
ڪاريو مگر سومنات جو مندر ٽوڙيو ٿي ويو ۽ ڀڳت وڇل
وپال، دروپديءَ کي چير ڏيڻ واري کي ديا نہ پيئي. هندن
ان سڳڻ پرماتما مان اعتبار موڪلائي ويو هو ۽ هندو قوم
استڪ ٿيڻ جي ڪناري تي پهچي چڪي هئي.

خون ۽ پسينو هڪ ڪري پگهر جي پورهئي تي گذران ڪندڙ
ندو هارين جي ڪمائيءَ جو اڌ حصو ڍل جي صورت ۾ سرڪاري
اني ۾ داخل ٿيندو هو. هندن لاءِ گهوڙي جي سواري ۽
ا ڪپڙا پهرڻ ڏوهہ سمجهيو ويندو هو. مندرن کي ٻچائڻ
جي ڳالهہ هوندي هئي. هندو استرين جي پتورت ڌرم
رکيا ڪرڻ مشڪل ٿي پيئي هئي. هندو جاتيءَ مان
گيءَ جون سڀ نشانيون ويئون ٿي غائب ٿينديون.

ڪبير پنٿين ۾ سندس جنم نسبت هيٺيون پد مشهور آهن.

چؤدهہ سؤ پچپن سالَ گئي، چندرَ وارَ ايڪ ٺاٺ ٺئي

جيٺ سُدي برسايت ڪو، پوُرنماسي تِٿ پرگٽ ڀئي

گهن گرجي دامنِ دمڪي، بوُندين برکين جهرِ لاڳ گئي

لهر تلاؤ ۾ ڪمل کلي، تنهن ڪبير ڀانو پرگٽ ڀئي.

ارٿ:- سنبت ١٤٥٥ جيٺ مهني جي سهائي پورڻماسيءَ تي سومر جي ڏينهن جڏهن بادل گرجي رهيا هوا، بجلي چمڪي رهي هئي ۽ بارش جون تيز بوُندون ٿي برسيون، تڏهن لهر تلاءَ نالي تلاءَ ۾ هڪ ڪنول گل ٽڙيو جنهن ۾ ڪبير روپي سج پرگهٽ ٿيو.

انهيءَ دوهي تي بحث ڪندي ڊاڪٽر شيام سندرداس لکي ٿو ته سنبت ١٤٥٥ ۾ جيٺ جي پورنماسيءَ تي سومر آهو ٿي ڪونہ هو، پر ١٤٥٦ تي جيٺ جي پورڻماسي سومر تي ٿي هئي. هوڏانهن ريورنڊ ويسٽڪٽ لکي ٿو ته گرونانڪ ديو جنهن جو جنم سنبت ١٥٢٦ ۾ ۽ سرڳواس ١٥٩٦ ۾ ٿيو، جنهن وقت اهي پاٺڪ گڏيا هوا تنهن وقت نانڪ ديو جي عمر ٢٧ سال هئي يعني سنبت ١٥٥٣ ۾ پاٺڪ گڏيا هوندا ۽ ڪبير صاحب ڪافي جهوڙ ٿي چڪو هوندو. ڪبير صاحب ١٢٠ سالن جي عمر ماڻي.

ماتا پتا

ڪبير صاحب جي زندگيءَ جي واقعن نسبت ڪا فيصل شد ڳالهہ معلوم نہ ٿي ٿئي، جاڪاڻ تہ اُنهن جو سمورو آڌار جنتا ۽ خاص ڪري ڪبير پنٿين ۾ هلندڙ ڏند ڪٿائن تي آهي. خود سندس ماتا پتا جي باري ۾ بہ ڪيترين ئي ڪٿائون

جڏهن ڪشت حد لنگهي وڃي ٿو تڏهن منش جو من
پنهنجي اپائڻهار پرماتما ڏانهن مائل ٿيندو آهي مگر اُتان ٻ
جڏهن اُنجو ڇوٽڪارو نہ ٿيندو آهي تڏهن نراس ٿي اُ
اپائڻهار جي هستيءَ مان بہ سندس وِساھ نڪري وڃي
ڪبير جي جنم وقت هندو جاتيءَ جي اها حالت هئي. اُه
وقت ۾ حالتون اِنسان جي ناستڪ ٿيڻ لاءِ سٺايون هيون
جيڪڏهن اُها لهر لڳي وڃي ها تہ ان ۾ شڪ ڪونهي ت
هندو قوم ناستڪ ٿي وڃي ها ۽ هندن جي رشين مني
جي ڪيل ڪئي ڪمائي ڇٽ ٿي وڃي ها. مگ
ڪبير صاحب ڏاڍيءَ چترائيءَ سان جنتا جو من وري ڀڳتي
ڏانهن موڙي ڀڳتي ڀاؤ جو پرچار ڪيو. اُهو وقت فقط نرگ
برهم جي ڀڳتيءَ لاءِ ئي سٺائي هو، جيتوڻيڪ نرگڻ ڀڳتي
جي شڪتي اُنڀوُ ڪرڻ ڏکي آهي؛ جو فقط اُنجو آڀاس ٿ
ملي سگهي ٿو. پر ٻڌندڙ لاءِ جهڙيءَ ريت وهندڙ ٻوڙو بہ آڌ
ٻنجو وڃي اهڙيءَ ريت نرگڻ ڀڳتي هندن لاءِ آڌار بڻجي پيئي
هوڏانهن مسلمان بہ نرگڻ جا اُپاسڪ هوا انهيءَ ڪري اُن س
ٺهڪندڙ مارگ ٿي لڳائي ڪبير هندو جنتا کي سنتوش
شانتي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

ڪبير صاحب جو جنم

ڪبيرداس جي جيون سان واسطو رکندڙ ڳالهيون
گهٽ روشنيءَ ۾ آيون آهن. ايتريقدر جو سندس جن
مرليوءَ جي سن سنبت جو بہ پورو پتو نہ پئجي سگهيو آ
انهيءَ نسبت جدا جدا ودوانن جا جدا جدا راءِ آهن. ڊا
هنٽر سندس جنم جو سنبت ١٤٣٧ لکي ٿو، تہ وري ريو
ويسڪٽ صاحب لکي ٿو تہ ڪبير جو جنم ١٥٧٥ س
۾ ٿيو.

ارٿ: - مان ذات جو ڪوري، عقل ۾ ڏيرجوان.

٢- ڪوري ڪبير چوي ٿو ته منهنجي رام جي نريڻ پد واري نگري آهي.

٣- اي ڪاشيءَ جا پنڊت، تون براهمڻ آهين ته مان ڪاشيءَ جو ڪوري آهيان.

پر معلوم ٿئي ٿو ته سندس دلي خواهش اها هئي ته "هوند مان براهمڻ ڪل ۾ پيدا ٿيان ها." پورب جنم ۾ براهمڻ هئڻ جي ڪلپنا ۾ ئي هو سک محسوس ڪري ٿو. سندس اڳيان جنم هن ريت چيا وڃن ٿا.

١- ست جڳ ۾ 'سُڪرتي' ٢- تريتا جڳ ۾ 'مُنيندر' ٣- دواپر جڳ ۾ 'ڪَرُڻا سوامي' ۽ ٤- ڪلجڳ ۾ ڪبير جي نالي سان اوتار ڌارڻ ڪيائين. هڪ پد ۾ چوي ٿو ته

پُورَبَ جَنَمَ هَمَ بِراهَمَنَ هوتي
اوڇي ڪَرَم هِينا
رام ديوَ ڪي سيوا چُوڪا، پڪڙ جلاها ڪِينا.

اڳئين جنم ۾ مان براهمڻ هوس، منهنجا ڪرم بلڪل نيچ هئا ۽ رام جي سيوا ۾ ڀونئتي پيس جنهن ڪري جهلي ڪڍي ڪوري ڪيم.

جنم استان

ڪبير جي جنم استان لاءِ ٻه جدا جدا رايا آهن. ڪي چون ٿا ته مگهر ۾ ڄائو هو پوءِ ڪاشيءَ ۾ اچي رهيو.

پهلي دَرِسَنَ مَگَهَر پايو، پُنِ ڪاسي بَسي آئي.
(گرنٿ صاحب)

ٻڌايون وڃن ٿيون. چون ٿا تہ هڪ ٻرم ڀڳت براهمڻ پنهنجيءَ وڌوا نياڻيءَ کي وٺي سوامي رامانند وٽ ويو. پر ڪرڻ تي، سوامي جيءَ کيس آسيسا ڪئي تہ "شل پٽرو ٿين." ويچاري براهمڻ جي واتان رڙ نڪري ويئي ڇي "سوامي جي منهنجي نياڻي تہ وڌوا آهي." انهيءَ تي سوامي جن ڏک ظاهر ڪندي چيو تہ منهنجي زبان مان نڪتل وچن اجايو نہ ويندو، مگر انهيءَ ڳالھ پر سنتوش ڪ تہ منجھانس پيدا ٿيل پٽ وڏو پرتاپي ٿيندو. جڏهن براهمڻ جي ڪنيا کي پٽ پيدا ٿيو تڏهن لوڪ لڄ جي ڊ کان کيس ڪاشيءَ جي لهر تلاءَ جي ڪناري تي ڪيو ويو. پاڻئن سان ٿوري ئي وقت بعد نيروءَ نا ڪوري پنهنجيءَ زال نيما سان گڏ اچي اُتان لنگهيو. هـ تيجسوي ٻالڪ ڏسي هو کيس کڻي وڃي پالڻ لڳا. اڳ هلي اهو ساڳيو نينگر ڪبير جي نالي سان مشهور ٿيو. ڳ سگهي ٿو تہ ڪبير صاحب وڌوا براهمڻيءَ مان پيدا ٿيو هـ ۽ سوامي رامانند جي آسيس جو ورلانت براهمڻ ڪ جي ڪلنڪ ميٽڻ لاءِ گهڙيو ويو هجي. مگر اِيتري تہ پ آهي تہ مسلمان گهر ۾ پلجڻ تي بہ سندس هندو ويچار ڄاڻائي ٿي تہ هنجو سمبنڌ هندو خون سان آهي. خود ڪ صاحب پنهنجي ماتا پتا جي بابت ۾ ڪا ڳالھ ڪانہ ل آهي فقط پاڻ کي ڪوري يا ڪاشي واسي چئي ڄاڻايو آه

١- "جاتِ جُلاها مَتِ ڪو ڌيرَ،
هَرَکِہ هَرَکِہ گُنَ رَمئہ ڪ

٢- ميري رام ڪي اَپئہ پد نگري، ڪَهئہ ڪبير جُ

٣- تُوُ بامهَن مئُن ڪاسي ڪا جُلاها."

ڃي سوامي جن جي چرڻن تي پئي ڇوڙ لڳو ته اڄ منهنجا
ڏا ڀاڳ جو اوهان "رام نام" جو منتر ڏيئي منهنجا گرو
ٿيا آهيو. انهيءَ تي رامانند ڪو به جواب ڪونه ڏنو. انهيءَ
ڀيهن ڪانونئي ڪبير صاحب پاڻکي رامانند جو شش مشهور
ڪيو. ڪيترن جو چوڻ آهي ته ڪبير صاحب شيخ تڪيءَ
جو چيلو هو. مگر ڪبير صاحب شيخ تڪيءَ کي مخاطب ڪري
چيو آهي ته-

"گهٽ گهٽ هئم اَبناسي، سُنهُ تڪي تم شيخ."

ارٿ:- هي تڪي شيخ ٻڌ ته هو اَبناسي پرميشور
سڀ گهٽ ۾ وياپڪ آهي. انهيءَ مان پڌرو آهي ته هو شيخ
تڪيءَ جو چيلو نه هو. البت ائين ٿي سگهي ٿو ته هن شيخ
تڪيءَ جو ستسنگ ڪيو هجي.

ٻئي طرف وري ڏسندا ته خود ڪبير صاحب سوامي
رامانند جن لاءِ چيو آهي ته-

"ڪاشي ۾ هم پرڪٽ ڀئي هئن، رامانند چيتائي."

ارٿ:- ڪاشيءَ ۾ مان پرگهٽ ٿيس ۽ رامانند موتکي
اپديش ڪيو. رامانند جي اپديش ڪرڻ کان اڳ ڪبير تي
هندو ڌرم جو اثر پئجي چڪو هو. جنهن ڪري شايد هو به
مورتي پوڄا ڪرڻ لڳي ويو هو. گرو ڪرڻ کانپوءِ ڪبير
صاحب چيو ته-

"هم ڀي پاهن پوُجتي هوئي بن کي روجهه
ستگرُ کي ڪرپا ڀئي، سر تي اُترِيا بوجهه."

ارٿ:- ستگرن جي ڪرپا ٿي جو منهنجي سر تان
لاهي پيو. نه ته هوند مان به پٿر جي پوڄا ڪري جهنگل

گرنٿ صاحب جي ٻئي پد ۾ وري چاٽايل آهي تہ

”ٿوري ڀَرَوَسي مَگَهر بسايو،

ميري تَنَ ڪي تَپَنِ بُجهائي

ارٿ:- تنهنجي آڌار مان مگهر ۾ اچي رهيس جنهن
منهنجي تن جي تپت ٻجهائي ڇڏي.

انهيءَ مان تہ ڪاشيءَ ۾ پيدا ٿيڻ جي ڳالهہ ثابت
ٿئي ٿي نہ ٿي. ڊاڪٽر شيام سندر داس جو انهيءَ نسبت را
آهي تہ ڪبير صاحب ڄائو ڪاشيءَ ۾ هوندو مگر سندس
ٻالاپڻ مگهر ۾ گذريو هوندو.

گروءُ ڪرڻ

ڪبير صاحب جو ننڍي هوندي کان ئي ڌرم ڏانهن
لاڙو هو. وڏي ٿيڻ تي هو پنهنجن ڳائي اُپديش ڪندو وتندو
هو. پر ماڻهو کيس نِگُرو (بنان گروءُ) ڪري سڏيندا هوا
سندس اُپديش ڏانهن ڪو بہ ڌيان ڪين ڏيندا هوا. انهي
ڪري ڪبير صاحب کي گروءُ ڪرڻ جي چنتا پيدا ٿي. چو
ٿا تہ اُنهن ڏينهن سوامي رامانند سڀ کان مشهور مهاتما ه
انهيءَ ڪري ڪبير صاحب کيس گروءُ بڻائڻ لاءِ ونس ويو
هن کيس مسلمان هئڻ ڪري شش بڻائڻ قبول نہ ڪيو.
تي ڪبير هڪ ڪيڏ ڪڍي. ٻڌو هوائين تہ سوامي راما
صبوح جو روز مير اونداهيءَ ۾ پنهنج گنگا تي سنان ڪرڻ وين
آهي. سو سوامي جن جي اچڻ کان اڳ ئي ڪبير صاحب
گهاٽ جي هڪ ڏاڪي تي وڃي ليٽي پيو. سوامي جن جڏ
سنان ڪري موٽيا تہ اونده سبب سندن پير وڃي ڪ
صاحب جي مٿي سان لڳو؛ تنهن تي سوامي جن ”رام را
چئي ٻڙبڙو ٿي پيا. ڪبير صاحب جهٽ اٿي ڪڙو ٿي

ڪبير ۾ نڪا ڪئي هم نڪا ڪئي تم ڪٽنديئي سندس
لاش جمنا جيءَ ۾ پرواهه ڪري ڇڏيا. ٻيون پيرو ڪبيرصاحب
خود سندس گهر باندوڳڙهه ويو جتي کيس چيائين تہ توُن
اُن پُٽ جي مورت کي پوڄين ٿو جنهن پُٽ مان تنهنجي
ناراضي جا وَت نهيل آهن. اها ڳالهه سندس من ۾ کپي
ويئي ۽ هوُ ڪبير صاحب جو چيلو ٿيو. ڪبير جي مرليءَ
کانپوءِ ڌرمداس ڇتيس ڳڙهه ۾ ڪبير پنٿ جي هڪ الڳ شاکا
قائم ڪئي ۽ سرت گوپال ڪاشيءَ جي گديءَ جو گدي نشين
ٿيو. آهستي آهستي ٻنهي شاکائن ۾ وڏو ڀيد اچي ويو.

ڪبير پاٺ جيتوڻيڪ ڪرم ڪانڊ کي پاکنڊ سمجهندو هو
۽ اُنجي خلاف هن وڏو پرچار ڪيو، مگر ڪبير جي مرليءَ
کانپوءِ اڄتي هلي ڪبير پنٿ ۾ بہ ڪرم ڪانڊ جو زور وڌي
ويو جو ڪٽنني ۽ جٺو ڪبير پنٿ ۾ بہ چالو ٿي ويو. مگر
ايتري ڳالهه ضرور آهي تہ ڪبير پنٿ ۾ ذات پات جو ڀيدڀاو
اصل ڪونهي ۽ هندو توڻي مسلمان اُن پنٿ ۾ داخل ٿي
سگهن ٿا. ان پنٿ ۾ داخل ٿيندڙ مسلمانن تي بہ هندو ڌرم
جو اثر ٿئي ٿو. اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي تہ هندو ڌرم جو
اثر ايڏو تہ وياپڪ آهي جو اُنمان ڇڄي نوان ڦٽندڙ مت ۽
پنٿ اُنجي اثر کان اڄ بہ خالي نہ آهن.

گرهستي جيون

ڪبير سچ پچ شادي ڪئي هئي يا نہ ان باري ۾
لوڪن جي جدا جدا راءِ آهي. چون ٿا تہ سندس استريءَ جو
نالو لوئي هو هوءَ هڪ بن کنديءَ نالي بيراڳيءَ جي ڌيءَ
هئي. هڪ ڀيري اُن ڪنيا لوئيءَ پنهنجي گهر ۾ سنتن جو
ستسنگ ڪيو جنهن ۾ ڪبير صاحب کي نينڍ ڏني ويئي
هئي. سڀني کي پيئڻ لاءِ کير ڏنو ويو، پيا ساڌو تہ کير پي

جو روجھ ٿي پيو ها. ڪبير صاحب جيڪڏهن سمجهي ها ته گروُ ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي، ته انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته پنهنجي وشواس جو اهڙو پڪو هو جو گروُ بنه کين ڪري ها مگر جڏهن پاڻ ضروري سمجهيائين لڏهن گروُ ڪيائين. خود پاڻ چيو اٿس ته

”گُــرَ بِن چيلا گيان نَــہ لهئہ.“

(گروءَ کانسواءِ چيلي کي گيان حاصل ٿي نٿو سگهي)

”گُرُ بِنَ اِهہ جَگہ ڪؤُنَ ڀَرِوَسا،
ڪاڪي سنگہ هـوُءِ رَهِئي.“

(گروءَ کانسواءِ هن جڳہ ۾ ڪنهنجو ڀروسو ڪجي ڪنهنجو سنگہ ڪري رهجي). انهيءَ ڳالھ ۾ ڪا بہ صداقت ڪانہ ٿي ڏسڻ ۾ اچي تہ سوامي رامانند ڪو ڪبير صاحب کي پنهنجو چيلو بنائڻ کان انڪار ڪيو هوندو، چاڪاڻ تہ سوامي جن کي ٻين شش سان گڏو گڏ گهٽ جاتين جا ب ڪيترائي شش هوا. جهڙيءَ طرح ڪ سئنو، ڌنو، پوانند پيپو ۽ رئداس وغيره.

ڪبير صاحب جا مکيہ شش

ڌرمداس ۽ سرت گوپال نالي ڪبير جا ٻہ مکيہ شش هوا. ڌرمداس واڻيو هو. اُن نسبت لوڪن جو چوڻ هو تہ ڀهرين مورتي پوڄڪ هو. هوُ اوائل ۾ ڪبير صاحب سان ڪاشيءَ گڏيو هو. اُنوقت ڪبير صاحب کيس مورتي پوڄڪ هئ ڪري خوب ڦٽڪاريو هو. اُن بعد هو وري برنداو (بندرابن) ۾ گڏيا. اُنوقت ڌرمداس، ڪبير صاحب ک سچاڻو ڪين ۽ ٻہ چيائين تہ - ”اوهانجا اُپديش بلڪل اهڙا آهن جهڙا هڪ ساڌوءَ مونکي ڪاشيءَ ۾ ڏنا هوا.“ اُنوق

سگهجي ٿو ته لوئي ڪبير صاحب جي استري هئي. لوئيءَ جو نالو لوئي انڪري پيو جو هڪ پيري ٻن ڪندي بيراڳي گنگاجيءَ ۾ سنان ڪري رهيو هو ته هڪ ٽوڪري جنهن ۾ هڪ ننڍڙو لوئيءَ ۾ ويڙهي سيڙهي رکي هئي، وهندي اچي اُن بيراڳيءَ وٽ نڪتي. لوئيءَ ۾ لپيٽيل هئڻ ڪري اُنجو نالو لوئي رکيو ويو.

ڪبير جي اولاد لاءِ ڪو پورو ثبوت نه آهي. چون ٿا ته ڪيس ڪمال ۽ ڪماليءَ نالي پٽ ۽ ڌيءُ هئا. ڪمال رڳو ڪبير صاحب جي اُصولن جو ٿورو ورود ڪيو ته ڪبير صاحب کي اِها ڳالهه نه وڻي ۽ چيائين:-

"ٻُوبا وَنش ڪبير ڪا اُپجا پُوت ڪمالَ

هَرِ ڪا سُمَرَنَ ڇانڊِ ڪي، گهرِ لي آيا مال."

ارٿ- ڪمال جهڙي پٽ پيدا ٿيڻ ڪري ڪبير جو ڪل ٻڏي ويو، جو هو هريءَ جو سمرڻ ڇڏي، گهر ۾ ڌن ڪٺي آهو. انهيءَ مان ٿي سمجهي سگهبو ته ڪبير مايا ميڙڻ جي ڪيڏو نه خلاف هو. هن جو مقصد هو جئين اپنشدن ۾ ڄاڻايل آهي ته "سڀ وستوُ پرميشور جون ڄاڻي، اوهين اُنهيءَ مان پنهنجي ضرورت آهر ڪٺو." ڪبير صاحب فرمائي ٿو:-

"سائين اِتنا ديجئي، جا ۾ ڪُٽنب سماءِ

مَئن ڀي ڀُوڪا نا رَهوُن. ساڌ نه ڀوڪا جاءِ."

ارٿ:- سائين ڪرپا ڪري ايترو ڏي جنهن ۾ منهنجي ڪٽنب جي پالنا ٿي سگهي، نڪي ڪي مان ٿي بکيو رهان، نڪي ڪو ساڌو سنت اُي منهنجي در تان هٿين خالي

وٺا پر ڪبير صاحب پنھنجو ڪير ٻڪي رکي ڇڏيو. ٻيھر ڏ
ڇپائين تہ گنگا پار ڪان ھڪ ساڌو اچي رھيو آھي جنھن
ھيءُ ڪير رکي ڇڏيو ائم. ٿوريءَ دير بعد سچ پچ ھڪ ساڌ
اچي حاضر ٿيو. انھيءَ تي سڀ ساڌو اَچرج ۾ پئجي ويا
لوئي تہ سندس شڪتيءَ ٿي اھڙو موھت ٿي پيئي ج
ھوءَ ھميشہ سائس گڏ رھڻ لڳي. ڪي چون ٿا تہ ھ
سندس اِستري ٿي رھي ۽ ڪي چون ٿا تہ سندس شش
ٿي رھي. ڪبير صاحب فرمائي ٿو:-

"ڪَھَتَ ڪبير سُنُھ ري لوئي
ھَمَ تُمَ بِنَسي، رھيگا سوئي."

ارٿ:- ڪبير صاحب چوي ٿو تہ ري لوئي ٻ
ٿون ۽ مان ناسونت آھيون. ھڪڙو اھوئي (پرماتما) رھند
يعني قائم دائم آھي.

بيا بہ ڪيترائي پد آھن جن ۾ ڪبير صاحب لوئيءَ
نالو ڪتب آندو آھي جنھن ڪري ڪي ڪيس سند
ڌرمپتني سمجھن ٿا ۽ ڪي شش. ھوڏانھن ڪبير صاح
جڳھہ جڳھہ اِستريءَ جي نندا ڪئي آھي. شايد انھيءَ ڪر
لوئيءَ کي سندس شش سمجھيو وڃي ٿو. پر جڏھن ڪ
صاحب خود فرمائي ٿو:

"نــاري ٿو ھَمَھُوَ ڪَري جانا نَھِين وِچارَ
جَبَ جاني تَبَ پَرِ ھَري ناري بَـڙا وِڪارَ."

ارٿ- اِستري تہ مون بہ ڪئي جو اَنتي پورو و
ڪين ڪيم. جڏھن ڄاتم، تڏھن مون اُن جو تياڳ
ڄاڻاڻ تہ ناري وڪارن سان ڀريل آھي. تڏھن سمج

مرڻ ڪانپوءِ هڪ گهڙي به رهڻ نه ڏيندم. منهنجو گهر (شرير) سائين ٽن هٿن جو آهي. ڪبير صاحب فرمائين ٿا ته آڙي منڪ، گيرب نه ڪر جيترو شرير اُنيٽي زمين ۾ اوترا ئي والار. نه رڳو ايترو مگر اڄ ڪالهه جو، سادو ۽ باوا ڀيک جي ٽڪر لي هري پيا آهن ڪبير صاحب انجي به برخلاف هو. جوڳيءَ جي لڇڻ لي راءِزني ڪندي چوي ٿو:-

”بِيکَ نَہ کاءِ، پِوُکــا نَہ سووَءِ، گَهرَ آنگَنَ ڦِر آوءِ
پانچَ جَنان کي جَماتَ چَلاوَءِ، تاسَ گُروُ مَئِن چيلا.“

ارٿ:- جوڳي اُهو آهي جو ڀيک مڱي ۽ نڪي بکيو ئي سمهي پئي، اُنلو پنجن جڻن جي جماعت هلائي يعني اُنهن جي پالنا ڪري. اهڙو ئي جوڳي منهنجو گروُ آهي ۽ مان سندس چيلو آهيان.

نرڀئه (بي ڊپو) ڪبير

ڪبير صاحب پنهنجن اُصولن جو اهڙو ته پابند هو، جو ...و رڳو ڀين والگو گيان ڪونه ڪٿيندو هو مگر پنهنجن اُصولن ...ي پاڻ به پوري پوري پيروي ڪندو هو. ڪاشيءَ جا ...اهمڻ ۽ پنڊت ڪبير لي خار کائو ويٺا هوا. اُنهن جڏهن ...ٺو ته ڪبير صاحب ڪاشيءَ جي راجا کي به پنهنجي وَس ...ڪري ڇڏيو آهي تڏهن ڪبير صاحب جي ماتا کي ساڻ ...ري، سڪندر لودي، جو آگري مان ڪاشيءَ آيو هو، ...نکي اُنجي خلاف وڃي دانهن ڏنائون ۽ جا ڀڳت مال جي ...ڪا ڪندڙ پرياداس همئين ٻڌ ۾ بيان ڪئي آهي:-

وڃي. ڪبير ٿوري ڪنڊي ۾ ٿي سنتوش سمجهندو هو. ه
سڄي ڏينهن ۾ جيڪي ڪمائيندو هو تنهن جو ڪجهه نه ڪ
حصو روز سنتن جي سيوا ۾ لڳائيندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏه
نه سڀ ڪجهه ساڌن سنتن کي ڏيئي ڇڏيندو هو ۽ پاڻ بک
ٿي سمهي پوندو هو. سندس اهڙي قسم جي دان پنج جو
گهٽيءَ ڪنائون هڏڻ ۾ ايندا آهن. ڇو ته ٽا نه هڪ ڏينه
ڪپڙي جو ٿان اُٿي، بزار ۾ وڪڻڻ ويو، اڌ هن واد
ٿي هڪ ننگو فقير گڏيس، ڪبير صاحب مٿس ديا آئي
ٿان کيس ڏنو مگر هن جي چوڻ تي ته ان مان منهنج
پورت نه ٿيندي، ڪبير صاحب سڄو ٿي ٿان کيس ڏيئ
ڇڏيو ۽ پاڻ خالي هٿين گهر موٽي آيو. ڌن مال ۽ زمين
ڪرڻ سندس اصول جي خلاف هو. پاڻ فرمائي ٿو:-

"ڪاهي ڪُون پيٽ بنائوُن تاني،
ڪا جانوُن ڪنهن پرهئه ماني
ڪاهي ڪو مندر محل چڻائوُن،
مُوان پيڇي گهري ايڪ رهن نه پائوُن
ڪاهي ڪوُن چائوُن اونچ اُچيرا،
سادي تين هات گهر مير
ڪهئه ڪبير نر گرب نه ڪيجئه،
جيتنا تن تيتي پوُن لبجئه

ارٿ- مان ڇا لاءِ هي پٽيون ۽ چٽيون اڏايان،
نه آهي ته منهنجو مٽيءَ پورڙو ڪٿي لڪيل آهي (ي
ڪٿي مرندس). ڇا لاءِ هي مندر محل ۽ ماڙيون نهرايان

موت جي سزا رائج ڪئي. ڪيس هٿ ڪڙين سان جڪڙي گنگا نديءَ ۾ غرق ڪيو ويو.

گرو گرنٿ صاحب ۾ ان لاءِ ڪبير صاحب جو هيٺيون پد لکيل آهي:-

"گنگا گسائنِ گهر گمڀير، جنجير باندِ ڪر کڙي ڪبير،

گنگا ڪي لهر ميري ٽوٽي جنجير،

مرگ ڇالا پر بيٺي ڪبير."

ارٿ- گنگا جي لهرن ۾ غرق ڪرڻ تي هو ٻڏو نه ڪو نه، الٽو سندس زنجيرون ٽٽي ويون ۽ ڪبير صاحب پاڻيءَ جي مٿان مرگ ڇالا تي ويٺل ترندو ڏسڻ ۾ آيو.

جڏهن هو گنگا ۾ به ڪين ٻڏو تڏهن قاضيءَ ڪيس ڌڌڪندڙ باهه جي کوڙي ۾ غرق ڪرايو. مگر باهه به سيتل ٿي پيئي ۽ ڪبير کي لهس به نه آئي. جڏهن قاضيءَ جو اهو ڪرتوت به نشڦل ويو تڏهن مٿس هڪ مست هاٿيءَ کي ڇڏيو. چون ٿا ته جڏهن اهو مست هاٿي وٽس پهتو تڏهن ڪبير صاحب اڳيان گوڏا کوڙي کيس نمسڪار ڪري اُتي پريشان ٿي بيٺو. انهيءَ ڪٿا بنسبت ڪبير صاحب خود چيو آهي:-

"اهو ميري گووندَ تمهارا جورَ، قاضي بڪوا هستي تورَ،

باندِ ڀجا پلٽن ڪرِ داريو، هستي ڪوپ مونڌ مٿن ماريو

جو هستي چيسا ماري، وا مورتَ ڪي مٿن بلهاري

"ديئه کي پِرپاوَ، ڦيرِ اُپڄيو آپاوَ ڏوڄَ؛
آيو پاتِساهه سو سڪندر سُنانو هئه؛
وِهُڪه سَمُوهَه سنگه، ماتا هوُ ملاءِ لئي
جاءِ کي پُڪاري جوُ ڏُکايو سَبَ گانوَ هَئه."

ارٿ:- ڪبير صاحب جو وڌندڙ اثر ڏسي، براهم
ڪبير صاحب جي ماتا کي پاڻ سان ملائي سڪندر لودي
کي وٽي دانهن ڏني تہ هن سڄو شهر ڪري تپايو آهي

تڏهن سڪندر لوديءَ اُنکي گرفتار ڪرائي پاڻ و
گهرايو ۽ چيو:-

"لِياوو ري پَڪَر واکو، ديکوُن مُئن مَڪَرُ ڪئسو
آڪَرَ مِٽائُون گادي جَڪَر تَناوَ هَئه،
آنِ ناديِ ڪئي، قاضي ڪَهَتَ سلام ڪَرَءِ
جاني نہ سَلام، جاني رام گادي پانوَ هَئه."

ارٿ:- انهيءَ (ڪبير) کي گرفتار ڪري وٺي
تہ مان بہ سندس مڪر ڏسان ۽ سندس اها آڪڙ ۽ م
لاهي ڇڏيان.

جڏهن ڪبير لوديءَ اڳيان آندو ويو تڏهن ڪيس قاض
بادشاهہ کي سلام ڪرڻ لاءِ چيو. مگر ڪبير صاحب فرما
سواءِ رام جي مان ٻئي ڪنهن کي سلام ڪري ڪين جا
جنهنتي قاضين مٿس پاڻکي ايشور (انالحق) ڪوٺائ
الزام مڙهيو ۽ ڪيس ڪافر سڏي مٿس منصور ال حلاج

هرديءَ ۾ ڀڳوان اچي واسو ڪيو.

ماڻهو چوڻ لڳا ته ويچاري سنت ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي جو اُنجون ٻانهون ٻڌي ڳنڍڙي ٻنائي ڪري هاٿيءَ اڳيان ڦٽو ڪيو اٿن. مگر هاٿيءَ ٻار ٻار اُن ڳنڍڙيءَ (ڪبير صاحب) کي نمسڪار ڪيو. تڏهن به اَڙي اِي سمجھ قاضي! توکي ٻوجهه نه پيئي. ٽي دفعا منهنجي چڱيءَ ريت پرک ڪيئي، ((١) گنگا ۾ ڦٽو ڪرڻ جي، (٢) باهه ۾ ساڙائڻ جي ۽ (٣) هاٿيءَ جي پيرن هيٺان لتاڙائڻ جي) تڏهن به تنهنجي ڪنور دل کي اعتبار نه آيو. ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته منهنجو گووند منهنجو راکو آهي. هي پرڀوُ تنهنجي داس (ڪبير) جي آتما هاڻي چوٿين پد يعني تُرِيا اوستا کي پهتي آهي. هاڻ مان تنهنجي سروُپ ۾ اِستر آهيان تڏهن مونکي پلا ڪنهنجو ڊپ ڊاءُ. اهڙي هئي ڪبير جي بي ڊپائي ۽ من جي اُتم اوستا.

جوتي جوت سمائڻ

ڪبير صاحب جي بابت ۾ ڏند ڪٿائون ته گهڻيئي آهن، مگر جن لاءِ ڪبير جي پدن ۾ يا ٻيءَ طرح ڪا ثابتي ڪانه ٿي ملي، تنهنڪري اُنهن جو هت ذڪر نه ٿو ڪجي. اها ته عالم آشڪار ڳالهه آهي ته ڪبير جي سڄي زندگي انڌ وشواس جي مخالفت ڪندي گذري. ماڻهن ۾ جا انڌ شرڌا ويٺل آهي ته جيڪو ڪاشيءَ ۾ مرندو سو سرڳ ويندو ۽ جيڪو مگهر ۾ مرندو سو نرڪ ۾ ويندو، انهيءَ وهم کي دور ڪرڻ لاءِ ڪبير صاحب پنهنجي ديهه تياڳڻ کان اڳ ڪاشي ڇڏي مگهر ويو. سندس چوڻ هو ته پنهنجي ڀڪتيءَ ڪري ٿي مان مڪتيءَ جو اڌڪاري آهيان. پاڻ فرمايو اٿس:-

مهاوَت تو ڪونَ مارِئون سانڱي،
اِسهه مرائِوُن گهالون ڪا
هَستي نہ ٽورِ ڏيانَ، واڪَنہ هِرِدي بَسَنہ ڀڳوا
ڪَها اَپراڌ سنت هَنہ ڪينهان،
باندِ پوٽَ ڪُنجَرڪو ڏين
ڪُنجَر پوٽِ بُهہ بَندنَ ڪَرئي،
اَجهوُن نَہ سوُجهنہ قاجي اَنڌ
تِينَ ٻيرَ پَتِيارا، مَن ڪنور اَجهوُن نہ پ
ڪهنہ ڪبير هَمري گووند،
چوُٿي پَدَ پَنہ جَنَ ڪو گَيَند

ارٿ- هي منهنجا گووند تون ئي منهنجو ٻل آه
ڏس تہ قاضي ٻار ٻار ڀيلوان کي پيو چئي تہ هاٿيءَ کي
متان هلاءِ (نہ تہ توکي مارائي ڇڏيندس). منهنجون ٻا
ٻڌي مونکي ڳنڍڙي ٺاهي هاٿيءَ اڳيان ڪري ڦٽو ڪي
۽ ڀيلوان ڪاوڙجي کيس ڪنڌو هنيو تہ هوُ مونکي لتا
مگر هاٿي مونکي ڏسي ڪيڪون ڪري ڀڄڻ لڳو ۽
ائين پئي چاتائين تہ هن مورت تان مان ٻلهار وڃان. ا
تي قاضي ڀيلوان کي ڌمڪائي چوڻ لڳو تہ جي تون
متان هاٿيءَ کي نہ هلائيندين تہ توکي چيرائي ٽڪرا
ڪرائي ڇڏيندس. پر هاٿي ڌوڙ بہ نہ چريو، چاڪاڻ تہ

ڪَهہ گُر گَجہ سِوَ سنيہؤ ڪو جاڻئہ،

مُئا ڪبير رَمَتا شِري رامئہ.“

ارٿ:- جهڙيءَ ريت مڇلي جل کان ٻاهر نڪرڻ تي تڙڦي ٿي تيئن ڪاشي ڇڏڻ ڪري منهنجو حال ٿيو آهي پُورب جنم ۾ مان تپ کان هيڻو هوس. هاڻي رام ٻڌاءِ، ته ڪاشي ڇڏڻ تي منهنجي ڪهڙي گت ٿيندي؟ ڪاشيءَ ۾ رهي گھڻيئي ورهيہ جپ تپ ڪيم. مگر مرڻ وقت وڃي مگھر ۾ واسو ڪيم. مون لاءِ ته ڪاشي ۽ مگھر ٻئي هڪ جهڙا آهن پر منهنجي ڀڳتي تمام ٿوري ڪيل آهي، مان پار ڪيئن پهچندس؟ (مگر ڪبير پنهنجيءَ مڪتيءَ لاءِ اَٽل وشواس هو.) هو رام نام جو جپ ڪندي شرير تياڳڻ وقت رام ۾ ئي رمي رهيو هو.

مٿي جو چاٽايل آهي ته ”ڪاشي ڇڏڻ ڪري منهنجو حال پاڻيءَ کان ٻاهر نڪتل مڇليءَ وارو ٿي رهيو آهي.“ انجو اهو مطلب نہ آهي ته ڪاشيءَ ۾ مرڻ ڪري ڪبير مڪتيءَ جي اميد هئي. مگر ٻنارس سندس جنم ڀونءِ هئي جنهنجي ڇڏڻ جو ذڪر ظاهر ڪيو اٿس ٻيءَ حالت ۾ پورڻ رام رام ۾ رمي رهيو هو؛ جنهنڪري ڪبير مڪتيءَ ملڻ جو پورو وشواس هو.

ڪبير صاحب جو جڏهن وقت سرڳواس ٿيو، تڏهن وقت سندس هندو شش جي مرضي هئي ته سندس اَگني سنسڪار ڪيو وڃي ۽ مسلمان چيلن جي مرضي هئي تہ ڪبير قبر ۾ دفن ڪيو وڃي. انهيءَ ڳالهہ لئي اڙدو ته جهڳڙو وڌي ويو جو ٻنهي طرفن کان تلوارون نڪري ويون. مگر هندو مسلم ايڪتا جي پريمي ڪبير جي آتما کي اها ڳالهہ ڪٿان ٿي

”جو ڪاسي تَنَ تجئہ ڪبيرا تو رامہِ ڪَها نِهورا ري.“

ارٿ:- جيڪڏهن مُڪتيءَ لاءِ ڪاشيءَ ۾ ڪبير چولو ڇڏي ته رام تي وري ڪهڙو ڀروسو ڪندو؟

ٻئي هنڌ به ڪبير صاحب ان ٻاري ۾ لکيو آهي:-

”هِرِدئہ ڪٺورَ مَرِيا بَنارسي، نَرَڪَ نہ بَنچِا جائي

هَرِڪو داس مَرَئہ جو مگهر، سينيا سَڪَل ترائي.“

”جَسَ ڪاسي تَسَ مگهر، اَوَسَر هِرِديہ رام سَتِ هوئي.“

ارٿ:- ڪٺور دل وارو ڀلي ڪري ڪاشيءَ ۾ مري ته به نرڪ کان ڇٽي ڪين سگهندو پر جي هريءَ جو داس مگهر ۾ مري ته پاڻ سان لشڪر به تاريو وڃي.

”جهڙي ڪاشي تهڙو مگهر، مگر هردي ۾ سچي رام جو واسو گهرجي.“

گرنٿ صاحب ۾ انهيءَ نسبت هيٺيون پد لکيل آهي:-

”جُون جَلَ ڇانڊِ باهر ڀيو مِينا،

پُورب جنم هَئُون تَپَ ڪا هِينا

اَب ڪَهہ رام ڪوَن گَتِ موري،

تَجَلي بنارس مَتِ ڀئي ٿوري

بهُتَ بَرَس تَپَ ڪِيئا ڪاسي، مَرَن ڀيا مگهر ڪي باسي

ڪاسي مگهر سَمَ وِيچاري،

اوڇي ڀڳتِ ڪئسي اُتَرَسِ پاري

اڌياءُ ٻيون

ڪبير صاحب جي شخصيت

"نا ڪُڇَ ڪِيا نَہ ڪَرِ سَڪِيا، نا ڪَرڻي جوڳ سَرِيرَ
جو ڪُڇَ ڪِيا سو هَرِ ڪِيا، تاتَئِين ڀيا ڪَبِيرَ، ڪَبِيرَ."

اَرٿ:- نَہ ڪُجھ ڪيم، نَہ ڪُجھ ڪَري سگھيس ۽ نَہ ڪُجھ ڪَرڻ جي لائق ني هوس. جيڪي ڪيو سو ڀڳوان ئي ڪيو، اُنهيءَ ڪَري ئي ڪَبير، ڪَبير (مَهان) ٿيو.

مٿئين پد ۾ ڪبير جو نالو ٻہ دفعا آيو آهي، جنهن مان ي مطلب ڪڍي سگهجي ٿو تہ ڪبير جنهنجو نالو آهي، سو ڪ ڏينهن ڪبير (The Great) مهان ٿي پيو. ٻيو ارٿ ڪبير جو ڪِبر (جنهن مان تڪبر لفظ ٿيو آهي) يعني هم جي هلڪائي نڪري ويئي ۽ مهان ٿجي پيو.

ڪبير صاحب پاڻکي ڀڳوان جو داس سڏائيندو هو ۽ ندس رضا لي ئي راضي رهڻ وارو شخص هو، پاڻکي رام ي در جو ڪتو ڪري سڏيندو هو.

"ڪبير ڪُتا رام ڪا، مُتِيا ميرا نانءُ
رام نام کي جيوڙي، جِت کئنچي تِت جانءُ."

آڻڙي؟ تڏهن آڪاس واڻي ٿي ته ”وڙهو ڇو ٿا، ڪفن لاهي ڏسو.“

ڪفن لاهي ڏسڻ تي ماڻهن جي عجب جي حد نه رهي، جڏهن اُنهن ڏٺو ته لاش جي بدران گلن جو ڍير لڳو پيو آهي. انهيءَ تي هندن ۽ مسلمانن اهي گل اَڌو اَڌ وراهي ڪنيان. هندن اُنهن گلن جو اگني سنسڪار ڪيو ۽ رک ڪاشيءَ ڪٺي وچي سندس سماڌي ٺاهي. اُهو هنڌ اڄ ب ڪبير چوڙي جي نالي سان مشهور آهي. مسلمانن وري اُنهن گلن تي قبر اَڏي. جيتوڻيڪ هيءَ ڳالهه به هڪ ڏند ڪٿا مثل آهي تڏهن به اِن پٺيان اَملهه ڀاونا آهي.

ڪبير صاحب جي مرتيوءَ بابت به گهڻيئي رايا آهن مگر هيٺئين دوهي مان سنبت ١٥٧٦ بيهي ٿو.

سَنبَتَ پَندِرَهَهَ سؤُ پَڇَتَرا، ڪيو مگهر ڪو گوَنَ
ماگَهه سُدي ايڪادَشي رَلو پَوَن ۾ پَوَن.

ارٿ- ڪبير صاحب سنبت ١٥٧٥ ۾ مگهر ۾ وڃـ جتي ماگهه سُدي گيارس تي جوتي جوت سمايو.

نيم سڃاڻان، تڪي محرم مان ٿي ڄاڻان. اُن هِڪ جو ٿي سمرڻ ڪريان جو هميشه قائم دائم آهي. تڪي پوڄا ڪريان تڪي نماز ٿي پڙهان، هِڪڙي ٿي نِراڪار کي هردي ۾ نمسڪار ڪريان. تڪي حج ٿي وڃان تڪي تيرٿ پيٺيان، جڏهن هِڪ کي سڃاڻم تڏهن ٻيو وري ڇا جو؟ ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته سڀ ڀرم ڀولا ڀڃائي دور ڪيم، هڪ ٿي نرنجن سان مَن لڳائيم.

هي پير پيغمبر، قاضي مُلان، روزا نمازون، اولهه يا اوڀر ڏانهن مُنهن ڪري ڀڳتي ڪرڻ سڀ غلط آهن، وغيره وغيره :-

هري رام - رحيم ڪريما، ڪيسو الله - رام ست سوئي،
بسمل ميٽ بسنڀر ايڪئه، اؤر نه دوجا ڪوئي،
اِنڪي قاضي مُلان، پير پيغمبر، روجا پڇم نوازا،
اِنڪي پورب دِسا ديو - دوِج - پوجا،
گيارس گنگه - دوارا،
ترڪ مسيت، ديهري هندو، دهونٿا رام خدائي،
جهان مسيت ديهرا ناهين، تهان ڪاڪي ٺڪرائي.
ندو ترڪ دوئو رهه ٽوٽي، ڦوٽي آر ڪنرائي،
دهه اُردهه دسهون دِس جت تت پُور رهيا رام رائي،
ڪهئه ڪبيرا داس فقيرا، اپني راهه چل ڀائي،
دو ترڪ ڪرتا ايڪئه، تا گت لکي نه جائي.

ارٿ:- ڪبير رام جو ڪتو آهي، موتي آهي سندس نالو منهنجي ڳچيءَ ۾ رام نام جي زنجير پيل آهي، هو جتي ڇڪيندو اوڏانهن ويندس.

ڀڳوان ڏانهن ايڏي داسُ ڀاوِنا هوندي ٻه، ڪبير باهرئين ڏيکاءُ، آچار ۽ آڏمبر جو سخت مخالفتي هو. ڪبير کان اڳ ڪوبه ڌرم آچاريه يا گروُ ڪونه ٿيو جو ايڏيءَ همٿ سان ساڌنا جي ڪيتر ۾ آيو هجي. هن سڀني ورتن، نيمن ۽ اُپواسن وغيره کي هڪدم ناقبول ڪيو. هن هڪ ايشور يا الله سان لڳن لڳائڻ جي ڪُلهي عام پَدرائي ڪئي. هن نڪو ڪو ديو ديوتا، نڪي ڪا پوجا يا نماز، حج يا تيرٿ يا ڪو وچون رستو ئي قبول ڪيو جنهنڪري هلندڙ پرمپرائن سان ناتو ڪري سگهجي. ڌرم يا سُڌار جي ميدان ۾ هو ناهه ڪرڻ سکيو ئي ڪونه هو.

"ايڪ نِرَنْجَن الله ميرا، هِندو تُرِڪ دُهوُن نهِين ميرا
راکوُن وِرْتَ نه محرم جانان، تِسَ سُمَروُن جو رَهَئه نِدانا
پوُجا ڪَروُن نَه نِمازَ گُذاروُن،
ايڪ نِراڪارَ هِرِدَئه نَمَسْڪاروُن
نان حَج جائوُن نه تيرٿ پوُجا،
ايڪ پِڇاڻيان تَئه ڪِيا دوُجا
ڪَهئه ڪبير ڀَرَم سَب ڀاڳا، ايڪ نِرَنجَن سوُن من لاڳا

ارٿ:- هڪ ئي نرنجن، اهوئي ايشور، اهوئي ا
نڪي هندو، نڪي ڪي مسلمان منهنجو آهي. نڪي و

هو سچ جو جگياسو هو، ڪو به موهه ممت يا دنيوي زندگيءَ اُن سچائيءَ جي رستي تان ڪيس هٽائي نٿي سگهيا. هن پنهنجو گهر جلائي ڦٽو ڪيو هو ۽ هٿ ۾ ٻرندڙ ڏياٽي کڻي ٻاهر ٻين کي ليڪ ڏيڻ لاءِ نڪتو هو ۽ اهو شرط هوس ته مونسان جيڪو هلندو تنهنجو به گهر جلائي ڦٽو ڪندس. پڻ شاهه صاحب چوي ٿو:-

"سوريءَ سڏ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون،
وڃڻ تن ٿيو، نالو نينهن کڻن جي." (شاهه)

انهيءَ ريت جي ڪبير صاحب جي رستي تي هلڻ چاهين ٿا تنکي سڀ تياڳ ڪرڻو پوندو:-

"هم گهر جارا آپنا، ليا مُرارا هاٿ
اَب گهر جارُون تاسڪا، جو چلئه هماري ساٿ."

ارٿ:- مان پنهنجو گهر جلائي چڪو آهيان ۽ هاڻ ٻرندڙ مشعال کڻي ٻاهر نڪتو آهيان، جيڪو مونسان گڏ هلندو مان انجو به گهر جلائي ڇڏيندس.

آهي ڪو سورمو، جو هن مست موليٰ سان گڏ اچي وڏي! هيءَ اهو مست آهي جو پراڻن ڪمن جو حساب رکي نه ڄاڻي، جو زمان حال جي ڪرمن کي ئي سڀ ڪجهه نٿو سمجهي ۽ جو آئينده لاءِ به پلئه ڇنڊي اٿي وڏي وڃڻ لاءِ تيار آهي. ڇاڪاڻ ته جو ماضيءَ جو ڇنو ڪولي هلي ٿو سو مستقبل يا آئينده کي پار نه ٿو ڪري سگهي. هيءَ پريم جو متوالو، پلا سندس دنيا سان مطلب ئي ڪهڙو؟ هو انهيءَ پريم جو متوالو هو جو پنهنجي محبوب سان هڪ ڪن به نٿي وڇڙيو. هو انهن ديوانن مان ڪين هو جي انجي پولا ر سر سان کڻن پڌيو گهمن ٿا. سندس پريتم ڪانئس دور ڪين هو. هن لاءِ جيڏانهن نهاريائين تي ليڏانهن صاحب

ارٿ:- منهنجو رامُ، رحيم ۽ ڪريم آهي. الله ۽ رام سڀ هڪ سَت جو نالو آهن. ساڳيو ئي بسمل ساڳيو ئي وشوَمڀر، ٻيو ڪو به نه آهي. اُنهن جا (مُسلمانن) ملان، پير، پيغمبر، روزا ۽ اولهه نماز آهي هنن جا (هندن جا) پوُرب ڏس ڏانهن ديوتائن جي پوُجا، گيارس ۽ گنگا آهي. تُرڪ مسجد ۾ ۽ هِندو مندر ۾ پوجا ڪَن، مگر ٻنهي هند رامُ ئي براجمان آهي. جتي نڪي مسجد، نڪي مندر آهي، اُتي ڪنهنجو راڄ آهي؟ هِندو ۽ تُرڪ ٻنهي پوري راهه نه پاتي، چاڪاڻ ته هيٺ مٿي ۽ ڏهن ئي ڏسڪن ۾ جتي ڪٿي رامُ رمي رهيو آهي. ڪبير فرمائي ٿو ته، اُڙي داس فقير، تون پنهنجي راهه هَل. هندن ۽ تُرڪن ٻنهي جو اُپائيڻهارُ هِڪ ئي آهي جنهنجي گت جاڻي نٿي سگهجي.

مگر ڪبير صاحب، اِتي به خاموش نه رهيو، هو هندن جي رامَ ۽ مُسلمانن جي الله کي به سلام ڪري لفظي ڏن مِيٽڻ لاءِ تيارُ آهي، هو ويدَ ۽ قرانَ کان بہ اڳتي وڌي چاهي ٿو:-

گَگَنَ گَرِ جَئہ تَهان سَدا پاوَس جَهرءِ،
هوتَ جَهنڪار نِتَ بَجَتَ تُورا،
بيد ڪَتيب ڪي گميہ ناهين تَهان،
ڪهئہ ڪبير ڪوئي رَمئہ سُورا.

ارٿ:- ڪبير داس جو واسو اُتي آهي جتي سد آڪاس ۾ انهد نادُ جي جهنڪارَ لڳي پيئي آهي ۽ ٽيئون وَجن ۽ برسات پيئي پوي. جتي ويدن ۽ قران جي پهچ ڪانهي. ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته اهڙي هنڌ تي سور بير ئي ڪيلي سگهندو.

پرم پرش فقط بدني ۽ مَن جي قوائد يعني ٻاهرين ڪِريائُن ڪرڻ سان حاصل ڪينَ ٿيندو، اها جڙ چِت جي فقط ڪلپنا آهي. ٻاهريون ڪريائون ڇڏي سچي گِيان کي حاصل ڪريو. گيانَ کانسواءِ يوڳُ اجايو آهي. جيڪڏهن پنڊ ۾، تنهن ۾ ٻه وَري گگن غفا ۾ گهٽ گهٽ واسي ٻراجمان آهي ته ٻاهر وَري ڪير آهي؟ جيڪو چوي ٿو تَه هوُ فقط گهٽ اَندر آهي سو ٻاهرين دُنيا کي شرمسارُ ڪري ٿو ۽ جو چوي ٿو ته هوُ پنڊ ۾ يعني اَندر آهيئي ڪونه سو به ڪوُڙو آهي. ڪبير صاحب حيرانُ آهي ته هِنَ اڪٿ جي ڪَٿا جو ڪهڙيءَ ريت ڪٿن ڪريان:-

”ڀيِتَرَ ڪَهوُن ٿو، جَڳمَڳ لا جَڳ،
ٻاهِرَ ڪَهوُن، ٿو جهوُٺا لو،
ٻاهَرَ ڀيِتَرِ، سَڪَل نِرَنتَرَ،
گُر پَرِتا پَئَن ديِٺا لو،
مَٿَن ڪيهِ رِڌ ڪَٿئون گَمڀيِرالو.“

ارٿ:- جي چوان ته فَقط اَندر آهي تَ دُنيا کي لڄايان ۽ جي چوان ته ٻاهر آهي ته ٻِ ڪوُڙ آهي. ٻاهر اَندر، سَڀ ڪنهن ۾ ٻيان وياپيءَ، گرُوءَ جي پرتاپ سان ڪيسِ ڏِٺو اٿم. تنهن هوندي به اُن گهر گمڀير جو ڪهڙيءَ ريت ڪَٿن ڪريان؟

ڪبير جنهن سائينءَ جي سادِنا ڪئي ٿي سو ڪو مُفت ۾ مِلڻ وارو ڪينَ هو. اُن رامَ سان ته سر جو سوُدو هوسِ:-

”سائين سيڱنت نه پائيئي، ٻالڪان مِلَڻ نَه ڪوءِ،
ڪبير سوُدا رام سوُن، سِرَ بِنَ ڪَدءِ نه هوءِ.“

سامهون هو. جيڪا ٻرئل گهاگهر آهي تنهن ۾ ڇا ڪرڻ چاهجي؟ جتي دُوئيت (ٻئي) پاڻوَنا مِٽي وڃي هُجي، اُن عجب مستيءَ ۾ ترڪ ڇاجي، ڦٽڪو ڇاجو:-

"جو بِڇڙي هئن پياري سي، ٻِنڪتي دَر بدَرِ ڦرتي،
همارا يــارَ هئه هَمَ ۾، هَمَن ڪـو اِنتظاري ڪِيا؟
نه پَل بِڇُڙي پِيا هَمَ سين، نه هم بِڇڙي پِياري سي،
اُنهين سي نيهه لاڳي هئه، هَمَن ڪو بيقراري ڪِيا؟
ڪبيرا عشق ڪا ماتا، دُئِي ڪو دُور ڪَر دِلَ سي،
جو چَلنا راهه نازِڪ هئه، هَمَن سِر بوجهه ڀاري ڪِيا."

ڪبير صاحب هٺ يوڳ جي ڪريائن جو به ڇڱيءَ ريت اڀياس ڪيو مگر جڏهن ڏٺائين ته اها فقط هڪ بدني ڪشرت آهي؛ جنهن مان فقط اندرين وغيره تي ئي ضابطو حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ اُن مان آخرين سچ حاصل نٿو ڪري سگهجي؛ تڏهن ان کي ڇڏيائين، جنهن ۽ سنڪوچ جي ظاهر ڪيائين:-

"آسمانَ ڪا آسرا ڇوڙ پياري، اُلَٽ ديکه گهٽ آپنا جي،
تُم آپَ ۾ آپَ تحقيق ڪرو،
تُم ڇوڙو مَنَ ڪي ڪلپنا جي."

ارٿ:- آسمان معنيٰ ڏسوين ڏوار، يعني چنڊ جي جوت جو آسرو ڇڏي، سهج سماڌيءَ ۾ اچي پنهنجي گهٽ اندر اُنکي ڳول ۽ هي مَن جون ڪلپنائون ڇڏي محبوب کي پنهنجو پاڻ ۾ ڦول.

جو ڪم نه آهي، جيڪو ٻيڙ لاهي تريءَ تي رکندو سوئي هڙيءَ جو ٽالو وٺي سگهندو. جو ماڻهو ٻانڪي رامَ جي ڏر جو ڪتو سڏائي بلڪل نماڻو ٿي بيهي سگهي، سو پنڊت يا شيخ، ملان مولويءَ يا جوڳيءَ ۽ اوڌوت تي هلان ڪرڻ وقت لاپرواهيءَ سان مزاڪ ڀري ٻولي استعمال ڪري سگهي؛ ۽ نقطچيني نه اُن طرح جي جو ڇوڙڻ وارو ڇپن ۾ پيو مشڪي ۽ ٻڌڻ وارو ڦٽڪندو رهي. وري جي اُنجي جواب ڏيڻ جي ڪوشش به ڪري ته پائين ته ٻانڪي وڏيڪ ڪلڻ هاٻ ڪندس. ڪبير صاحب اهڙي ئي قسم جو نقطچين هو:-

”نا جاني تيرا صاحب ڪئسا هئه
مسجد ڀيتر ملا پڪاري، ڪيا صاحب تيرا ٻهرا هئه؟
چئونٽي ڪي پڳ نيور باجي، سو ڀي صاحب سنتا هئه.
پنڊت هوءِ ڪي آسڻ ماري، لمبي مالا جپتا هئه،
انتر تيري ڪپٽ ڪترني سو ڀي صاحب لکتا هئه،
اونچا نيچا محل بنايا، گهري نينو جماتا هئه،
چلني ڪا منصوبا ناهين، رهني ڪا من ڪرتا هئه،
ڪوڙي ڪوڙي مايا جوڙي، گاڙ زمين ۾ ڌرتا هئه،
جيهه لهنا هئه سو لئه جئه هئه،
پاپي وهه وهه مرتا هئه،
ست ونتي ڪو ڳجي ملئه نهين، ويشيا پهري ڪاسا هئه،
جيهه گهر ساڌو ڀيک نه پاوي، ڀنڊوا کات بتاسا هئه،
هيرا پاءِ پرک نهين جانئه، ڪوڙي پرکن ڪرتا هئه،

ارٿ- "صاحب کي مفت ڪين ملي پوندو؛ تنهن کي ڳالهين ڪندي ملندو. سو سونهن ڪانسواءِ رام سان سودو ڪري نه ٿو سگهجي. هيءُ پريم جو سودو ڪو ماسيءَ جو گهر نه آهي جتي قدم قدم تي رسبو نه. فرمائش ثاب پوندي. هن گهر ۾ نه اهو ٿي گهڙي سگهي ٿو جو پهرين سِر لاهي ترِيءَ تي رکي.

"ڪبير يهه گهر پريم ڪا، کالا ڪا گهر ناهِن،
سيس اُتاري هاٿ ڪر، سو بئسي گهر ماهِن."

جنهن ۾ همت ناهي، اڪيلو پريم ۾ وشواس ناهي، اهڙي ڪائر جي هتي دال نه ڳرندي.

"پريم نه کيتئون نيپجئه، پريم نه هاٿ بڪاءِ."
"راجا پرجا جس رُچئه، سيس ديئه لئه جاءِ."

ارٿ- پريم نڪي ٻنين ۾ پيدا ٿئي، نڪي دوڪانن تي وڪامي، چاهي راجا هجي يا پرجا، سر ڏيئي خريد ڪري.

سوُرءِ سيس اُتاريا، ڇاڙي تن ڪي آس،
آگي ٿئن هرِ مُلڪيا، آوت ديکيا داس.

ارٿ:- سورهيه تن جي آشا تياڳي سر لاهي همت ڪئي، اهڙي داس کي ايندو ڏسي هري مرڪندو اڳيان وڌيو. (سندس آجيان لاءِ):-

ڀڳت ڏهيلي رام ڪي، نهين ڪاير ڪا ڪام،
سيس اُتارءِ هاٿ ڪر، سو ليسي هر نام.

ارٿ- رام جي ڀڳتي ڏاڍي ڏکي آهي، هتي ڪا

جڏهن هجي سو ٻاهريون زنجيرون ڪيئن ٽوڙي سگهندو؟ هن ڏٺو ته ماڻهو اندر وشواسن ۾ اهڙو ته جڪڙجي ويا آهن جو هو ڀلي ٻُري جو خيال ئي نه ٿا ڪري سگهن. ڌرمي غلاميءَ سان گڏ انهنکي سماجڪ غلامي اهڙو ته جڪڙي ڇڏيو آهي جو هو ڦاسي ويا آهن. چوڌاري نظر ڦيرائي ڏٺائين ته ڪيس هندو مسلمانن جي جهيڙن ڪان ذات پات جا ويڇا وڌيڪ رت چوسيندڙ نظر آيا. ڪاڏي پيتي، اُٿڻ وِهڻ ۾ به ڇوت ڇات ڏسي، سخت ڪلامي ڪندي هو باز ڪين آيو. چي:-

ايڪ هِي پَوَن ايڪ هي پاڻي،
ڪري رسوئي نياري جاني،
ماٽي سُون ماٽي لي پوتي،
لاڳي ڪَهُه ڪَهان ڏُون ڇوتي،
ڌرتي ليپ پوتر ڪينهي، ڇوت اُپايه ليڪ وِچ ديني،
يا ڪا هم سُون ڪَهُهُ بِچارا، ڪيوُن پوَ تَرِهُهُ اِهِ آچارا.

ارٿ:- هڪ ئي هوا، هڪ ئي پاڻي، ته به ڏسو ته جُدا جُدا ڪري رَسوئي ٺاهي اٿن. مٽيءَ کي مٽيءَ جو ليپو پاتائون، پوءِ ته اها ڇوت لڳي ڪٿان؟ ڌرتيءَ کي ليپو پاڻي پوتر ڪري ۽ ليڪو ڪڍي ڇوت ڇات مٽائڻ جو طريقو اختيار ڪيائون. انهيءَ ڳالهه جو ويچار ڪري مونکي ٻڌاءِ ته ڇا انهي خيالن توهين هي ڀوساگر (سنسار روپي سمنڊ) لنگهي پار پوندين؟ وَڌيڪ ڇوتا ڇوت لئي راهه رَنِي ڪندي وهاري راهمڻ جي ڪيئن ته تو چنڊري لاهي:-

ڪاهي ڪَون ڪيجهُ پاندي ڇوت وِچارا،

ڪهت ڪبير سُنو ڀائي سادو،
هر جَنسي ڪو ٺِسا هئہ."

ارٿ:- خَبر ٿي نہ ٿي پوي تہ تنهنجو صاحب ڪهڙو آهي؟ اَڙي مُلان مَسجد ۾ بانگون ڏيو پيو پُڪارون ڪرين. تُنهنجو صاحِب ڇا ٻوڙو آهي؟ ڇا توکي خبر آهي تہ ڪِٽليءَ جي پيرن ۾ وڄندڙ ڇير جو آواز بہ سائين ٻڌي ٿو. پنڊت ٿي ڪري ڏاڍا آسن لڳايو، لَمبيون مالهائون پيو ڄپين، پر تنهنجي اندر ۾ جيڪا ڪپٽ جي ڪَتڇي آهي، سا بہ سائين ويٺو ڏِسي. اونچا اونچا مَحل ماڙيون اَڏارائي، پنهنجون ٻاڙون پيو پُختيون ڪرين. هِتان هلڻ جو وچار ٿي لاهي ڇڏيو اٿيئي، اچا بہ رَهڻ جا پيو پَهہ پچائين. ڪوڏي ڪوڏي ڪري مايا ميڙي اٿيئي ۽ ڌرتيءَ ۾ پوري وٺو آهينس. جنهن لهڻو هوندءِ سو وٺيو ويندءِ، پاڻ تون وهي وهي مَري ويندين! پتور تا ناريءَ کي انگ تي پورو ڪپڙو بہ ڪونهي، لٽيون پيون لاڏ ڪن ۽ عمدا عمدا ڪپڙا پهرين. جنهن گهر ۾ ويچاري ساڌوءَ کي ڀکيا بہ نصيب نہ ٿي ٿئي اُتي پاند پيا پتاشا کائين (الوليون ڪن) هِيرا حاصل ڪري پرک ڪانہ ڪيئہ، هاٽي ڪوڏيون پيو پرکين. ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ ٻاڻي ساڌو سٽو، ڀڳوان جهڙي ڪي لهڙ آهي يعني سڀ کي چڱيءَ ريت سڃاڻي ٿو.

پولي آهي سا توڪزنيءَ پريل پر ٻڌندڙ کي ڌونڌار ڇڏي. جيتري ٿي آهي سادي سودي اوتري ٿي آهي ...

ڪبير صاحب آزاد طبيعت اِنسان آهي. سندس ڇوڌار شاربرڪ غلاميءَ جو گهيرو پيل آهي. مگر هوُ اها ڳا محسوس ڪري ٿو، تہ بَدني آزاديءَ کان اڳ خيالي يا ويچا جي آزادي ضَروري آهي. جنهنجو مَن ٿي غلامي ۾ پڙين ...

مسلماني حڪومت ۾ مسلماني دين اختيار ڪيو هو، مگر راڄ-ڌرم قبول ڪرڻ بعد به ڪيس اها خوش نصيبي حاصل نه ٿي، جو حڪومت ڪندڙ قوم جي منجهس ٻيگر اچي يا اڳين هيٺاين ڪان ڇوٽڪارو ئي حاصل ٿي سگهي. هو نالي ماتر مسلمان ٿيل ڪورين جي غريب سماج جا باشندا، غريبيءَ ۾ ئي پليا ٿي ۽ غريبيءَ ۾ ئي مري ٿي ويا. هنن لاءِ گيان يا علم جو دروازو بند هو. اهڙي ڪل ۾ پيدا ٿيل شخص لاءِ مٿنوئي اونچ نيچ جي ڀاونا ۽ ذات پات جو فولادي پڃرو ترڪ يا ٻمت جو باعث نه بڻجي زندگي ۽ موت جو سوال هو. ڪبير داس اهڙي ئي سماج جو رتن هو. اهڙي ماڻهوءَ لاءِ هن طرح جي خنده زني ڪرڻ سياوڪ هئي.

هتي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته ڪبير جي سموري سادنا هندو ڌرم جي ٻئي ڇيڙي ڪان شروع ٿي هئي. جنهن ۾ هن ويدن ۽ شاسترن ڪان الڳ رهي پنهنجي شخصي انڀوتي ئي آڌار رکيو هو ۽ پوري وشواس سان اڳتي وڌي رهيو هو:-

جَاڪي مَنَ وِشواس هَئِہ، سدا گُرُ هَئِہ سنگہ،
ڪوٽ ڪال جَهڪِجهورَهِين، ڪَئُو نہ هو چِتَ ڀَنگہ.

ارٿ- جنهنجي من ۾ پڪو وشواس آهي ۽ گرو جنهنجو ساٿي آهي اُنکي چاهي ڪروڙين ڪال ڪري ڏُنداريں ته به هنجي من ۾ ڀنگ نه پوندو.

ڇوڙهن ٿي اُپنا سنسارا،
ڇوت ڇوت ڪرتا تُم هي جائي،
ٿو گرڀ واس ڪاهي ڪؤ آئي،
جَنَمَ ڇوت، مَرَت هي ڇوت،
ڪهہ ڪبير هرڪي نِرمل جوت."

ارٿ:- اَڙي پنڊا، ڇوت ڇات جو ويچار ڪرين ٿي ڇو ٿو؟ هيءَ دنيا ٿي ڇوت مان پيدا ٿي آهي. ڇوت ڇوت ڪندو جي ڄائو آهين ته وري گرڀ ۾ ڇو ٿي آئين؟ جمندي به ڇوت، مٿي به ڇوت لڳي ٿي پيئي آهي. هڪ هري ٿي نرمل (پوتر ڇوت رهت) جوت وارو آهي.

جنم کان ٿي ڪو براهمڻ يا شودر، هندو يا مسلمان ٿي نه ٿو سگهي. انهيءَ ڳالهه کي ڪبير کهڙيءَ نه سڌي پر من ۾ چڀندڙ نموني نروار ڪري ٿو.

ڪبير صاحب کان اڳ ۾ به ڪيترا سڌ ۽ جوڳي ٿيا، جن به اهڙي قسم جي حملي ڪندڙ ٻولي استعمال ڪئي آهي، مگر انهن ۾ رکو ڪروڌ آهي، ڪبير وانگر مذهبي لاپرواهي ڪانهي، نڪي ڪي ڪبير واري مستي ئي آهي، تيزي آهي مگر ڪوملتا ڪانهي. ڪبير جي هن نوڪبازيءَ حملي واري ٻوليءَ ۾ به هڪ قسم جو رس آهي، جيئن آهي اهڙيءَ ريت جتي هن لاپرواهيءَ جو زوره ڏيکيو هو اُت وري هن کي پاڻ ۾ به پورڻ وشواس هو.

ڪبير اُن سماج ۽ ڪٽنب ۾ پليو هو جو نڪي هن
اُنکي عزت جي نگاهن سان ڏسندا هوا ۽ نڪي و
مسلمانن ٿي کيس پوريءَ ريت قبول ڪيو هو. ٻاهرين ل
لالچ جي ڪري يا اندرين ڏکن سهڻ ڪري سندس س

اڳ جا لکيل آهن. ”مشر بنڌو ونود“ ۾ اٽڪل ٤٥ ڪتابن جا نالا ناگري پرچارڻي سڀا ڪاشيءَ وارن جي رپورٽ موجب ڄاڻايل آهن. ڪبير صاحب جو مکيه ڪتاب آهي ”ڪبير بيجڪ“ جنهنجا هيٺيان ١١ انگ آهن. ١- رمئني ٢- شبد ٣- گيان چوٽيسا ٤- وِپر متيسي ٥- ڪَهِرا ٦- وسنت ٧- چاچر ٨- بيلي ٩- برهُلي ١٠- هنڊولا ۽ ١١- ساکي. ڪن وري انهن مان هڪ هڪ انگ کي جدا ڪري جدا جدا پستڪ ڪري بنايا آهن. تنهن کانسواءِ ”پريه ٻهڇانوي کو انگ“ ۽ ”ستسنگ کو انگ“ وغيره ڪتاب ساکيءَ جو ئي جزو آهن. هيلتائين جدا جدا ودوانن جي کوجنا موجب ڪل ٦٨ ڪتابن جي فهرست ملي ٿي جا هيٺ ڏيکارجي ٿي. *

---

* آد ٽهرا- انُراڳ ساگر- امر مول- عرض نامه- الف نامه- اکشر کنڊ کي رمئني- اکشر ڀيد کي رمئني- آرتي- اگر گيتا- اگر گيان- مول سڌانت- ڪبير اور ڌرمداس کي گوشٽي- ڪبير کي باني- ڪبير اشٽڪ- ڪبير گورک گوشٽي- ڪبير جي کي ساکي- ڪبير پرچه کي ساکي- ڪرم ڪانڊ رمئني- ڪايا پنجي- چوڪا پر کي رمئني- چوٽيسا- ڇپئه- جنم ٻوڌ- تيسا ينتر- نام مهاتم کي ساکي- نرڀئه گيان- پيه ٻهڇانوي کو انگ- ٻکار- ٻاراماسي- بيجڪ- برهم نروپڻ- ڀڪتي کا انگ- رمئني- رام رکيا- رام سار- رکتا- وچار مالا- وويڪ سار- شبد الهه ٽُڪ- شبد ونشاولي- سنت ڪبير- بندي ڇور- ست نامه- سادو کو انگ- سُواس گنجار- هنڊورا- هنس مُکتاولي- گيان گوڌري- گيان سُرودي- گيان ساگر- گيان سمبوڌ- ۽ گيان استوتر.

اڌياءُ ٽيون

ڪبير جون رچنائون ۽ ٻولي

اِها ڳالهه عالم آشڪار آهي ته ڪبير صاحب اڻ پڙهيل ڪين هو، جا ڳالهه هن پاڻ قبول ڪئي آهي:-

”مَسِ ڪاڳَدَ ڇُيو نَهينِ، قلمُ گَهو نَهينِ هاٿِ.

(مون مس ڪاغذ کي هٿ به ڪين لاتو ۽ نڪي ڪڏهن قلم ئي کنيم) ته به هن صاحب گهڻيئي رچنائون ڪيون جي هنجي چيلن ڪتابن جي صورت ۾ آنديون. ڪبير صاحب کي جدا جدا پرانتن جا ڪيترائي شش هوا جي پنجاب ڪاٺياواڙ اتر پرديش ۽ بهار تائين ڦهليل هوا، جنهن هندو به هوا ته مسلمان به هوا. شڪ ني آهي ته انهيءَ ڪري ئي سندس رچنائن جدا جدا ٻولين جا لفظ اچي ويا هجن ۽ اُچارن ۾ به انهيءَ ڪري تفاوت ئي ويو هجي. ڪيترن سنتن ته ڪبير ڪانچ سندس نالي ۾ به رچنائون ڪيون جي ڪبير جي ٻاڻيءَ شامل ٿي ويون آهن. ته رڳو ٻاڻيون پر ٻين جا لکيل ڪتاب به سندس نالي ظاهر ڪيا ويا آهن. انهيءَ ڪري ڪ صاحب جون سڀ پڪ کري ٻون رچنائون آهن سو ڄاڻڻ ڏکيو ٿي پيو آهي.

ويسڪٽ صاحب، ڪبير صاحب جي ٨٢ ڪتابن جا ڄاڻايا آهن. مگر اُنهن ۾ ”ڪَبير ڪسوٽي ۽ ڪَبير منصور وغيره به ڄاڻايا ويا آهن، جن لاءِ چوڻ ۾ اچي ٿو ته اَڌ ص

ڀڳوداس) چورائي ڪڍي ويو جنهن لاءِ ڪبير صاحب لکيو آهي ته:-

"ڀڳوداس ڪي خبر جنائي،

لي چرڻامرت ساڌ پيائي

ڪوئو آپ ڪهه ڪالنجر گيئو،

بيجڪ گرنٿ چوراءِ لي گيئو

ستگر ڪهه وهه نگرا ڀنٿي،

ڪاءِ پيئه لي بيجڪ گرنٿي.

ارٿ:- ڀڳوداس نسبت خبر پئي ته هن ساڌن کي چرڻامرت پئي پياريو ۽ بيجڪ گرنٿ چورائي ڪڍي ويو، ستگر فرمائين ٿا ته اهو بيجڪ اهو نگرو ڪڍي ويو ته ٿي، ڇا پيو." (شايد وري نئين سر تيار ڪيو ويو ٿو ڏسجي).

انهيءَ ڪري بيجڪ ٿي سند جي صورت ۾ قبول ڪيو وڃي ٿو. بيجڪ ۾ ٨٤ رمئينيون آهن جي چوپائين ۾ لکيل آهن ۽ ڪيتريون اهڙيون چوپايون آهن جنجي هيٺان وري ساکيون لکيل آهن. ساکيءَ جي معنيٰ اها آهي ته جڻ ڪو ٻيو شخص رمئينيون لکندو هجي ۽ رمئين جي وياکيا Defination جي صورت ۾ ڪبير جي ساکي يعني شاهدي پيش ڪيل هجي. گروءَ کي ساکي (شاهد) ڪري ڪا ڳالهه چوڻ جي رسم ڪبير صاحب کان ۾ گهڻو اڳ هئي. جالندر ناٿ جي شش ڪرشنا پاد (ڪڻهپا) لکيو آهي ته "ساکي ڪَرَبَ جالندر پائي" ڏنو ويو ته جالندر ساکيون پئي لکيون). بيجڪ وانگر ٿي ڪبير جون ساکيون پرماڻ روپ ۾ قبول ڪيون ويون آهن.

انھن ڪتابن مان ”ڪبير گورک گوشٽي“ ۽ ”محمد ٻوڌ“ جي ٻاري ۾ ڊاڪٽر رامڪمار ورما کي شڪ آهي ته اهي ڪي ڪبير صاحب جا آهن، ڇاڪاڻ ته ڪبير صاحب ڪنهن گورک ناٿ جي وقت ۽ نڪي محمد صاحب جي وقت جاول هو. انهيءَ ڪري ڪبير صاحب جي انهن سان ڳالھ ٻولھ ٿيڻ ناشدني آهي. ٿي سگهي ٿو ته گورک ناٿ کي ناٿ پنٿ جو عيوضي سمجهي پنهنجا رايا ظاهر ڪرڻ لاءِ ڳالھ ٻولھ جي صورت ۾ ”گورک گوشٽي رچيو ويو هجي.“ پر ”محمد ٻوڌ“ کي ته ڪنهن به صورت ۾ سند قبول ڪري نٿو سگهجي. اهڙيءَ ريت ڪبير جي ساکين ۾ پنهنجي نالي پٺيان ”جي“ لڳائڻ جي سبب ڊاڪٽر ورما اُنکي به شڪي سمجهي ٿو. پر جيئن ته اڳي ئي ڄاڻايو ويو آهي ته ڪبير صاحب اڻ پڙهيل هو، سڀ گرنٿ سندس چيلن ۽ پوئلڳن جي معرفت گڏ ڪيل آهن ۽ انهيءَ ڪري سياوڪ آهي ته عزت جي خيال کان سندس شبدن جي پٺيان ”جي“ لفظ ڳنڍيو ويو هجي.

ڊاڪٽر بڙٿوال ”ٻيد سار“ ۽ ”آدي ٽڪسار“ نالي ڪتاب به ڪبير صاحب جا لکيل سمجهي ٿو.

شري وشوناٿ سنگهه ديو پنهنجي ٽيڪا جي پڄاڙيءَ ڪبير صاحب جو هڪ پد لکيو آهي جنهن موجب ”ٻيجڪ کي وڏي پرماڻڪ يا سند ڪري مڃيو آهي.

”سنتو ٻيجڪ مَتَ پَرماڻا“ يعني ٻيجڪ جو مت پرماڻ (ثبوت) آهي. ڏسجي اِئين ٿو ته ڪبير جي جيئري ئي ڪيترا اهڙا پستڪ ڪبير جي نالي ۾ لکيا ويا هجن جي ڪبير جي مت جي برخلاف بيان هجن. خود ڪبير صاحب جي اصل لکاڻ ٻيجڪ لاءِ به شري وشوناٿ سنگهه جا آهي ته اُهو ڪتاب ڪبيرداس جو شش ڀڳوانداس (

بنگال جي شري ڪشت موهن سين "ڪبير ڪي پد" نالي ڪتاب ڇپايو آهي. اهي پد هن صاحب ڪنهن ڪتاب تان نه ورتي جدا جدا ڀڳتن جي واتون ويٺي ڇيل پدن مان گڏ ڪري ڇپايا آهن. جن مان ١٠٠ پد چونڊي مهاڪوي رويندرناٿ ٽئگور سندن انگريزيءَ ۾ One hundred poems of Kabir نالي ڪتاب ڇپايو آهي.

ڪبير صاحب جي ٻوليءَ نسبت رايو ڏيڻ ڏکي ڳالهه آهي. چاڪاڻ ته اها کچڙي ٻولي آهي. جيتوڻيڪ پاڻ لکيو اٿس ته "ميري ٻولي پوربي" ته به سندس ٻوليءَ ۾ کڙي ٻولي، پنجابي، راجستاني، عربي، فارسي وغيره ٻولين جا لفظ چڱي انداز ۾ استعمال ٿيل آهن. جيتوڻيڪ ڪيترا ودوان سندس ٻوليءَ کي ساهتيڪ ٻولي نٿا ڪوٺين مگر سچ ته هيءَ آهي ته ٻوليءَ تي ڪبير جو زبردست ضابطو آهي. هو واڻيءَ جو ڊڪٽيٽر آهي. جا ڳالهه هن جنهن صورت ۾ ظاهر ڪرڻ چاهي آهي انکي انهيءَ روپ ۾ ٻوليءَ ڪان چوائي سگهيو آهي. ٻولي ڪبير اڳيان لاچار نظر اچي ٿي. هُن پار (ٻي دنيا) جي اَڪٿ ڪهاڻيءَ کي دل ڪش صورت ۾ پلٽڻ ۾ جيڪا طاقت ڪبير جي ٻوليءَ ۾ آهي اها ڪن جزوي شاعرن ۾ آهي. لامحدود، اننت، برهمانند، آتما جو ساڪي پوت ٿي ميلاپ ڪرڻ وغيره اهڙيون ڳالهيون آهن جي واڻيءَ جي پڪڙ ۾ اچڻ مشڪل آهن. مگر حد ۾ رهي لاحد جي ميدان جي سير ڪندڙ ڪبير انهن گپت ۽ گنڀير ڳالهين کي ساڪيات ڪري پيش ڪرڻ ۾ جيڪا ڪاريگري ڏيکاري آهي سا لاثاني آهي. ڪنهن تي چوٽ ڪرڻ، خنده ڪرڻ ۾ ڪبير جو ڪوبه همدم ٿي نٿو سگهي. سندس مدح ميل کچڙي ٻوليءَ جو اهو ٿي سبب آهي جو هن جدا

ڪبير صاحب ۳٦٩ ساکيءَ ۾ ڄاڻايو آهي :-

”ساکي آنکي گيان کي، سَمُجھ ديکھ مَنَ مانهن
بِنَ ساکي سنسار کو، جهَگڙا ڇُوٽَتَ نانِهن“

(من ۾ سوچي ڏس ته ساکيون ئي گيان جون اکيون آهن، بنا ساکين سنسار جو جهيڙو نبيري نٿو سگهجهي.)

ڪبير پنٿين ۾ ڪبيرداس جي ”سُوبِم ويد“ جا چار بيد ڪيا ويا آهن (۱) ڪوُت واڻي (۲) مول گيان (۳) ٽڪسار ۽ (۴) بيجڪ واڻي. انهن مان ڪوُت واڻيءَ جو پرچار ڌرمداس ڪيو. ٽڪسار ڪرنانڪ جي چترڀج داس، (مول گيان) درڀنگاجي راه بانڪي جي ۽ شام ملا ڏويپ ۽ مانهر جي هيرا ميرانس جيءَ پرچار ڪيو.

بابو شيام سندرداس، ڪاشي ناگري پرچارڻي سڀا طرفان جيڪو ڪبير گرنٿاوليءَ نالي پستڪ پڌرو ڪيو آهي، اُن جو آڌار هڪ پراڻي هٿ لکيل ڪاپي آهي جا ۱٥٦۱ع ۾ لکي ويئي هئي. يعني ڪبير صاحب جي سرڳواس ٿيڻ کان اڳ جو اِهو ڪتاب لکيل آهي. اُلبت باقي ۱۴ ورهين جي اندر به ڪبير صاحب جون ڪيتريون رچنائون ٺهيل هونديون جي اُنهِ آيل نه آهن، تنهنڪانسواءِ گرنٿ صاحب ۾ جيڪي ڪبير جا پد چڙهيل آهن سي اُن گرنٿاوليءَ جي پڇاڙيءَ ڇپايا ويا آهن. ڊاڪٽر رامڪمار ورما وري گرنٿ صاحب ۾ چڙهيل ڪبير صاحب جي پدن جو ”سنت ڪبير“ نالي سان ڪتاب پڌرو ڪيو آهي.

انڪانسواءِ شري ايودڀا سنگهه اُپاڌيايه جو لکيل ”ڪ... و چناولي“ ۽ الله آباد جي بيلويڊيئر پريس مان ڇپ... ”ڪبيرداس کي شبداولي“ به وڏيءَ کوج ۽ محنت ... تيار ڪيا ويا آهن.

فارسي ۽ عربي لفظن جو استعمال نه جتي ڪٿي ڪيو ٿي اٿس، پر ڪي اهڙا به پد آهن جي خالص عربيءَ ۽ پارسيءَ سان ٿڦيا پيا آهن. هيٺيون پد ڏسو.

”هم رفت رهبرهُ سُمان، مَن خُردا سُمان بِسيار
هم زمين آسمان خلق، ڪُنند مُسڪل ڪار.“

ڪبير صاحب لفظن جي ڏاڍي ڀڃ گهڙ ڪئي آهي، جتي جو لفظ ٺهڪائي سگهيو آهي اُتي اُن لفظ کي ڀڃي ڊاهي ڦٻائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. ڪٿي ڪٿي سندس ٻولي ڳنوارو ٿيڻي لڳي ٿي پر اُنهن ۾ ڪڙي ڪڙي پڌائڻ ۽ سچائيءَ جي ميناج هئڻ ڪري ٻاڻ دلين ۾ ڀڃي پيئي آهي.

ڪبير جو ڪاويه (شعر)

ڪبير صاحب شاعري پنهنجي هنر يا ڪلا ڏيکارڻ جي خيال کان ڪانه ڪئي آهي. اُنجي ويچار ڌارا سچ جي ڳولا لاءِ هئي ۽ اُنکي ظهور ۾ آڻڻ ئي سندس مقصد آهي. سندس ويچار ڌارا زندگيءَ جي وهڪري کان الڳ يا نرالي نه آهي. اُنهي ئي سندس هردو رميو پيو آهي.

ڊاڪٽر هزاري پرساد لکي ٿو ته:-

”هندي ساهتيه جي هزار ورهين جي اتهاس ۾ ڪبير جهڙي شخصيت وارو ڪوبه ڪوي پيدا نه ٿيو. مهما ۾ هُن جي شخصيت پنهنجو ثاني فقط هڪڙو ڄڻو ئي ڄاڻي، سو هو تلسيداس. پر تلسيداس ۽ ڪبير داس جي شخصيت ۾ وڏو تفاوت آهي. جيتوڻيڪ ٻئي ڀڳت هوا ته به ٻنهي جا سڀاو، سنسڪار ۽ نقط نگاهه هڪ ٻئي کان بلڪل نرالا هوا.

جدا ڀرانئن جا خوب رنگ ڪيا ۽ ٻري ٻري جي ساڌن سنتن جو ستسنگ ڪيو، ڪڏهن ته ڏسندا ته هڪ ئي پد ۾ پنجابي ۽ راجستانيءَ جو ميل هوندو:-

اَنکَريان جهانئي پَڙي، پنٿ نِهار نِهار
جِيڀڙيان ڇالا پَڙيا، رام پُڪار پُڪار

جي انکڙيا، جهانئي ۽ جيڀڙيان پنجابي لفظ آهن ته پڙيا وري راجستانيءَ جو فعل آهي. پنجابيءَ جا مهاورا به استعمال ڪيا اٿس.

۱- رَل گيا آٽا لوڻ
۲- لوڻ وِلگا پاڻيان، پاڻي لوڻ وِلگ وغيره.

سنسڪرت جي ورجيه (ڪانسواء، چڏي) جو پنجابي اپڀرنش (بگڙيل) روپ "باجهان" لفظ آهي، اُنجو استعمال هيٺينءَ ريت ڪيو اٿس:

"پسنَ نه ميري چاهِئي، باجهه پياري تُجهه"

اپڀرنش ۾ سنسڪرت "ڪ" جو "گ" ٿي ويندو آهي جئين پرڪت جو پرگت. ڪبير صاحب ان نموني ڪيترائي من مانيا نوان نوان اُچار گهڙيا آهن. جئين اُپڪاريءَ ج اُپگاري وغيره.

سنسڪرت جا مهاپراڻ (جنجي اُچارڻ ۾ لمبو ساهه کڻ لفظ اپڀرنش ۾ "هه" سان بدلبا آهن. جئين شبد جو سب وغيره. ڪبير صاحب ته وري هڪ قدم اڳتي وڌيو آ يعني "هه" کي ڦيرائي مهاپراڻ لفظن ۾ به ڪتب آندو اٿ جئين سنسڪرت جو دهن لفظ کي ڦيرائي داجهن (ڏجه ڪيو اٿس.

ٽي ٻاهرين الڪارن (تجنيسن) جو ملمع ڪين چاڙهيو آهي ۽ تنڪي ڪي ڳولي ڳولي الڪار ڪتب آندا آهن. اُهي قدرتي سندس اَنڀوءَ جو نتيجو آهن.

سچي ڪلا لاءِ ڀاونا جي ضرورت آهي. ڀاونا جي لحاظ کان ٻاهرين آڊمبرن ۽ بندشن کان آزاد ڪلا ئي سچي ڪلا آهي. جيڪڏهن انهيءَ ڪسوٽيءَ تي شاعريءَ کي ڪسبو ته تمام ٿورا شاعر انهيءَ قطار ۾ اچي سگهندا. پر ڪبير جو آسڻ انهيءَ بلنديءَ تي اٽل آهي. جيڪڏهن سچ جي ڳولا ڪندڙ ڪبير جي شعر ۾ سچائيءَ کي آزادي نٿي ملي ته ٻئي ڪنهن هنڌ ملي نه سگهندي.

ڪبير جو شعر ٻه ٻين سنت ڪوين وانگر مڪتڪ آهي. مڪتڪ ڪاويه پنهنجو پاڻ ۾ مڪمل سُتنتر پورڻ آهي، اُن جو اڳين ۽ پوين پدن سان ڪو به سنبنڌ نٿو ٿئي، تنڪي پربنڌ (آکاڻيءَ ۾ هلندڙ شعر) ڪاويه وانگر پرسنگ ۽ سلسلي چالو رکڻ جي اُن ۾ گنجائش آهي. ڪبير ساکين ۾ دوهو شبدن ۾ پد ۽ رمئنين ۾ چؤپائي ۽ دوهو ڪتب آندو آهي. ڪانئس پوءِ تلسيداس ”رامائڻ“ ۾ ۽ ملڪ محمد جائسيءَ ”پدماوت“ ۾ ساڳيءَ ريت چؤپائي ۽ دوهو ڪتب آندو آهي. تفاوت رڳو اهو آهي، جو انهن ٻنهي پربنڌ ڪاويه (آکاڻي نما) لکيا. پر ڪبير چؤپائي ۽ دوهي جي هڪ ٻند ۾ هڪ ڳالهه ٿو لکي ته ٻئي ۾ ٻئي ڳالهه ٿو ڪري. چؤپاين ۾ سڌانت آهن ته دوهن ۾ وري سندس انڀون ۽ محسوسيت جي ساکي (شاهدي) پيش ڪيل آهي. اهو طريقو اپڀرنش ڪال کان وٺي هلندڙ هو جنهنکي ڪبير هنديءَ ۾ آندو. مڪتڪ جا اهي ٻه طريقا دوهو ۽ پد هنديءَ جي ٻولن ڪوين، سورداس، تلسيداس، جائسي ۽ بهاري وغيره شاعرن کي اپڀرنش ڪال سان ڳنڍيندڙ هڪ ڪڙي، ڪبير صاحب پيش ڪئي.

مستي، فقر سياڻ ۽ سڀ ڪنهن کي ڪڙي ڪڙي ٻڌائڻ واري
طبيعت ڪبير کي هندي ساهتيہ جو هڪ لاثاني شخص بنائي
ڇڏيو آهي. سندس ٻاڻيءَ ۾ سيني مٿان ڇايا وجهندڙ ۽
سيني کي جيتيندڙ شخصيت سمايل آهي. ڪبير جي ٻاڻيءَ
جي پيروي ڪري نٿي سگهجي ۽ پيروي ڪرڻ جون سڀ
ڪوششون اجايون ثابت ٿيون آهن. انهيءَ شخصيت جي
ڪري ڪبير جون چوٽيون ٻڌندڙ کي پاڻ ڏانهن زوريءَ
مائل ڪن ٿيون. انهيءَ شخصيت جي ڪشش کي همدرد
سمالوچڪ سنڀالي نٿو سگهي ۽ آخر ريجهي ڪبير کي
"ڪوي" سڏڻ ۾ ئي سنتوش حاصل ڪري ٿو. اهڙي
دلڪش حال اوريندڙ کي "ڪوي" نہ سڏجي تڏهن ڇا
سڏجي؟ مگر اها ڳالهہ وسارڻ نہ گهرجي تہ اها شاعراڻي
ذات ڪهس رونگ ۾ مليل هئي. ڪبير ڪوتا رچڻ جي
پرتگيا ڪري پنهنجون ٻاڻيون ڪين بنايون آهن. سندس
ڇندن (وزن - بحر) جي بناوت، ڳالهہ چوڻ جو عجيب
ڍنگ ۽ النڪار (تجنيس) وغيره سياويڪ آهن، هن انه
لاءِ ٻين شاعرن وانگر نڪي ڪي ڪلا جو ڏيکاءُ ڪيو آه
نڪي ڪي ٺاهہ ٺوهہ ڪئي آهي. شاعراڻي قاعدي جو نڪ
ڄاڻو هو ۽ نڪي قائل ئي هو. اها شاعري مستاني ڍنگ
جي هوندي بہ ميٺاج ۽ ٻيا لاڳہ لهيت ڪڙي سٽائڻ
سچ چوڻ جو جيڪو ڳڻ منجهس آهي تنهن سندس چو
کي اهڙو تہ دلڪش بنائي ڇڏيو آهي جو اهي پهاڪن
هر ڪنهن جي زبان تي آهن. جيتوڻيڪ ٻين شاعرن وا
سندس رچنائن جي مطلب ڪڍڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ
تڪليف ٿي نٿي محسوس ٿئي تہ بہ سندس "الف بانس
اڳيان وڏا وڏا شاعر ماٺ ڪايو وڃن. ڪبير پنهنجن چو

سچاڻي آھي سا ڪن ٿورن شاعرن ۾ لڀندي.

انھن سڀني ڳڻن ڪري ھنکي نہ فقط ڀڳتي ۽ شرڌا جي نگاہ سان ڏٺو وڃيٿو بلڪ انھن کان وڌيڪ ٻرھندڙ منجھس پريم ۽ شرڌا رکن ٿا. انھيءَ ڪري ھنجي سنت روپ سان گڏ ڪوي روپ بہ برابر ھلندو ھلي ٿو. ھو فقط نيتا يا گروئي نہ آھي بلڪ ساٿي ۽ دوست بہ آھي.

ڪبير جي دوهن ۾ اُپديش، سدانت ۽ ڪٿي ڪٿي رهسيه (راز وارين ڳالهيون) سمايل آهن. هن پنهنجن دوهن کي سچائيءَ جي آڳ سان تجليدار بنائي ڇڏيو آهي. ڪي ڪي دوها اهڙا ته اوچ سان ڀريل آهن جو جڻ چڻنگون ٿيون اُڏامن! سنتن ۽ سورمن واري بيان ۾ رچيل دوها انهو مثال آهن. جتي هو مايا تي ڪاوڙ ٿو ڪري اُتي سندس ڀيانڪ روپ جو درشن ملي ٿو. ڀڳتيءَ جي ڀاري ۾ رچيل دوهن ۾ پريم ۽ اوج جو عجيب ميلاپ آهي. جتي وري رهسيه (راز) واري واٽ اُچاري ٿو اُتي اَدڀُت رس (حيرانيءَ ۾ وجهندڙ) ٿو ريلا ڪري.

ڪبير هڪ ڀڳتل گياني آهي ۽ تنهنڪري سندس شعر ۾ گيان جا ڀنڊار ڀريل آهن. سندس گيان ٻين پوٿين مان چورايل گيان نه آهي. ۽ نڪي ڪي ٻڌل يا ٻڌايل ڳالهين جو ٻي ميل يا اَڻ نهڪندڙ ڀنڊار ٿي آهي. پڙهيل لکيل نه هو ڪين هو، مگر ستسنگ ڪندي جيڪي به ڳالهيون ڪيس معلوم ٿيون، اُنهنڪي هن پنهنجي وچار ڌارا جي معرفت مانسڪ هاضمي سان هر طرح پنهنجو بنائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. خود ٻاڻ فرمايو اٿس ته ”سو گياني جو آپ وچاري“ سندس گيان سُڪل گيان هوندي به، اوڇ جي لحاظ کان اهڙو سولو آهي جيئن سڪل ڪاٺ ٻاهه ۾ ٻرڻ سان جهٽ ٻري روشني ڏيندو آهي.

سندس ٻيا پد مڪتڪ آهن جي سنگيت جي يرنگ ني راڳڻ ۾ لکيل آهن. ايشور جي پرارٿنا يا ونه وارن پد کي ڇڏي ڪبير جي هڪ هڪ پد ۾ خود ظهور جي چاه آهي. سندس شعر ۾ وچارن جي محسوسيت وڌيڪ ۽ آهي. هو دل کان دماغ کي ۽ دماغ کان دل کي طاق پهچائڻ چاهيندو. ڪبير کي پنهنجي وشيه لاءِ جيڪا نشنا

تڏهن ڪبير صاحب وراڻيو:-

”جب لَگَ تاگا باهنُهِ بَهُهِ
تب لگہ بِسَري رام سَنيهي.“

جيستائين مان ڌوڪ ڏيئي نڙيءَ ۾ تاڳو وجهانثو تہ اهو وقت بہ مونکان پيارو رام وسري ٿو وڃي.

تڏهن سندس ماتا کيس سمجهايو تہ ابا تڏهن هنن ٻارن جو ڪهڙو حال ٿيندو؟

ڪبير صاحب وراڻي ڏني:-

”ڪَهَت ڪبير سُنو ميري مائي
هَمَرا، اِنڪا داتا ايڪ رگُهورائي

”هي ماتا، هنن جو ۽ منهنجو هڪ ئي رام راکو آهي. جو لکن ڪروڙن کي روزي ٿو رسائي.“

۲. سنسار موهہ ۾ ڦاٿل

هڪڙي مائيءَ، پنهنجي سڪيلڌي پٽ کي ڏاڍي پيار ڪيو ۽ چنيو چميو، تہ انتري ۾ ڪبير صاحب اچي اُتان لانگهائو ٿيو. مائيءَ کي هن ريت ٻار کي پيار ڪندو ڏسي ڪبير صاحب مشڪي ڏنو. انهيءَ جو سبب جڏهن شيوڪن پڇيو تڏهن وراڻيائين:-

”جَنَني جانَتَ سُتَ بَڙهوتَ هَئہ،
اِتناڪ نہ جاني جہ دِنَ دنَ اَوَڌ گهٽت هئہ،
مور مور کَر اڌڪَ لاڏَ ڌَرِ، پيکَت هئہ جِم راءِ هَسي،
ائسا تَئہ جگہ ڀرَم ڀُلائتا،
ڪَئسي بوُجهئہ جبَ موهتا هئہ مائتا،
ڪهت ڪبير ڇوڙِ بِکيا رَسَ اِتُ سنگت نِهچَئہ مرڻا.“

اڌياءُ چوٿون

منوهر ڪٿائون

ڪبير صاحب نسبت گهڻيئي ڪٿائن جا ڍير لکيا ويا آهن. مگر هتي فقط اُهي ڪٿائون سنڪيپ ۾ ڏنيون وڃن ٿيون جي زماني جي ترڪواد (دليل) جي ڪسوٽيءَ تي ڪسجي سگهجن.

١. ڪبير صاحب جي ڏنڌي لاءِ بيپرواهي

سوامي رامانند جي ستسنگ ڪرڻ ۽ وٽانس اُپديش و[ٺڻ] بعد ڪبير صاحب گهڻي قدر پنهنجو ڌنڌو ڇڏي رام نام ڇس لڳايو. تنهنتي سندس ماتا کيس سمجهائڻ لڳي:-

"تَنَنا بُننا سڀ تَجا ڪبير.
هَرِڪا نام لِکہ لِيا سَريرِ
مُس مُسِ رووءِ ڪبير ڪي مائي
ايهُ بالڪ ڪئسي جيوَهِ رگهرائي

ارٿ- هي ٻار، ڪبير ته اُڻڻ وغيره جو ڪم [ڇڏي] هريءَ جي نالي وڻڻ ڪي لڳي ويو آهي، سو ڪهڙيءَ گهر جو چرخو هلندو.

سپاهيءَ جي پڇا ڪرڻ تي ڪبير صاحب وراڻيو تہ ”اُبا، هو گهر ڀيو ائين ڳولي لهيس. سپاهي بہ گهڻي تلاش ڪئي پر چور هٿ ڪونہ آيس. چور جو ڪبير صاحب جي نياڻيءَ واري ڳالهہ تي سمهيو پيو هو، تنهن ۾ ذرو بہ شڪ نہ پيس ۽ موٽي هليو ويو. سپاهيءَ جي هلئي وڃڻ بعد چور اُٿي ڪبير صاحب جي چرنن تي ڪري معافي گهرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو، ”هي سنت! اوهان موٽي بيحد ڪرپا ڪئي آهي ۽ مان اوهانجو عمر ڀر ٿورو نہ لاهي سگهندس.“ انهيءَ تي ڪبير صاحب وراڻيو تہ ”هي پرڀوءَ جا پيارا، تون ڪو بہ فڪر نہ ڪر. هن ڪانپوءِ تون منهنجو ناٺي ٿي چڪين. هيءَ منهنجي ڪنيا اڄ ڪانپوءِ تنهنجي اِستري آهي.“ چور اِهو ٻڌي اکين ڪان بہ وڌيڪ روئڻ لڳو. ڪبير ڪيس هڪ نئي نظر سان نوازي ڇڏيو ۽ هوُ چور مان بدلجي پرم هري ڀڳت ٿي پيو. انهيءَ واقع ڪري ڪبير صاحب جي ڏاڍي نندا ٿيڻ لڳي. جڏهن اُنجي خبر ڪيس پيئي تڏهن هيٺيون شبد راڳ گوڙيءَ ۾ اُچاريائين:-

جب هم ايڪو ايڪَ ڪَرِ جانِئا،

تب لوگهہ ڪاهي دُکہ مانِئا،

هم اَپتَہ اَپني پَتِ کوئي،

هَمَري کوج پَرِءَ مَتِ ڪوئي،

هم مندي مندي مَن ماهِي،

ساجهِہ پاتِ ڪاهوُن سِئُہ ناهِي،

پَتِ اَپتِ تاکي نهي لاج،

(۱) ماتا سمجهي ٿي ته منهنجو پٽ وڏو ٿيندو ته وڃي،
پر اِنتري ۾ ٻوجهه نٿي پويس ته ٻار جي عمر وڃي ٿي
ڏينهون ڏينهن گهٽبي. منهنجو منهنجو چيو پيئي ڏاڍا لاڏ
ڪوڏ ڪريس پر اها ڳالهه ڏسي جم راجا پيو کلي.

هي ڀائو! تو اهڙو نه ڪري جڳت کي ڀرم ۾ ڀلايو آهي
جو مايا جي وس ٿي، هو لوڪي کهڙيءَ ريت ڄاڻي
سگهندو؟

ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا، ته هي ڀائي! وشين جو
سنگ ڇڏي ڏي. اُنهن جي سنگ ڪرڻ ڪري تون اوس
ناس ٿيندين.

۳. پاپين لاءِ به سم ڀاونا

ڪو چور ڪنهن شاهوڪار جي گهران چوري ڪري ڳنڍ
ٻڌي ٻاهر نڪتو، ته هڪ سپاهيءَ کيس ڏسي ورتو ۽ هڪ
ڪيائينس. تنهنتي چور اها چوريءَ واري هڙ اُتي ڦٽ
ڪري اُٿي ڀڳو. سپاهي به سندس ڪڍ ڪاهيندو آيو.
کيس گوهيون ڏيارهندو اچي اُتي پهتو، جتي ڪبير صاح
پوئينءَ رات جو اُٿي سنان پاڻي ڪري ڀڄن پاٺ ڪري ر
هو. سندس گهر جو دروازو کليو پيو هو. چور اندر گه
ويو، ۽ کيس سڄاڻ ڏسي سندس پيرن تي ڪري وي
ڪرڻ لڳو ته ”مان چور آهيان ۽ سپاهي منهنجي ڪڍ
پيو آهي، تنهن ڪري مون شرڻ ۾ آيل کي اُجهو ڏ
ڪبير صاحب فرمايو ته ”اَبا، تون ڪو اُلڪو نه ڪر.
کٽ جنهنتي منهنجي نياڻي سمهي پيئي آهي، تنه
تون به وڃي سمهه.“ چور به مٿ ڪري اُن کٽ تي
سمهي پيو.

سب مَهہ پَسرِئا برهم پسارا.
ڪهَہ ڪبير جانيگا سوءِ،
هردي رام مُکہ رامہ هوءِ.

ارٿ:- ڏس ته هوُ آسمان ۾ تارا پيا پسجن، اُنهنکي کهڙي نقاش چٽيو آهي. هي پنڊت پڏاء ته سهين ته آسمان ڪنهنجي آڌار تي بيٺو آهي. مگر اها ڳالهه ته ڪو وڏڀاڳي ئي سمجهي سگهندو. سورج ۽ چنڊ وغيره جي پرڪاش ڦهلائي رهيا آهن، اُنهن سڀني ۾ پرماتما جو پسارو آهي. هن راز کي اُهوئي سمجهي سگهندو جنهنجي هردي ۽ مکہ ۾ رام ٿو وسي.

٥٠. من روپي گھوڙي کي وس ڪرڻ

هڪڙي ڀيري ڪي پرهمي ڪبير صاحب وٽ، هڪ ڀلو گهوڙو سنجڻ سان سينگاري وٽي آيا ۽ عرض ڪيائون ته اهو گهوڙو اوهان لاء آندو اٿئون. اُنتي ڪبير صاحب فرمايو ته مونکي هڪ گهوڙو اڳيئي آهي تنهنڪري ٻيو وٺي ڇا ڪندس. پرهمي ششن پڇيو ته اسان ته توهان وٽ ڪڏهن به ڪو گهوڙو ڪونه ڏٺو آهي. ان تي ڪبير صاحب فرمايو ته مون وٽ من روپي اهڙو ته ڀلو گهوڙو آهي جو وٽان آسمان جا سير ڪندو ۽ هيٺيون شبد اُچاريائين:-

ديئہ مُهارِ لغام پَهراوءُ،
سگل تجي گگن دؤراوءُ،
اَپنئہ بيچارِ آسواري ڪيجئہ،
سهج ڪئہ پاوڙءِ پگہ ڌر ليجئہ،

تب جانَهِگِي جب اُکھڙيگو ڀاج ،
ڪھئہ ڪبير پَـتِ هـر پرِوان ،
سَرِبَ تِياگ ڀڄ ڪيول رام ۰

ارٿ:- جڏهن مون هـر ڪنهنکي هڪ ٽيي ڪري ڄاتو آهي تڏهن لوڪ انهيءَ ۾ سڙن ٻڇن ڇو ٿا؟ جيڪڏهن مان ٻي مانو آهيان ۽ ٻنهنجي ڀت کوهي ڇڏي اَئـم ته ڀل کو ٻيو منهنجي پيروي نہ ڪري. مان مندو آهيان ۽ منهنجو ڪنهن سان ۾ ڏي وٽ جو وهنوار ڪونهي. عزت مان يا ٻي مانائيءَ جي اوهانکي ڪهڙي ڄاڻ، پتو تڏهن پوندو جڏهن سائينءَ وٽ اوهانجي اوگهڙ ٿيندي. سچي عزت اُها آهي جا ڀرڀوُءَ وٽ قبول ٻـوي. انهيءَ ڪري هي جيو، تون سڀيئي سنسا مٽائي فقط رام جو سمرڻ ڪر.

۴. ڀرپو سر و وياپڪ

هڪ دفعي ڪو ناستڪ ڪبير صاحب وٽ آيو ۽ اچي چيائينس ته اوهين ته رام ڀڄن جو اُپديش پيا ڪريو ۾ مونکي ته رام ڏسڻ ۾ ئي ڪين ٿو اچي. هن سرشٽيءَ جو ڪاروبا ڀنهنجو پاڻـکان پاڻيهي پيو هلي. تنهنتي ڪبير صاحب هيٺيو شبد اُچاريو:-

اوءِ جـو ديِسَئہ آمبَرِ ٽـاري ،
ڪِن اوءِ چيتيِ، چيتن هاري ۰
ڪهہ ري ڀنڊت آمبَر ڪا سئُہ لاگا ،
بـوُجهي بـوُجهن هـار سڀـاگـا .
سـوُرج چنـد ڪـرَهـِـہ اُجيارا ،

۾ مبتلا آهيان، هنڙي جيئڻ کان مرڻ بهتر ٿو سمجهان. مسين
مسين ڪبير صاحب جو ڏس پيو آئُم. ڀُو ڪرم اهڙا ڪٿل آئم
جو اُنجو ۽ درشن نصيب نه ٿيم. مائي لوئيءَ کي مٿس ديا
آئي تنهن چيس ته ”آ ڀا، نااميد ڇو ٿو ٿين؟ سائينءَ وٽ
سڀڪي آهي. ڇا ڪر جو رام جو ٽي ڀيرا نالو جپي وڃي
گنگاجيءَ ۾ سنان ڪر. هنجي ائين ڪرڻ تي هنجو سمورو
روڳ دور ٿي ويو ۽ نئون بدن ٿي پيو. ڏاڍو خوش ٿي ماتا
لوئيءَ وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو ته موکي ڀڳت صاحب جو ڏس
ڏي ته ڳولي وڃي درشن ڪريانس؛ جو ڏسائڻو ته جڏهن
سندس استريءَ ۾ ايڏي شڪتي آهي، تڏهن ڀڳت صاحب
پاڻ نه الائي ڪهڙيءَ مٿيا وارو هوندو. ڏس وٺي اچي
ڪبير صاحب کي ڳولي لڌائين ۽ سندس چرڻن تي ڪري
پيو. ڪبير صاحب کيس ڏاڍي پريم سان اٿاري ڪائنس سمورو
حال احوال ورتو ۽ کيس آسيسا ڪئي. گهر موٽي پنهنجي
استريءَ تي اچي ڏمريو ڇي، ”اڄ تو رام جي نام جي گهٽتائي
ڪئي آهي. جن رام جي هڪ ڀيري ٿي نام وٺڻ سان
سڀ دک ناس ٿي وڃن ٿا، پر تو هڪ دفع جي بدران
کوڙهئي کان ٽي ڀيرا نام جپائي رام جي مهما گهٽائي آهي.“
۽ لوئيءَ کي گهر مان ڪڍي ڇڏڻ جو دڙڪو ڏنائين ۽
چيائينس ته هنڙي گناه لاءِ مان توکي ڇيرائي ڇڏيندس.“
تڏهن لوئيءَ جواب ڏنو:-

”ڪرِوَٽ ڀَلا نہ ڪَرِوَٽ تيري،
لاڳہ ڳلي سُنْ بنَتي ميري،
هئون واري مُکہ ڦير پياري،
ڪَرِوَٽ دي موکئون ڪاهي ڪوُن ماري.

چل ري وَئِڪُنٺَ تُجهَه لي ٽارءِ ،
هِچِئَه ٽو پريم ڪَئُه چابُڪ مارءِ ،
ڪَهت ڪبير ڀلي اَسُوارا ،
بيد ڪتيب ٽي رَهَئه نرارا .

ارٿ:- منهنجو گهوڙو تہ من آهي جنهنکي مهاڙو ڏنئي، لغام وجهي سيني سنساري وسٽن جي اِڇا ٽياڳ ڪري پيو آسمان جا سئر ڪرايانس؛ يعني ويراڳ روپي لغام سان من کي دنيوي واسنائن مان ڪڍي آلمڪ ميدان ۾ پيو ڊوڙايان. پنهنجي ويچار کي هنو بنائي، سهج سماڌيءَ روپي رڪاب ۾ پير وجهڻ گهرجي. هل ڙي گهوڙا، (من) تہ توکي سنسار ساگر مان پار اُڪاري وئڪنٺ ۾ وٺي هلان. ٽورو ۾ نه هلندي تہ توکي، پريم جو چهبوڪ هڻندس. ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ، جي ويدن ۽ ڪتيبن (اسلامي ڪتابن) جي ڪريائن کان الڳ رهي سادنا ڪن ٿا يعني پنهنجي آتما تي وشواس رکن ٿا سي ئي سچا ۽ پڪا سوار آهن.

٦. رام ۾ پورڻ وشواس

هڪڙو ڪوڙهيو، ڪوڙهه جي بيماريءَ مان اچي ڏاڍ
وياڪل ٿيو. گهڻن ئي حڪيمن ۽ ويڄن جا در پيٽيائين
ڪٿان بہ ڪين ڇٽو. ٻڌائيندو هو تہ اهڙي جيئڻ کان مر
بهتر آهي. آخر ڪيس ڏس پيو تہ ڪبير صاحب جي شر
ٻڌندي تہ سڀ ڏک دور ٿي ويندءِ. ويچارو ان ان جهاڳيند
اچي ڪاشيءَ ۾ پهتو ۽ پڇا ڪرائي ڪبير صاحب جي ڪ
تي آيو. ڪبير صاحب اُن وقت ٻاهر ويل هو. ماتا لوئي
اُن وقت گهر ۾ ويٺي هئي تنهنجي پڇڻ تي ڪوڙ
روئندي سڏڪا ڀريندي چيو تہ مان هن ڪوڙهه جي

ارٿ:- هي پيارا! پريو پاڻ ئي ٻاھ آهي ۽ پاڻ ئي هوا آهي. جي پاڻ جلائيندو ته ٻيلا ڪير رکيا ڪري سگهندو؟ رام جو نام جپيندي جي تن جلي خاڪ ٿئي ته ڇا شد، منهنجو من رام جي نام ۾ رميو پيو آهي. جڏهن سڀ ڪجهه سائينءَ جو آهي تڏهن ڪنهنجو گهر ٿو جلي ۽ ڪنهن کي نقصان ٿو رسي. هو سارنگ پاڻي، (وشڻو ڀڳوان) بازيگر جي کيل وانگر بازي کيلي رهيو آهي. ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته هي پريمي، ٻه اکر (رارو ۽ ممو) يعني رام جو نالو پيو جپ. جي اسانکي مالڪ ۾ پورڻ وشواس آهي ته هو ضرور اسانجي رکيا ڪندو.

٨. پٿر پوڄا

هڪ باغ ۾ مالهڻ گل پٽي چوندا. ڪبير صاحب کي ڏسي اچي سندس چرنن ۾ مستڪ نوايائين. ڪبير پڇيس ته "اهي گل ڪيڏانهن ڪنديءَ؟" جواب ڏنائين ته مندر ۾ وڃي ٺاڪرجيءَ تي چاڙهينديس. انهيءَ تي ڪبير صاحب کيس اپديش ڏنو ته "لوڪ، سڄي مالڪ کي ڇڏي اچي پٿر وڄا ۾ پيو آهي، جنهن مان نڪي وري نڪي سري ۽ يٺيون شبد چيائين :-

پاتي توڙءِ مالني پاتي پاتي جيءُ،
جس پاهن ڪئه پاتي توڙي سو پاهن نرجيءُ،
ٻولي مالني هئه ستگر جاگتا هئه.
برهم پاتي بسن ڏاري ڦول سنڪر ديو،
تين ديو پرتکه توره ڪره کس کي سيو،
پاکان گهڙ ڪئه مورت ڪيني ديکي ڇاتي پاءُ،

ارٿ:- تنهنجي منهن موڙڻ کان مون لاءِ ڪارائيءَ سان ڇيڙ جڙڻ بهتر آهي. مونسان گلي لڳي هڪ ڀيرو منهنجي وينتي ٻڌ. مون ڪهڙو گناهه ڪيو آهي جو تون مونکي ڪارائيءَ سان ڇيرائيندي. پڪ سمجهه ته ڇا ٻ ڪرين پر مان توکان منهن نه موڙيندس. آخر گهڻي نيزاريءَ بعد ڪبير صاحب لوئيءَ کي معافي ڏني.

٧. ڏوري ڏاتر هٿ ۾ آءُ ڪا پاڻ وهيٽي

هڪڙي ڏينهن ڪبير صاحب گنگاجيءَ جي ڪناري تي پٽن ويٺي هيو ته ماڻهو ڊوڪندا آيا چي، "اوهانجي گهر کي باهه اچي لڳي آهي ۽ اوهين هتي ويٺا آهيو؟" ڪبير صاحب فرمايو ته "اوهين ڪو به خيال نه ڪريو، پرماتما پاڻهي سولي ڪندو." اجا انهيءَ رد بدل ۾ هوا ته وري بيا ماڻهو ڊوڪندا آيا چي، "هاڻ ته هوا تيز پيئي لڳي ۽ باهه جهوپڙيءَ کي وڪوڙي وئي آهي. سنت وراڻي ڏني ته "جي سائينءَ جي مرضي هوندي ته اها جهوپڙي به سڙي وڃي، نه ته ڪير تري ڏيئي اُنکي بچائي سگهندو" ڪبير صاحب اجا اهي لفظ مکه مان مس ڪڍيا ته اوچ اچي برسات پيئي ۽ ڪبير صاحب جي جهوپڙي سڙڻ کا بچي وئي. اهو اچرج ڏسي ماڻهو ڪبير صاحب جي چر تي ڪري پيا. اُنوقت هيٺيون شبد اچاريائون:-

آپي پاوَڪ آپي پوَنا، جاري خَصَمُ ته راکي ڪَوَن
رام جپت تَنَ جَرِ ڪي نه جاءِ، رام نام چت رهئا سَما
ڪاڪو جَرءِ ڪاهه هوءِ هانِ،

نَتَ وَت ڪيلي سارَنگ پا
ڪههُ ڪبير اَکر ڏُءِ پاکِ، هوئگا خصم تو ليئگا را

ڳاهيو. اُنهن جا ٻُوڙ ٻڌا پيا هوا، نڪ ۾ نوڙي هٿن ۽ مٿن سڱنن جو سٽڪو پئي پيو. ٿوريءَ دير بعد هارين ڍڳا ڇوڙي اُنهنکي ڀاٽي پياريو ۽ سڪل گاهه جي ڪري مٿ ڏني. ڪبير صاحب جي ششن انهيءَ تي اهو سوال ڪيو ته هي ڪيڏو نه اَنياءُ آهي ته جيڪي محنت ڪن تنکي هڙ نه حاصل. هيڏي پورهيي ڪندي ۽ مار کائيندي به ويچارن کي سڪل گاهه کانسواءِ ٻيو ڪجھ به نصيب نه ٿيو. انهيءَ تي ڪبير صاحب فرمايو ته انهيءَ ۾ پرماتما کي ڏوهه نه ڏيڻ گهرجي. اِهو هميشه نياءُ ڪاري آهي. هي پيارا! هي جيڪي ڍڳا ڏسو ٿا سي پنهنجي اڳئين جنم ۾ وڏا ماڻهو ۽ شاهوڪار هوا. اُنهن غريبن کي پيڙي پنهنجي لاءِ سڀ سک ميسر ڪيا هوا ۽ ڌن پدارٿ جي مستيءَ ۾ اچي، ڪڏهن ڀڳوان کي ياد به نه ڪيائون ۽ پنهنجو منش جنم، جو تمام دُرلڀ آهي سو اَڪارٿو وڃائي ڇڏيائون. هي پنهنجي اُن ڪئي جو ڪيتو ٿا لوڙين. جيڪي جهڙو منش جيون جو لاڀ نه ٿا وٺن ۽ پاپ ڪرمن ۾ لڳا رهن ٿا تن جو حال هنن ڍڳن وانگر ٿيندو. سواءِ مانڪا، ديهيءَ جي، جيو اهڙو بيوس آهي جو گونگي زبان هئڻ ڪري تنکي ايشور جو نالو جپڻ سگهندو ۽ عقل نه هئڻ ڪري تنکي ڪي هو اُنجو ڌيان گيان ئي ڪري سگهندو. انهيءَ ڪري منش جوڻ جا تمام اَمولڪ آهي تنهنکي اَجايو نه وڃايو، ائين چئي هيٺيون شبد اُچاريائين:-

چار پاوَ دُءِ سِنگهه گُنگهه مُکهه، تب ڪَئسي گُنَ گئيهه،

اُونٿ بَمَنت نِينگا پِرِهئه، تب ڪَنت مُوڍ لُڪَئيهه،

هَرِ بِنَ بَئل براني هُئه هئه، ڦاٽي نا ڪنَ، ٽوٽي ڪا ڏَن،

جي ايهه مُورت ساچي هئه، تئه ڳيڻ ڌاري ڪائهِ،
ڀــاتَ ڀَتِ اَرُ لاپسي ڪَـرَ ڪراڪا سار،
ڀـوڳنَ هـاري ڀوڳئا، اِس مُورت ڪي مُکم چار،
مـالن ڀـُولـي جـگـهه ڀُلانا، هم ڀلاني نـــاهه،
ڪهئه ڪبير هم رام راکي، ڪرپا ڪر هر راءِ."

ارٿ:- هي مالهڻ! هيءَ جو تون گل ڦل ۽ پن پٽي چنين، سو پن پن ۾ ساهه سمايل آهي ۽ جنهن پٿر (ٺاڪر لاءِ هي پن پٽي چنين سو نه پهڻ آهي ۽ منجهس ساهه آهي ٿي ڪونه. هيءَ ماٿهو ڀليل آهي. سڄو سنگرو نه هميشه پ جاڳي. يعني انهيءَ نراڪار پرماتما کي ڏيائڻ سان ٿي د نورت ٿي ويندا. ڏس نه سهين جن پنن کي چنين ٿي انه مان برهما پنن ۾ آهي، وشڻو ٽارين ۾ آهي ۽ شو ڀڳوان گل ڦلن ۾ واسو ڪري ٿو. جڏهن تون ڏنا وائنا ٿي ديوتائو ٽوڙي رهي آهين تڏهن باقي پُوڄا ڪنهنجي ٿي ڪرين جنهن ڪاريگر پٿر جي ٺاڪر کي ٺاهڻ وقت سندس ڇا ٿي پير رکي گهڙيو، جي اها مورت سچي هجي ها ٺاهيندڙ ڪاريگر کي ٿي کائي وڃي ها (جنهن سند ٻي اُدبيءَ ڪري مٿس پير رکيو هو) چانور، دال، لپ ڪڙاڪيدار ڀوڄه نه کائڻ وارا (پوڄاري وغيره) کائي و پٿر کي ڪجهه به نصيب نه ٿيو. ڪبير فرمائي ٿو ته مالهڻ سان گڏ سڄو جڳ ڀليل آهي؛ پر شڪر جو مان نه ڀل جو رام ڪرپا ڪري منهنجي انهيءَ کان رکيا ڪئي.

٩. اَمولڪ منش جنم

ڪڏهن سمي ڪبير صاحب پنهنجن شش سان گ
هڪ ڀيءَ وڻان اچي لنگهيو. جتي ڪيترن ڏيڻ اَ

آهين. ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته:- ”اي منش، رام جي نام
کانسواءِ توکي پنهنجو سر ڏوڙي روئڻو ۽ پڇتائڻو پوندو.“

١٠. هري نام ئي سچي پونجي

هڪڙي ڏينهن ڪبير صاحب جي گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجهه به ڪونه هو، جنهنڪري ٻارن ٻچي رنو. سندن ماءُ کين چيو ته وڃي پنهنجي پيءُ کان گهرو. انهيءَ تي ڪبير صاحب جيڪو گهر ۾ ڪتيل سٽ هو سو وڃي ٢١ ٽڪن ۾ وڪيو. سٽ وڪڻي جڏهن گهر ٿي موٽيو ته واٽ تي ڏسي ته هڪ ڪاسائي هڪ ٻڍيءَ ڳاءِ کي ڪوس گهر ڏانهن وٺي ٿي ويو. ڪبير صاحب کيس گهڻوئي سمجهايو ته هن ڳئون کي ڇڏ. پر ڪاسائي چوي ته اهو منهنجو ڌنڌو آهي. جي نه ڪندس ته ٻار بک مرندا. ڪبير صاحب پڇيس ته آها! اڄ تنهنجي گهر جو گهڻو خرچ ٿيندو؟ وراڻي ڏنائين ٢١ ٽڪا. ڪبير صاحب به اهي ٢١ ٽڪا کڻي کيس ڏنا ۽ پاڻ گهر نه وڃي، جهنگ منهن ڏئي هليو ويو؛ جو سمجهائين ته گهر ويندس ته گهڻي مچندي. هوڏانهن سڄڻ ڀڳتن جو رکپال ڀڳوان هڪ شاهوڪار جي من ۾ اچي ويٺو. هُو هڪ خچر سون ۽ روپي جو ڀرائي ڪبير صاحب جي گهر آيو. پر مائي لوئيءَ ونڻ کان انڪار ڪيو ته: ”مان پنهنجي پتيءَ جي حڪم کانسواءِ هڪ ڪوڏي به انگيڪار نه ڪنديس.“ شاهوڪار کيس گهڻوئي سمجهايو ته ڪبير صاحب مون سان سوڌو ڪيو آهي ۽ هي انجو فائدو آهي. پر مائي لوئي هڪ ٿي ٿي پني ته اهو ڌن مونکي نه کپي. هوڏانهن شاهوڪار به ڇڏڻ جي نه ڪري. سندس اهو هٺ ڏسي مائيءَ لوئيءَ يو ته چڱو مونکي ڏس ڏيو ته مان کين ڪوٺي ٿي اچان. اهوڪار به ڪري ڏڪو هليو ته ڪبير صاحب فلاڻي هند

ڪوڙنِ ڪو پُسَ ڪئه هئه،
سارا دِنَ دولتَ بِنَ مهِئا، اَجهوُ نه پيٽ اگهيهئه،
جَنَ ڀڳتن ڪو ڪهو نه مانو، ڪيئو آپنو پٺهئه،
دُکه سُکه ڪَرَتَ مها پِرمَ بوُدو، اَنِڪ جوُن پِرِ مَئهئه،
رَتَن جنم کويو پرڀوُ بِسَرِيو، ايهه اوَسَر ڪَتَ پئهئه،
پِرِمَتَ ڦِرَتَ تِيلڪَ ڪي ڪَپِ جئه،
گتَ بنَ رَئنَ بِهئهئه،
ڪهتَ ڪبير رام نام بن، موُڍ ڏُنئه پڇِتئهئه.

ارٿ:- هي پيارا! جڏهن لوکي هنن ڍڳن وانگر چا
ٻيو ۽ ٻه سڱ هوندا، ۽ گونگو هوندين تڏهن ڪيئن پرمات
جا گڻ ڳائي سگهندين؟ جڏهن اُٺندي وهندي سو ٽ
سونٽا لڳندءِ تڏهن ڪٿي منهن لڪائيندين؟ جڏهن هر
جي ڍڳن ٻيان بيگانو ٻيل ٽٻي، تنهنجو نڪ چڙل هوند
ڪنڌ ٽٽو پيو هوندو ۽ لوکي ساوڙيءَ جو ٻوسو کارائيند
سڄو ڏينهن جهنگ ۾ گهمندي به تنهنجو پيٽ نه ڀربو.
پرشن ڀڳت جن جو چيو نه مڃيو آهي سي پنهنجن ڪر
جو ڪيترو لوڙين ٿا. تون ڏکن کي سک سمجهي مها پرم
ٻڌو پيو آهين ۽ انيڪ جوڻين ۾ ڀٽڪين ٿو. پرڀوءَ کي وسا
پنهنجو رتن روپي مانکا جنم ناس ڪيو اٿيئي، هن ڪا
وري اهڙو موقعو ڪٿان هٿ ايندءِ. تون تِلڪ جي گ
جي ڍڳي جيان سڄو ڏينهن پيو سنسار جي گهاڻي ۾ گه
پنهنجي آيو روپي رات، ٻيان گت حاصل ڪئي، وچائي

ارٿ:- هريءَ جو نام ئي مهنجو ڌن آهي، جو نڪي
ڳنڍ ٻڌجي سگهجي ۽ نہ وڪامي سگهي. نام ئي مهنجي
ٻنيءَ ٻارو آهي. هي پرڀو! آءٌ داس تنهنجي شرڻ پئي
تنهنجي ڀڳتي ڪريان ٿو. مهنجي لاءِ ڌن يا پونجي بہ هري
نام آهي. هي پتا، توکي ڇڏي مان ڪنهن وٽ نہ ويندس.
نام ئي مون لاءِ مائٽ ۽ سڳو ڀاءُ ڀرائي آهي. نام ئي مونسان
سنگ رهندو، جو انت ويلي مهنجي سهائتا ڪندو. ڪٻير
صاحب فرمائي ٿو، تہ جنهنکي پرڀوءَ سچو ويراڳ ڏنئي مايا
کان پري رکيو آهي، مان انجوئي داس آهيان.

وينو آهي. مانيءَ لوڻي اُنکي ڳولي همت ڪري آئي. ڪبير صاحب ٻه ٽڪا ڪئي هم اڪا لهر، اهو ڏن وٺي غريبن کي وراهي ڏنو. ڪبير صاحب گهرج کان وڌيڪ پاڻوت ڏن رکڻ جي برخلاف هو ۽ چوندو هو:-

پاڻي ٻاڍي ناؤ ۾، گهر ۾ ٻاڍي دام،
دونون هاٿ اُليچئي، يهي سجن ڪو ڪام.

ارٿ:- جي ٻيڙيءَ ۾ پاڻي وڌي ۽ گهر ۾ ڏن وڌي ته سجڻ جو ڪم آهي ته اُنهنکي ٻنهي هٿن سان ڪڍي ٻاهر ڪري. (نه ته ٻيڙي ٻڏي ويندي ۽ گهڻي ڏن هئڻ ڪري گهر ۾ ٻه پاپ وڌندو). سندس ششن گهڻوئي چيس ته ڪجهه ڏن پاڻ لاءِ پاسيرو ڪري رکو پر ڪبير صاحب فرمايو ته مون وٽ هري نام روپي گهڻوئي ڏن آهي جنهن جهڙو اُ ڏن دنيا ۾ ٻيو ڪونهي، ۽ هيٺيون شبد اُچاريائين:-

اِهه ڏنُ ميري هَرِڪو ناءُ،
گانٺ نه بانڌءِ، بيچِ نه کاءُ،
نام ميري کيتي نام ميري باري،
ڀڳت ڪرءُ جَنَ سَرَنِ تُمهاري،
نام ميري مايا، نام ميري پونجي،
تُمهه ڇوڙ جانءُ نهين دُوجي،
نام ميري ٻنڌَپ نام ميري ڀائي،
نام ميري سنگِ اَنْتِ هوءِ سهائي،
مايا مَهه جِسُ رکي اُداس،
کهه ڪبير هئُه تاڪو داس.

گهر ڪري ويا هوا. سڌ ۽ يوگي ٽانترڪ پوڄائن وسيلي، جنتا تي اثر وجهي رهيا هوا. انهن ۾ گرو گورک ناٿ ودوان ۽ وڏي سڌين وارو هو. هن ڏٺو ته سنتن جي واڻيءَ جو اُلٽو مطلب لڳائي لوڪ واسنائن ۽ يوڳن ڏانهن ڇڪجي رهيا آهن، جنهنڪري گورک ناٿ، مورتي پوڄا ۽ تنترن (منترن جو هڪ قسم) جو کنڊن ڪري "ايڪ ايشور واد" قائم ڪيو، جنهن ۾ هٺ يوڳ جي ساڌنا مکيه هئي. اُن ۾ سخت ساڌنائن هجڻ ڪري لوڪن لاءِ ايڏي ڪشش ڪانه هئي. ڪبير انهيءَ ئي پنٿ ۾ پريم ۽ راڳ (ويراڳ جي اُبتڙ) جو پٺو ڏيئي اُنکي نئين صورت ڏني. ڪبير جو سمو سنت مت لاءِ انتيءَ جو وقت هو. ڪبير ۽ سندس ساٿي ۽ پوئلڳ سڌار وادي هئا. هنن ٻاهرئين پاکنڊ جو وروڌ ڪري "ايڪ ايشور واد" جو پرچار ڪيو. ڪبير ٻڌهجي مت ۾ ويدانت جي ايڪ ايشور واد ڪانسواءِ، وئشنون جي ڀڳتيءَ، ناٿن ۽ سڌن جي يوڳ ۽ صوفين جي پريم کي جڳهه ڏني. انهيءَ ڪري چئي سگهبو ته ڪبير جي سنت مت ۾، ڀڳتي ۽ مڌر اُپاسنا جي روپ ۾ صوفين ۽ وئشنون جي اهنسا ۽ پريم جو اثر آهي.

هن هندو مسلم ايڪتا جو نعرو بلند ڪري، سواءِ هڪ ايشور جي ٻاقي ديو ديوتائن جو کنڊن ڪيو.

پارليڪ برهمواد جي روپ ۾ سنت مت ادوئيت جي ڀاونا سان ڀريل آهي. سنت مت مايا جي سَتّا ۽ جيو-برهم جي ايڪتا کي قبول ڪري ٿو. انهيءَ جيو ۽ برهم جي ايڪتا ۾ مايا هڪ وڏي روڪ آهي، جنهنکي گيان سان ور ڪري سگهجي ٿو. سنتن برهم جي حاصلات لاءِ گيان ڀڳتي ٻنهي جو ميل قبول ڪيو آهي. ڀڳتيءَ ڪانسواءِ گيان لو لنگڙو آهي. انهيءَ ڪري سنت مت ۾ پورڻتا آڻڻ لاءِ ڻن، رامانندي سمپرداءِ جي وئشنوي خاصيتن کي سويڪار

اڌياءُ پنجون

ڪبير صاحب جو سنت مت

(فيلسوفي)

تُم جنِ جانو گيت هَمَ - يهه نِجَ برهم وِچار،
ڪيوَل ڪهه سَمجهائِيا - آتم ساڌن سار.

ارٿ:- جنهن کي توهين گيت ٿا سمجهو، اهو ته نِج
برهم وچار آهي. مون فقط آتم ساڌنا جو سار پنهنجي
وچن دوارا سمجهايو آهي.

ٻڌ ڀڳوان ڪانپوءِ ڀارت جي ڌارمڪ ۽ سنسڪرتي
(سڀيتا) جي کيتر ۾ نئين چيتنا ۽ نئون جوش جاڳائڻ وار
مان ڪبير صاحب به هڪ مهاپرش هو.

هن جيڪا وچار ڌارا ڀارت کي ڏني تنهن نه ر
سندس زماني ۽ وچين زماني جي وچارڪن ۽ ساڌڪن
متاثر ڪيو هو، بلڪ صدين بعد نئين زماني جي يگ پر
مهاتما گانڌيءَ کي به پنهنجي پرڀاو هيٺ آندو.

اهڙي مهان شخصيت کي سمجهڻ لاءِ سنت مت
پرمپرا ۽ سڌانتن جي ٿوري ۾ واقفيت حاصل ڪرڻ
ضروري آهي.

عيسوي سن اٺين صديءَ ۾ ٻڌ ڌرم ”وجريان
تنترادي روپ ڌارڻ ڪري چڪو هو. سماج ۾ انڌ و

هلي وڃڻ کي چنڊ چاڙ ڪئي ويندي.

ڪبير صاحب ئي انهيءَ مت جو هلائيندڙ ۽ وڏو حامي هو. ڪبير وٽان، اسانکي پنهنجي مکيه مسئلي حل ڪرڻ ڏانهن ڌيان ڇڪي، چنتن جي پرپورتا ملي ٿي. انهيءَ ڪري ئي ڪيترن ۾ ڪبير لاثاني آهي. پنهنجي هن سارو جڳ ڀاونا جي ڪري ڪبير لوڪ پريه بڻجي سگهيو. ڪبير پرالوڪي ڀاو ۽ سمانتا جو حامي هو.

ڪبير جي شخصيت جا ٻه مکيه پهلو آهن. هڪ ڌرم سڌارڪ اُپديشڪ ۽ ٻيو شڌ ڀڪت. هن جي سموري شخصيت ئي ڪرانتي ڪاري (انقلابي) هئي سندس اِها شخصيت ڀڪت، پريمي ۽ شڌ انسانيت جي جدا جدا وهڪرن ۾ وهي آهي. سندس شخصيت ۾ هنڌين ماڳين، نيڀج، نشڪپٽتا ۽ صاف گوئي آهي. ايتري قدر جو هن پنهنجي اَڻ پڙهيل هئڻ جي ڳالهه به بنا ڪنهن لڪي ڇپيءَ جي ۽ صاف لفظن ۾ چئي. مگر ڪيس پنهنجي سنساري انڀوءَ ۽ گيان تي مڪمل ويساهه هو. انهيءَ ڪري هن ڪاشيءَ جي پنڊتن کي للڪاري چيو هو ته:-

”تون ڪهتا ڪاگد ڪي ليکي- مَين ڪهتا آنکن ڪي ديکي.“

”اي پنڊت ڀلي تون شاسترن پراڻن جون ڳالهيون ڪندو رهه مگر مان هرڪا ڳالهه اکين ڏٺي ٿو ڪريان.

ڪبير جي سادنا جا ٻه روپ هوا. ڪرم يوگ ۽ * هٺ يوگ. سچي ڪرم يوگيءَ جي صورت ۾ هو سنساري مايا موهه کان نرليپ هو. سندس ڪٿي ۽ ڪٿي، هڪ جهڙي هئي. تنهن هوندي به هن سنسار جي جدوجهد کان پاسو

* هن جو وڌيڪ بيان هٺ يوگ واري ٨ اڌياءَ ۾ نل آهي.

ڪيو آهي. وشنو ڀاونا معنيٰ شخصي برهم اڳيان پنهنجو پاڻ
ارپڻ ڪرڻ. انهيءَ ڪري ئي سنتن برهم کي، ماتا، پتا ۽
پتيءَ جي روپ ۾ مڃيو آهي. ڀڳتي ئي سندن لاءِ سڀ
ڪجهه آهي. گرو ڀڳتي ۽ نام سمرڻ به وشنو ڀاونا جو ئي اثر
آهي. لوڪ ڀاونا پڻ وشنون جو ئي ڏنل آهي.

سنت مت تي صوفين جي ڀاواتمڪ رهسيه واد
Emotional Myticism جو وڏو پرڀاو آهي. صوفي واد جي
پريم ڪري ئي سنت مت ۾ رس اچي سگهيو آهي. اُن ڪانسواءِ
هوند، ذات پات وانگر اهي رسو ٿي پوي ها. سنتن جو پريتم
نرگڻ برهم آهي انهيءَ ڪري سائنس عشق ونڊڻ لاءِ رهسيه
جي ڀاونا اچي وئي آهي.

متين ۾ چند چارڻ مان ڏسي سگهبو ته ڪبير سنت مت
جدا جدا متن جي مکيه تتون کي شامل ڪرڻ جي ڪوشش
ڪئي آهي. سنت مت ذات پات جي بندن جو تياڳ ڪري
شد "مانوواد" (انسانيت) جو پرچار ڪيو. ورڻ (براهم
ڪتري وغيره) هين ۽ ورگ هين (Class less) سماج قا
ڪرڻ جو طرفدار هو. انڪري انهيءَ مت اُن وقت جـ
سماج جو وروڌ ڪيو.

ڊاڪٽر رام ولاس لکي ٿو، "اُنهن ڌرم جي پر
رواجن جو اُلنگهن ڪيو، ۽ پنهنجي پريم جي آنسن
پنهنجي پرينءَ جي اَڱڻ جي خون جي داغن کي ڌوئي ص
ڪيو. ڏور ڏور ڳوٺن ۾ يا هڪ تاري جي تار تي پـ
جي ايڪتا جا گيت گونجڻ لڳا. سماج جي سڪانين
وروڌ جي باوجود به اُنهن جي اَمر واڻي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گون
رهي آهي."

اِها آهي ٿوري ۾ سنت مت جي واقفيت ۽ جنهنجي

اڌياءُ ڇهون

ڪبير صاحب جو رهسيه واد

"عجائب عجيب آهي جوت الک جي.
مَن بڌواڻيءَ کان پري - اندرين کان اليت
اَن سڌي پرتيت - پائڻ اکنڊ پريم سان.

عجب ۽ حيرانيءَ ۾ پئجي منش جڏهن هن ساري چر ۽ اچر وشو کي هلائڻ واري "اڻ جاتل" ۽ "اڻ ظاهر" ستا يا شڪتيءَ جو ويچار ڪري ٿو تڏهن انهيءَ من ۾ انيڪي ڏسڻ ۽ سمجهڻ جي اڪير پيدا ٿئي ٿي.

هن ساري سرشٽيءَ ڏانهن غور سان نهارڻ بعد انسان هن قدرت جو پسارو پسي! هيٺ هري ڀري زمين، مٿي نيلو آڪاش، اُن سان هوڏ ڪندڙ پهاڙ، پهاڙن جي پيرن ڌوئڻ وارو سمنڊ! هيڏو وشال، لاثاني! انسان جو لڱ لڱ ڪانڊارجي ويو! سمنڊ جي گود ۾ سمائجڻ لاءِ آيون، ڇوليون هڻندڙ نديون، جهڙ جهڙ ڪري وهندڙ جهرڻا، سورج ديوتا جون مَن موهيندڙ ڪرڻون، چنڊ جي سيتل روشني، صبوح ۽ شام ٻادلن جي ڊوڙ ڊوڙان، ڪڏهن اس ڪڏهن ڇانوَ، هيءَ وسندڙ برسات، هي رنگ برنگي گل ڦل ڏسي، منش حيرانيءَ ۾ اچي ويو ۽ پاڻ کان پڇڻ لڳو، اڙي هيڏو شاهي پسارو! جنهن جو آد نه انت، نه به ڏکڻ نه باقاعدي هرڪا ڳالهه

ڪري ڇڏي وچڙ جو اُپديش مور ڪين ڏنو. هو اُن سان
نڪر ڪائڻ جو حامي هو. سندس انهيءَ ڪرڀا شيل ساڌنا
ڏانهن اِشارو ڪندي ڊاڪٽر هزاري پرساد لکيو آهي ته
”ساڌنا جي کيتر ۾ هو جڳان جڳ گروُ هو ۽ ساهتيه جي کيتر
۾ آئينده جو اُڏيندڙ هو.“ هن سنت ڪاويه رچي ساهتيه
جي دنيا ۾ نئينءَ اڏاوت جو ڪم ڪيو. سندس وقت وارن
۽ اُن ڪانپوء ايندڙ سنت ڪوين سندس ٻاٽيءَ جي پيروي
ڪئي. هندو مسلم ايڪتا جي ويچار ڌارا جو ڪبير زبردست
پنيرائي ڪندڙ هو. سندس ئي ڌارا جي پوئلڳي گانڌي ڀڳ
جي ڪوين ڪئي.

ڪبير جُڳ جو ٻارڪو هو. اُن وقت جي سيني ڳالهين
چالن ۽ هلچلن وغيره لي ڪبير جو ڏيان رهندو هو. ڀڳ درشٽ
يا ٻارڪو آدجڳاد کان اسمانتا (اڻ برابري) جو کنڊن
انسانيت جو پرچار ڪندا پئي آيا آهن.

اُنوقت جيو آتما محسوس ڪري ٿي:

”تُون تُون ڪَرِتا، تُون ڀيا، مُجهه ۾ رهي نه هُون
واري ڦيري ٻَلِ گَئي، جِتِ ديکون تِتِ تُون.“

ارٿ:- تون تون تدواري تون ٿيس، مون مان ويئي هُون.

باريڪ بيني سان ڏٺو وڃي ته پورڻ، اَنمت ۽ برهم لاءِ ادوئيت ڀاونا مان پيدا ٿيل پريم ئي رهسيه جو مُول ڪارڻ آهي، ٻيا آهن اُني پهچڻ جا ساڌن يا وسيلا. هن مارگ ۾ پريم جي اُڪير ئي سڀ ڪجهه آهي. ”مان اُنجو آهيان، اُن مان آهيان، اُهو آهيان.“ انالحق، مان خود برهم آهيان.

(तत्वमसि) ۽ (अहम् ब्रह्मास्मि)

پنهنجي لگن ۽ پريم سان، هن ڪيترن ۾ جيڪي سڌ ٿي ويا آهن، تن جڏهن پنهنجي محسوسيت کي روپ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تڏهن هو پنهنجن چوڻين کي صاف صورت ۾ ظاهر ڪري ڪين سگهيا آهن. ڪبير ته صاف چيو آهي ته پرماتما جو پريم ۽ اُنجي اَنڀوُلي (محسوسيت) آهي گونگي جي ڳُڙ سمان ”جئن گونگو کائي ڳُڙ مشڪي ڪشڪي ڪين ڪي.“

(١) اَڪٿ ڪهاڻي پريم جي ڪڇُو ڪهي نه جاءِ،
ڳُونگي ڪيري سَرڪرا، ٻَيٺا مُسڪاءِ.

(پريم جي ڪهاڻي ڪٿڻ کان مٿي آهي، جنهن بابت ڪجهه به چوڻ مشڪل آهي. هي مثل گونگي جي کنڊ وانگر آهي جو کائي رڳو ٻيو مشڪي.)

مڪمل بندوبست ۽ قاعدي سان هلي رهي آهي؟ سڀ
غير رواجي، عجيب!! اهي سڀ ڳالهيون ڏسي ڪيس اُن
سَنّا جو آڀاس، اُن شڪتيءَ جي جهلڪ نه ملي، مگر هو جاڻي
نه سگهيو ته هيءُ سڀ ڪير ٿو ڪري؟ اُنجو روپ ڪهڙو،
رنگ ڪهڙو؟ اِهو هو اُن لاءِ سمورو رهسيه ۽ راز جنهنکي
هو آزادي ڪال کان جاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي
مگر اڄ ڏينهن تائين اُن جي پتي لڳائڻ ۾ لاچار بنجي
پيو آهي.

انسان جي من جو هميشه اِهو لاڙو پئي رهيو آهي جو
هو پاڻکان مهان جي ڪلپنا، سندر روپ ۾ ڪري ٿو.

"حوصلو حيرت ۾، ڪري ڪين دڙڪ
جو حسن سندو حق، سو ڪوڙ پروڙي ڪينڪي."

انسان سرشٽيءَ جي آد کان وٺي اڄ تائين جنهن ٻه وٿ
جي خواهش ڏيکاري آهي تنهنکي يا ته حاصل ڪري سگهي
آهي يا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي. قدرت تي فت
پائڻ جو سندس سنڪلپ اڳتي ۽ اڳتي وڃي ٿو واڌارو ڪند
مگر سندس سموري شڪتي اُن "اڻ جاتل" ۽ "اڻ ظاه
برهم جي اڳيان لاچار ٿيو پوي.

آزادي ڪال کان اُن "روپ ريکا- گُن- جاتِ، جُگتِ ٻ
واري روپ کي مثل "روپ ريکا گن جات ۽ جگت وار
ٻاني اُنکي سمجهڻ ۽ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آه

رهسيواد جي ڳالهه ڪندي ڊاڪٽر رامڪمار ورما چو
ٿو ته "رهسيه واد جيو آتما جي اُن اندرين پرورتيءَ
ظهور آهي جنهن ۾ هوءَ عجائب عجيب ۽ لاثاني شڪتيءَ
پنهنجو شانت ۽ نشڪپٽ ناتو جوڙڻ چاهيتي ۽ اهو ناتو ا
قدر وڌي وڃي ٿو جو ٻنهي ۾ ڪو ڀيد ئي نٿو رهي.

هڪڙا اُن ۾ هادن ڀاو يا رتي ڀاوُ (جيئن اِستري پنهنجي
ٻتيءَ ۾ پرلم رکندي آهي) رکن. دنيا جي سيني رهسيواد ۾
"اڻ ظاهر" برهم لاءِ پيدا ٿيل پنهنجي محسوسيت کي ناري
۽ پرش جي وچ ۾ جيڪا نکي چڪ آهي، اُن دواران پرگهٽ
ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ٻين پنهنجي اندر جي
انهيءَ پرورتيءَ ڏانهن اشارو ڪندي اُنکي، "لاثاني، بي بيان،
حيرت ۾ وجهندڙ" وغيره لفظن سان ياد ڪيو آهي.

ٿين جڏهن ٻاڻ کان ٻاهر اُن برهم کي نہ ڏٺو ۽ سمجهو،
تڏهن همن اُنجي کوج پنهنجي اندر ۾ ڪئي. ترڪ (دليل)
ٻڌي ۽ شاستر جڏهن اُنجي کوجنا ۾ ناڪامياب ٿيا، تڏهن
ساڌنا ڪندڙن پنهنجي هردي جي وشواس ۾ ئي پنهنجي
مڪتيءَ جي کوجنا ڪئي.

"ڪبير تُوُن ڪاهي ڏَرَءِ، سِرَ پَرَ هَرَ ڪا هاٿ،
هَستي چَڙِ نهِين ڏولِئي، ڪوُ ڪَرِ ڀُسئَن جہ لاکہ"

ارٿ:- جڏهن تنهنجي سر تي پڀوءَ جو همٿ آهي تڏهن
هي ڪبير! تون ڏجين ڇو ٿو؟ ڀهاڪو آهي تہ "ڪتا ڀؤنڪندا
رهن، هاٿي پنهنجي چال چلندو نڪرڀو وڃي. انهيءَ ڪري
تون بہ هاٿيءَ تي چڙهي يعني وڏن (برهم) جو آڌار وٺي پرواہ
ڪر.

انهيءَ اٽل وشواس سان ساڌنا ڪندڙن آتما ۽ پرماتما جي
هيڪڙائيءَ ۾ ئي مڪتي سمجهي ۽ انهيءَ هيڪڙائيءَ کي
حاصل ڪرڻ جي ڪوشش "رهسيواد" جي نالي سان سڏجڻ
آئي.

سڀ کان اڳ دارشنڪن (فيلسوفن) "آتما" جي ايڪتا
جي پڌرائي ڪئي، جا اڳتي هلي، "ادوئيت" جي نالي

"ٽِڪِ باوَنِ داهَڻُنِ وِڪار، هَرِ ٻَدَ دِيَڪر ڳُهيِئي

ڪهڻ ڪبير گوُنگهِ ڳُڙَ کايا، ٻوُجهڻ لوڪا ڪَهِيئي."

ارٿ:- (ساچي ڏائي يا هيٺ مُٿ جون ڳالهيون ڇڏي، من
هَري چرڻن ۾ مظبوط ڪَري ڳُذار، ڪَبير صاحب فرمائي ٿو
ته هيءُ ته آهي گونگي جو ڳڙ کائڻ، جنهنکان اُنجي ڪيفيت
ڪري پڇ ته ويچارو ڇا چوندو!

هيءُ جو چوڻ ۾ اچيٿو ته رهسيواد مغرب جو ڏيب آهي
سا ڳالهه بلڪل غلط آهي. ويدن ۽ اُپنيشدن ۾ ان رهسيواد
جي جهلڪ ملي ٿي.

پَرماتما کي پتا، ماتا، پياري، پريتم، پٽ يا دوست
جي صورت ۾ ڏسڻ ئي رهسيواد آهي. ڇاڪاڻ ته لوڪ
يا لغات جي معنيٰ ۾ پرماتما انهن مان ڪجهه به نه آهي. پرماتما
۾ پتا جي ڀاونا بلڪل آڳاٽي زماني کان ويدن ۾ ملي ٿي

(यो न: पिता जनिता यो विधाता)

گهڻن ئي قسمن جي سادنائن سان، اندرين، من، بُد
۽ واڻيءَ کان پري "اڻ ڄاڻل" کي ڄاڻ جي دائري اند
آڻڻ جي ڪوشش ٿي ٿي آهي. نراڪار کي ساڪار بنـ
جي ڪوشش ئي رهسيواد جو مول ڪارڻ آهي.

جڏهن سنسار جا انيڪ سنت مهاتمائون، ڪوي ۽ پڊ
وغيره جدا جدا اِشارن ۽ روپڪن جي مَعرفت ڪ
حيرانيءَ ۾ وِجهندڙ مگر پنهنجي اندر ۾ انيڪ ڀيد
ڳالهه ٿا ڪن تڏهن اُن "عجيب" جي هستيءَ کان اِ
ڪري نٿو سگهجي. هرڪنهن ڌرم جي برهم بابت جد
وصف آهي، جدا جدا اشارا، پرتيڪ ۽ روپڪ آهن.

ٻوڙ ڪندڙ بادلن جي ڦوهار ۾ بسنت رُت جي ڦلين جي مٺين لاتين ۾ بلڪ هرطرح جي ڏُنيءَ ۽ سانت ۾ ٻه اُن پريتما جي مدد واٽي ٻڌڻ ۾ اچيٿي.“

ڪبير صاحب ٻه سرشٽيءَ جي هرهڪ نظاري ۽ اشاري، ڪي جيتوڻيڪ ”گونگي جي ڳُڙ“ وانگر اڪٿ ڪهاڻي سمجهي ٿو ته ٻه جنهن وقت سندس دل ”ماڌريه“(مٺيءَ) ڀاونا سان ڀمتار ٿي مستيءَ ۾ اچيٿي ۽ پرماتما سندس پريتم بڻجي، سندس دل جي پڙدي تي محبت جو عڪس اُڇلي ٿو تڏهن هو پنهنجي پريتم کي پڪاري چوي ٿو:-

وَء دِنَ ڪَبَ آوينگي ڀائي
جا ڪارَنَ هَمَ ديهَ ڌَري هَئه، مِلِبَئه اَنگَ لڳائي.

اڙي! اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو جنهن ڏينهن لاءِ مون هيءَ ديهه ڌارڻ ڪئي آهي، ڪڏهن ايندو اهو سڀاڳو ڏينهن جنهن ڏينهن انگ انگ سان لڳائي (ڀاڪر پائي) ملندوسانس. ڪڏهن اهو ڏينهن ايندو جڏهن ابناسي پرک منهنجو هٿ ۾ هٿ وٺي مون سان وِهانءُ رچائيندو. ۽ سچ پچ ڪبير پنهنجي بي حد ترقي ۽ ساڌنا سان اُن ابناسيءَ کي هٿ ڪري ڇڏيو:-

”ڪَهَتَ ڪبير بِياهِ چلي هَئن پُرُش ايڪ اِبناسي.“
اڄ مون اُن ابناسي پرش سان شادي رچائي آهي.

”سَکي سُهاڳ رام مونهِن دِينا.“
هي سکي، اڄ مونکي راجا رام سهاڳ ماڻايو آهي.“

ڪبير کي هڪ ئي پريتم جو روپ ۽ هڪ ئي ڪيل سند آهي.

سان سڌجڻ ۾ آئي. دارشنڪن چنتن جو طريقو اختيار ڪيو
مگر ”ڪوي ساڌڪن“ اُن طريقي کي قبول نہ ڪري پنهنجي
هردي جي اُنڀوتيءَ (محسوسيت) جي آڌار تي آتما ۽
پرماتما جي هيڪڙائيءَ جي ڳالهہ ڪئي. اِها سڌن ڳالهہ
ڀاونا سان پربل هئي. ڀاونا جي مدد سان ڀڳي لاءِ برهم
”پريتم“ بڻجي پيو. ان بعد اُن پريتم سان هيڪڙائي حاصل
ڪرڻ لاءِ ساڌڪن جون جگياسا، وشواس، برهہ ۽ ميلاپ
جون ڪريائون هلنديون رهيون. ۽ اهي سڀ شاعريءَ جي
دائري اندر ٿيندڙ ڳالهيون رهسيواد سڏجڻ ۾ آيون. چاڪاڻ
تہ برهم رهسيہ (راز) سان پربل هو تنهنڪري اُنکي ظاهر
ڪرڻ جي ڳالهہ بہ رهسيہ ڪوٺجڻ ۾ آئي.

جگياسو جڏهن گيانيءَ جي درجي تي پهچي، ڪوي
ٿيڻ چاهيتو تڏهن اُنکي ظاهر ڪرڻ لاءِ رهسيہ واد ڏانهن
جهڪي ٿو. چنتن جي کيتر جو برهمواد، ڪوتا جي دائري
۾ پهچي ڪلپنا ۽ ڀاؤڪتا جو آڌار وٺي رهسيواد جي روپ
۾ پرگهٽ ٿئي ٿو. رهسيہ جي راز ظاهر ڪرڻ واري شاعر
جي هردي اندر هيءَ دنيا اُنهيءَ صورت ۾ عڪس يا پ
نٿي حاصل ڪري جنهن صورت يا شڪل ۾ عام لوڪ
کي محسوس ڪريتو. هو سڄي سرشٽيءَ جي پرماتما
ايڪتا يا اکنڊتا ڏسي ٿو. هي نانا روپ وارو جڳت سند
نگاهن ۾ پرماتما کان جدا نہ آهي بلڪ اُنهيءَ جو ئي
جدا ظاهري روپ آهي. انگريزيءَ جو ڪوي **شيلي** ان
کي اِجهو هن ريت ٿو ظاهر ڪري.

” جهنگلن ۾، جهر جهر ڪري وهندڙ جهرڻن ۾،
سهڻن گلن ڦلن جي سڳنڌ ۾ جي اُن الوڪ چمڪ جي
پرتي ڇهاو سان سهڻيل هواءِ جي مٺيءَ هير سان اُنجي و
ڏيئي رهيا آهن، اهڙيءَ ريت تيز طوفان ۾ ۽ آسمان

ٻاٻوُ ڳالا براءِ پنجن قسمن جا رهسيه واد قبوليا آهن.

١- گيان ۽ درشن (فيلسوفي) وارو رهسيه واد. دارشنڪ رهسيه واد ۾ ترڪ (دليل) گهٽ، مگر حيرت سان ڀريل جڳياسا (عجب ڪي ڄاڻڻ جي اڇا) ۽ هيڪڙائيءَ جي اُپلاڪا ڀري ڀاوُڪتا (جذبات) وڌيڪ رهي ٿي.

٢- دمپتي (پتي ۽ پتنيءَ وارو) پريم ۽ سونهن سان واسطو رکندڙ رهسيه واد، جهڙيءَ طرح ڪبير، ملڪ محمد جائسي ۽ ميرا وغيره.

نَئَنَنِ ڪي ڪر ڪوٺري پُتَلي پَلنگ بِڇاءِ،
پلڪن ڪي چِڪ ڈارِ ڪي، پيَه ڪو لِيئهَه بناءِ.

ارٿ:- اکين کي ڪوٺي بنائي، تارن جو پلنگ وڇائي پلڪن (پنبڻين) جو پردو وجهي پنهنجي پريتم کي ڪري وهاريان.

٣- سادنا وارو رهسيه واد- هن ۾ يوگ ۽ ڪرم ڪانڊ جي سادنا رهيتي.

٤- ڀڪتي ۽ اُپاسنا سان واسطو رکندڙ رهسيه واد- هن ۾ ادوئيت ڀاونا جي بنسبت، پريتم جي اڳيان رهڻ جي سڪ کي مهت ڏنو ويو آهي.

٥- پرڪرتيءَ سان واسطو رکندڙ رهسيواد - هن ۾ قدرت جي معرفت پرمالما جي محسوسيت ڪرڻ ۾ اچيٿي.

هن وشيه کي وڌيڪ طول نه ڏيئي، ايترو ٿي چوڻ ڪافي ٿيندو ته ڪبير صاحب انهيءَ رهسيه ڀاو ۾ ٻُڏي هڻڻ لاءِ وڏا ٿي جتن ڪيا.

”سکيا سَبَ سنسار هَئِه، کاوي اَرُ سووَئي،
دُکيا داس ڪبير هَئِه، جاگَئِه اَرُ رووَءِ.“

”هَرِ ميرا پيءُ، مَٽِن پيءُ ڪي ٻَهُرِيا“
”هرِي آهي مهنجو ڀتار ۽ مان آهيان سندس استري“
پر اِها ٻهوُ يا جوءِ ٿيڻ ڪا ستري ڳالهه نه آهي. جگياسا کان وٺي ويندي ميلاپ تائين چا چا نه سهڻو پوڻو ۽ ساڌن جي ڪيترن ئي درجن مان لنگهڻو پوندو، جيتوڻيڪ اُنجي آخرين حد آهي:-

”اِڪُم ايڪ هُوءِ سيجَ نه سووَنُون
تب لگ ڪٿِسا نيهه ري.“

”هڪ ٻنهي جڏهن هڪ سيج تي نه سمهون، تيستائين پريم اجايو، ڪهڙي ڪم جو؟“

”ٻول نه ڪٽي ٻانهري، پره نه ڪٽي پاند،......
آءُ پنهنجو ڪاند، لوڪان لکي رائيان.“ (شاهه)

انهيءَ ڀڳتيءَ جي روپ کي ئي ڪبير پنهنجي رهسيواد ۾ جاءِ ڏني آهي.

ڪبير صاحب ڀارتيه رهسيواد جي اُصول موجب پرماتما کي پريتم ڪري قبول ڪيو آهي ۽ پاڻ کي پتني بنايو اٿس، جڏهن ته صوفي واد ۾ پرماتما معشوق آهي ۽ جيو يا ڀڳت عاشق آهي. ڪبير وارو اُصول گهڻو ڪري ڀارت جي مسلمان صوفي شاعرن ٻه قبول ڪيو آهي، جن ۾ پريم جون ڪهاڻيون لکندڙ، ملڪ محمد جائسي، قطبن ۽ منجهن آهن. سنڌ جي سونهاري شاهه ٻه پرماتما کي پريتم جي روپ ۾ قبول ڪيو آهي. اوهين سندس ڪري داستان ڪٽي ڏسندا ته اوهان کي معلوم ٿيندو ته هو ڪڏهن سسئي، ڪڏهن سهڻي، ڪڏهن ليلا ۽ ڪڏهن مومل ٻنجي، پنهونءَ، ميهار، چنيسر ۽ راڻي لاءِ ٻاڪاري ٿو، انهن لاءِ ليلڙائيون پائي ٿو.

اَڌياءُ ستون

اَدُوَئيت واد ۽ ڪبير

هِنَ کان اَڳ ۾ بيان ٿي چُڪو آهي تہ ڪبير پنهنجي سِدانت مَت ۾ اَدوئيت واد ويدانت کان ورتو. هاڻي اَچو تہ ڪجھ اَدوئيت جي باري ۾ سوچون سمجھون. پنهنجي چوڌاري نگاھ ڦيرائيندا سون تہ اسانکي هيءَ ظاهري قُدرت (پرڪرت پرڪرتي) ڏسڻ ۾ ايندي پر ان کان پري آهي اَوِيڪت (اَڻ ظاهر) ۽ اڪل سَتا. اُنهن ٻنهي جي ميل سان هڪ ٽِڪندي صورت ٿي بڻجي (Trinity) ١- ايشور ٢- آتما ٣- پرڪرتي. اُنهيءَ ڪري ڪيترائي وادَ ٺهي پيا. ١- دُوئيت ٢- اَدوئيت ٣- وششٽ اَدوئيت وغيره، گھڻيئي وادَ آهن. مگر وياڪرڻ موجب اَدوئيت جو مطلب آهي ”نہ ٻيو“ يعني هڪ برهم، ٻيو ڪجھ بہ نہ. برهم جي سَتا ئي سچي آهي، اَنادي آهي، اَننت آهي. هيءَ ظاهري جڳت، بدلجندڙ ۽ ناسوان هئڻ ڪري اَسَت آهي، ڪوڙ آهي. جدا جدا متن موجب جيو آتما يا تہ برهم جو اَنش آهي، يا پاڻ يا ان جو بدليل روپ. جيو آتما کي گيانا (ڄاڻندڙ) ۽ برهم کي گييہ (ڄاڻڻ جوڳو) ليکيو ويو آهي. ٻنهي جي وچ ۾ مايا جو پردو آهي، رڪاوٽ آهي. اُنکي ڏوري ڏوري هٽائڻ سان ئي جيو برهم جي ويجھو ٿئي ٿو. وشواس هيءَ آهي

ھن ساڌنا ۾ جاڳڻو آھي ۽ پريتم لاءِ روئڻو آھي تان جو پنھنجو پاڻ وساري، اُن سان پاڻ ملائي ھڪ ڪرڻو آھي.

"جَبَ مَئِن ٿا تب هَرِ نَهِين، اَب هَرِ ھئہ مئن نانھن."

ارٿ:- جڏھن مان ھوس، يعني پاٽڪي اھنڪار وچان الڳ ٿي سمجھم تڏھن ھري ڪين ھو ۽ ھاڻ جڏھن ھري آھي تڏھن مان نہ آھيان يعني ٻئي ملي ھڪ ٿي وياسين.

"پنھون ٿيس پاڻ - سسئي تان سُور ھوا."

—◦—

ڏانهن نهاري ٿا ڪين، اهڙيءَ ريت سچو ڀڳت هڪ ئي ايشور ۾ نشچو رکي ٿو. "ٻهه ايشور واد" ڪبير جي نگاهه ۾ ويڀچار مثل آهي.

ڪبير جي ڪو سُندري، جاڻ ڪري ويڀچار،
تاهِه نه ڪبهُون آدَرَ، پريم پُرکَ ڀرتار.
جي سُندرِ سائين ڀَجه، تَجه آنَ ڪي آس،
تاهُو نه ڪبهُون پَرهَرَ، پلڪ نه ڇانڊي پاس.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته- جا اِستري ويڀچار ڪري ٿي تنهنکي پريم پُرکَ ڀتار ڪڏهن به آدُرُ نه ڏيندو. پر جيڪا سندري پرائي آس ڇڏي فقط هڪ سائينءَ جو ڀڄن ڪري ٿي، تنهنکي ڌڻي پاڻ کان هڪ پلڪ به دور نه ڪندو ۽ نه ڇڏيندو.

اها سندري پنهنجي پتيءَ جي وڇوڙي ۾ ائين ڦٿڪي ٿي جو ساهه صدقي ڪرڻ لاءِ به تيار رهي ٿي.

ڪبير سُندري يُون ڪهَه، سُنَ هو ڪَنتَ سُجاڻ،
بيگ مِلو تُم آءِ ڪر، نَهين تَر تَجهون پراڻ.

ارٿ:- سندري پنهنجي ڪنت (ڪانڌ) کي چوي ٿي ته هي سجاڻ، منهنجي وينتي مڃي جلد اچي مون سان مل، نه ته هيءُ ساهه گهوري ڦٽو ڪندس.

ويدانت شاستر موجب منش جو وڏي ۾ وڏو لکش (اُديش) آهي موکش، يا مُڪتي؛ يعني سنسار جي بندڻن کان ڇوٽڪارو. هيءُ سنسار دک روپ آهي ۽ مکتي برهم روپ سک آهي. منش جڏهن اِها ڳالهه سمجهندو ته هو ڪير آهي ۽ سندس آتما جو وڏي آتما يعني پرماتما سان ڪهڙو سنبنڌ آهي تڏهن سندس ڇوٽڪارو ٿيندو. سندس ڇوٽڪاري

۽ هڪ ڏينهن مايا جي هٽي وڃڻ ڪري جيو، جيو نه رهندو پر برهم سان ملي هڪ ٿي ويندو.

مٿين سمجهاڻيءَ مان پروڙي سگهبو ته جڏهن برهم ۽ جيو هڪ آهن تڏهن وري ڀڳتي ڪنهنجي؟ مگر شري شنڪر آچاريه جي ادوئيت مت جو ايڏو ته دٻدٻو ۽ اثر ڇانئجي ويو هو جو انکان پاڻ ڇڏائڻ اُن وقت جي ڀڳت سادڪن لاءِ ڏکيو هو. انهيءَ ڪري ادوئيت مت جون جدا جدا وياکيائون يا وصفون ڪيون ويون، جيئن ڀڳتيءَ جي ويجهو پهچي سگهجي يا اُن سان ٺهڪي اچجي.

ڪبير صاحب، شنڪر آچاريه جي ادوئيت مت کي قبول ڪيو. انهيءَ ڪري سندس برهم نرگڻ، نراڪار آهي. جيو انش آهي ۽ برهم اَنشي آهي. ٻنهي جي وچ ۾ مايا اچي ڀيد پيدا ڪيو آهي. ڪبير صاحب فرمائي ٿو:-

گَهٽَ ۾ جَلَ هَئه، جَلَ ۾ گَهٽَ هئه ٻاهِر ڀيتَر پاڻي،
ڦُوٽا گهٽ، جل، جل هي سمانا، يَهه تَتُ ڪَٿَهُ گِياني.

ارٿ:- جهڙيءَ ريت پاڻيءَ سان ڀَريل دلو پاڻيءَ ۾ ڪري رکجي ته دلي اندر ۽ ٻاهر پاڻي ئي پاڻي هوندو پر جڏهن دلو ڀڄو ته دلي وارو پاڻي ۽ ٻاهريون پاڻي ملي هڪ ٿي ويا. اَڙي گياني انهيءَ تت يا سار کي سمجهه.

برهم کي نرگڻ ۽ نراڪار قبول ڪرڻ لئي "ايڪ ايشور واد" کي سويڪار ڪرڻو ٿي پوندو. انهيءَ ڪري ڪبير ايڪ ايشور واد کي قبول ڪري "بَهُه ديو واد" (گهڻن ديوتائن جي پوڄا) جي مخالفت ڪئي آهي.

فقط برهم ۾ ئي وشواس رکي، انجي ڀڳتي ڪرڻ کي ڪبير صاحب، پتورتا استريءَ جي ڀڳتي ڪري ڪوٺيو آهي. جهڙيءَ ريت پتورتا استري، پنهنجي پتيءَ کانسواءِ ٻئي ڪنهن

آتما ۽ ٻئي کي ٻرڪرتي يا مايا ٿا سڏين. گيتا ۾ ڀڳوان ڪرشڻ ٻرڪرتيءَ کي پنهنجي اَڌين ٿو سڏي ۽ چوي ٿو ته منهنجي ئي آگيا سان پرڪرتي، چَر ۽ اَچر سرشٽيءَ کي پيدا ڪري ٿي.

ٻهرحال ڀارت جا دارشنڪ (فيلسوف) انهيءَ راءِ ۾ متفق آهن ته آتما ناڻي هڪ اِستائي (دائما) وستو آهي، جا ٻاهران ڏسڻ ۾ ايندڙ جڳت جي جدا جدا ڦيرين گهيرين مان گذرندي به، سدائين هڪ رس آهي. اها ڳالهه به سڀ پنڊت قبول ڪن ٿا ته جيستائين گيان نٿو اچي، تيستائين هيءَ آتما جنم ۽ ڪرمن جي چڪر ۾ ڦرندي وتي ٿي. سوال آهي ته جڏهن آتما سڀ کان نياري آهي تڏهن جنم ۽ ڪرمن جي ٻنڌڻن ۾ ٻڌي ڇو ٿي؟ نرگڻ کي آڌار ٻنائي به ڀاپ ۽ پُڻيه جو ڦل ڀاڳسان کڻي ڪرمن جي ڀوڳن ڀوڳڻ لاءِ ٻئي جنم ۾ ڪيئن پهچي ٿي؟

انهيءَ سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ شاستر ڪار، لنگ شرير جي ڳالهه ڪن ٿا. اها ڳالهه ته فيصل شد آهي ته آتما هڪ شرير مان ٻئي شرير ۾ داخل ٿئي ٿي. گيتا ۾ ڀڳوان چيو آهي ته جهڙيءَ طرح ماڻهو پراڻا ڪپڙا لاهي نوان ڪپڙا پهري ٿو، اهڙيءَ طرح آتما پراڻي سرير جو تياڳ ڪري نئون سرير ڌارڻ ڪري ٿي. اُپنشدن ۾ بار بار اها ڳالهه ٻڌايل آهي ته آتما سان گڏ سوکيم يا لنگ شرير به رهي ٿو. برهدارڻيڪ اُپنشد ۾ چيل آهي ته هيءَ آتما وگيان، من، پراڻ، شروتر، پرٿوي، جل، وايُو، آڪاش، تيج، ڪام، اڪام، ڪروڌ، اڪروڌ، ڌرم ۽ اَڌرم، سڀ ڀاڳسان گڏ کڻي هلي ٿي. هوءَ جهڙو ڪرم ڪري ٿي تهڙوئي ڦل پائي ٿي. هتي لنگ شرير بابت پوري سمجهاڻي پيش ڪجي ٿي. سانکيه شاستر موجب پرش شُد چيتن سروپ، اُداسين ۽ گياتا (ڄاڻندڙ)

نہ ڄاڻڻ جو سبب آهي اَگيان يا غلط گيانُ. انهيءَ ڪري صحيح گيان ئي ڇوٽڪارو آهي. ان صحيح گيان کي سڏجي ٿو "وِديا" ۽ غلط گيان کي سڏجي ٿو "اوديا". اُپنشدن جو چوڻ آهي:

'अविद्यया मृत्यु' तीर्त्वा, विद्ययामृत मश्नुते ।

"اَوديا يعني سنسار جي وِديا سان، هن جڳت جي ڏکين ۾ پار پئجي، وِديا يعني برهم گيانُ حاصل ڪرڻ سان، منش اَمرت پد کي حاصل ڪري ٿو." انهيءَ ڪري وديا جي وِشيہ آهي "آتما" يا "برهم گيان". انهيءَ ڪري ئي هِن وِديا کي برهم وِديا ٿو سڏجي.

شُرتين (ويدن) جي اڀياس مان پتو پوي ٿو تہ رشين جي دماغ ۾ برهم جا ٻہ روپ هوا. هڪ سگڻ ۽ ٻيو نرگڻ، ساڪار ۽ نراڪار، اُپاڌين وارو ۽ بنا اُپاڌيءَ جي. تنهن اها ڳالهہ نہ نڪتي نٿي تہ هڪ ئي شيءِ جا ٻہ روپ هجن. ويدانتين جو چوڻ آهي تہ برهم حقيقت ۾ نرگڻ ۽ نراڪار آهي پر اوديا يا غلط فهميءَ جي ڪري ٻيا اُپاسنا جي خيال ڪان مٿس حدن يا اُپاڌين جو آروپ ڪيو وڃي ٿو. جيئن سپيءَ کي غلطيءَ سان ڪير چاندي سمجهي وهندو تہ سپي چاندي ڪانہ ٿي پوندي. تيئن برهم جو اصل نرگڻ آهي سو سگڻ ڪيئن ٿي پوندو؟

عام طور ڀارت جا ودوان هن ڳڻن واري سنسار تي ويچار ڪري انهيءَ فيصلي تي آيا آهن تہ هن ۾ ٻہ تمام صاف اَٽو آهن: هڪ شاشوت (دائم) ٻيو ڦرندڙ گهرندڙ يا بدلجندڙ. هڪ سدائين هڪ رس آهي ۽ ٻيو ناسونت، هڪ چيتن آهي ٻيو جڙ. هڪڙا عالم ٻنهي تتون کي الڳ الڳ ۽ سوتنتر مڃين ٿا پر ٻيا ودوان چون ٿا تہ حقيقت ۾ ٻنهي جي ستا ڪانهي. ٻيو ٻهرئين جي ئي شڪتي آهي. ٻهرئين کي ڪوئين

اُن کان ٻه وڌيڪ ٻڌي ۽ اُنهن سڀني کان سُوکيم آتما آهي.

آتما کي، جڏهن پنهنجيءَ پرڪرتيءَ يا مايا جو حقيقي گيان حاصل ٿو ٿئي، تڏهن ئي هوءَ ڪرمن جي ٻنڌنن کان مڪتي حاصل ڪري ٿي. گيتا جي ٤ اڌياءَ جي ٢٧-٢٨ شلوڪ ۾ چيل آهي ته گيان جي اگني ئي سڀني ڪرمن کي ڀسم ڪيو ڇڏي. گيان کان وڌيڪ ٻي ڪا به پوتر وستو ڪانهي.

هيءَ ٽن گڻن واري پرڪرتي ئي مايا آهي. پر جيڪا مايا چيتن سروپ برهم کي ايشور جي صورت ۾ ظاهر ڪري ٿي، اها آهي ستوگڻي مايا. اُن ۾ رجوگڻ ۽ تموگڻ ٻئي نه آهن. ستوگڻي مايا ايشور جي اُپاڌي آهي ۽ ٻي آهي جيو جي اُپاڌي. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته مايا ئي سنسار کي ٻنڌنن ۾ اَڙائي ٿي. ڪبير صاحب جي پدن مان معلوم ٿئي ٿو ته هن مايا کي اوديا کان جدا ڪري نه ڏٺو آهي ۽ سندس مت موجب مايا ئي جيون کي ڀرمائي رهي آهي. انهيءَ مايا ڏانهن اِشارو ڪري فرمائي ٿو:-

” تُوُ مايا رَگھُوناٿ ڪي کيلڻ چلي اَهيڙي،
چَتُر چِڪاري چُڻِ چُڻِ مارِي، ڪوئي نه ڇوڙيا نيڙي.
مُنِوَر پير دِگَمبَر مارِي، جَتَن ڪَرَنتا جوگي،
جنگل مَهِ ڪي جَنگم مارِي تُوُري ڦِرِءِ ٻلوَنتي،
ويد پَڙهنتا ٻراهمڻ مارا، سيوا ڪرنتا سوامي،
اَرٿ ڪرنتا مِسِر پڇاڙِيا تُوُن ري ڦرءِ مَيمنتي،
ساڪت ڪئه تُون هرتا ڪرتا هر ڀڳتن ڪي چيري،
داس ڪبير رام ڪئه سرڻي جيُون لاڳي تيُون تُوري.“

ارٿ:- هي رام جي مايا! تون شڪار ڪرڻ نڪتينءَ ۽

آهي. جيستائين ڪنهن پنهنجي سروپ جو گيان حاصل نٿو ڪيو، تيستائين هو پرڪرتيءَ جي جار ۾ ڦاٿل رهي ٿو. هيءَ پاسندڙ يا ظهور ۾ آيل جڳت پرڪرتيءَ جو ٿي وڪاس آهي. پرڪرتي، ستي، رجي ۽ تمي گڻن جي ساميا وستا (هڪ جهڙي حالت) جو ٿي نالو آهي.

پرڪرتيءَ مان "مهان" يا بڌي تتو پيدا ٿئي ٿو، جنهن مان وري اهنڪار ۽ اُن مان پنج تنماترائون (شبد (آواز) اسپرش (ڇوهڻ) روُپ، رسُ ۽ گنڌ)، ان مان وري پنج گيان اندريون (اکيون، ڪن، نڪ، چمڙي ۽ جڀ) ۽ پنج ڪرم اندريون (هٿ، پير، وات، گدا ۽ لنگ) ٿيون. اهي ڏهه اندريون، من ۽ پنج مهاڀوت (پرٿوي، جل، تيج، وايوُ ۽ آڪاس) وڪارَ ۾ اچن ٿا. انهن پنجويهن تتون مان ساري سرشٽي ٺهي، پر ويدانتي انهن جي آزاد ستّا (طاقت) نه ٿا مڃين. اُنهن جو چوڻ آهي تہ هڪ پر برهم ئي حقيقي ستا آهي. سندس ئي نام ۽ روُپ جو نالو مايا آهي. بلڪل انهيءَ ريت جهڙيءَ طرح سون يا مٽيءَ مان مندريون ڪنگڻ ۽ مٽ دلا وغيره جدا جدا روُپن ۽ نالن واريون شيون ٺهندي به اُو وستو سون يا مٽي ئي ليکبي. نام ۽ روُپ جو پڙدو به هرهنڌ هڪ جهڙو نہ آهي. ڪٿي ٿورو تہ ڪٿي پترو. اُنجا به ڪئين تهه آهن جي جڙ ۽ چيتن ۾ ورهيل آهن. وري چيتن جون بہ لکين جوٽيون آهن. انهن جوٽين ۾ منش جي جوڻ سڀني کان اُتم ليکي ويئي آهي. آتما جا بہ آورڻ يا ڍڪ آهن. (١) رت ۽ ٻج مان جڙيل شرير آهي، اِنکي اُپنيشدن ۾ انمئہ ڪوش ٿا سڏين. ٻيو آورڻ وڌيڪ سوکيم (نفيس) آهي منجهس سلسلي وار پراڻ مئہ ڪوش، منو مئہ ڪوش، گيان مئہ ڪوش ۽ آنند مئہ ڪوش آهن. انهن کان وڌيڪ من

هٽي. آتما کي پرماتما کان جدا ڪري ٿي.

”پَنجَ چور گَڏِيَ مَڊهِا، گَڏِيَ لُوٽِڻَ دِوَسَ اَرُ سڌهِا،
جَڻُ گڏ پَتي مُحڪم هوئي، تَڻُ لوُٽ نَہ سَگهِڻَ ڪوئي.“

ارٿ:- منش جي شرير روپي قلعي ۾ پنج چور آهن، جي صبح شام لٽ لڳايو وينا آهن. جيڪڏهن قلعو دار مضبوط آهي ته ڪنهنجي مجال نه آهي جو لٽ ڪري.

مايا ٿي پاکنڊ جي ماءُ آهي، تنهنڪري مايا جي حقيقي جڳهه پاکنڊين وٽ آهي. مايا کي مخاطب ڪري ڪبير صاحب چوي ٿو:-

”تهان جاءُ جَنهن پاٽَ پَٽَمبر، اَگَر چندن گهِس ليِنا.“

اَڙي مايا! تون اُتي وڃ جتي سادن پٽ پٽيهر پاتا آهن ۽ ڏايا اگر چندن جا واس ڪري ڪيا آهن.

هتي ته اُهي ساڌ ڪپن جي مايا ڏانهن نهارين به ڪين ۽ مايا کي پٺ ڏيئي اُتي پنهنجي پريتم ڏانهن وک وڌائين:-

”اؤندا گهڙا نه جل ۾ ٻُوڙي، سُوڌا سو ڀَرِ ڀَرِ يا،
جاڪِڻَ ڀَهَ جڳہ گهِرِ ڪر چالِئَہ، تا پرساد نِستَرِ يا.“

ارٿ- جهڙيءَ ريت دلو اونڌو ڪري نديءَ ۾ وجهبو ته اهو ٻُڏندو ئي ڪين، مگر سڌو ڪري وجهڻ سان پاڻيءَ سان پرجي ٻڏي ويندو، تيئن جيڪو هن مايا سان نفرت ڪري هلندو سو ئي پرماتما جي ڪرپا سان پار پوندو.

—·—

ڳولي ڳولي سياڻا ۽ هوشيار ماريا. ڪنهن کي نه ڇڏيائين.
مني، پير، پيغمبر، دگمبر، جوڳي جنگم ماري زور ورتو
اٿيائي. ويد پڙهندڙ براهمڻ، سوامي ۽ وڏيون وڏيون ڪتابون
ڪندڙ مسر پنڊتن کي ڦٽا ڪيائين ۽ لوڻ مستانن کي پيئي ڦرين.
ناستڪن ۽ پاپين جي تون هرتا ڪرتا آهين ۽ هري
جي ڀڳتن جي چيلي آهين. داس ڪبير جنهن رام جي سرڻ
ورتي آهي، انجي پنيان لڳين ته ان تنڙي ڦٽو ڪيائين.

شڌ ادوئيت ۾ مايا کي برهم جي شڪتي ڪري
قبول ڪيو ويو آهي؛ مگر ڪبير مايا کي مٿيا ۽ ڀرم سمجهي
ٿو جنهنجو ڪارڻ آهي اگيان:-

” ڪبير مايا پاپڻي، ڦندا لئه ٻيٺي هاٽ،
سب جگ تو ڦندا پڙيا، گيا ڪبيرا ڪاٽ. “

ارٿ:- هن پاپڻ مايا پنهنجي دوڪان ۾ ڦندو (ڄار)
ڪري ڦهلايو آهي ۽ سڄي دنيا کي ڪري ڦند ۾ ڦاسايو
اٿس، مگر ڪبير انکي ڪاٽي ڦٽو ڪيو.

ڪبير صاحب ”رمئني“ ۽ شبدن ۾ مايا جو ڏاڍو
خوفناڪ چٽ چٽيو آهي. ڪبير مايا کي وسڻ ڇوڙڻ ڪان نه
ٿو گسي. هو سمجهي ٿو ته هو خود برهم آهي، پر انشي
يعني برهم روپ پتا کان مايا ٿي ڪيس جدا ڪيو آهي:-

” پوت پيارو پتا ڪون، گوهن لاگا ڌاء،
لوڀ مٺائي هاٿ دي، آپڻ گيا ڀلاء. “

ارٿ:- وڇڙيل پٽ جنهن ٿي ڊوڪي وڃي پئي
(پرماتما) سان ملڻ لڳو، تنهن ٿي هن لوڀ روپي مايا جي
مٺائي سندس هٿ ۾ ڏيئي ڪيس پاڻ کان ڀلائي دور ڪيو.

مايا کي پنج پٽ، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موه، مد ۽
متسر نالي آهن. جنجي زور ٿي هو مدش کي ڪيرايو پٽ

اڳ ۾ مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته آد گرو ڪبير صاحب جي سنت مت جي ڇهن سڌانتن مان، جوڳ يا يوڳ به هڪ مت آهي، جنهن جي وسيلي جيو برهم کي ڏسوين دوار يا ڏهين دروازي ۾ ڀيٽي پراپت ڪري ٿو.

حقيقت ۾ هٺ يوڳ ناٿ پنٿين جي سادنا جو هڪ طريقو آهي. مگر جنهن صورت ۾ ڪبير صاحب انجو پنهنجي باڻيءَ ۾ بار بار بيان ڪيو آهي، تنهن صورت ۾ ڪبير صاحب کي سمجھڻ لاءِ هن طريقي مان واقف ٿيڻو پوندو. ناٿ پنٿين جي عقيدي موجب، مها ڪنڊلنيءَ نالي هڪ شڪتي آهي جا سڄيءَ سرشٽيءَ ۾ وياپڪ آهي. ويدانت جي مٿي موجب، "جيڪي پنڊ (شرير) ۾ آهي سوئي برهمانڊ ۾ آهي." ان موجب شرير اندر رهندڙ هن شڪتيءَ کي ڪنڊلني ٿو سڏجي. اها ڪنڊلني جيستائين شرير جي اندر سمهي پيئي آهي ليستائين انجو، رُڳو اهو ڪم آهي جو هوءَ جسماني بناوت ۾ اوچ آڻي ٿي.

اها ڪنڊلني اسانجي پٺيءَ جي ڪرنگهي (جنهن کي جوڳ جي ٻوليءَ ۾ "ميرو ڊنڊ" ٿا سڏين) جي پڇاڙيءَ ۾ گداءِ لنگ جي بلڪل وچ ۾ آهي. اُتي هڪ سويمڀوُ لنگ آهي، جو هڪ ننڍي چڪر ۾ آهي. ان چڪر ري آگني چڪر ٿو سڏجي. انهيءَ چڪر واري لنگ کي ٻن وراڪن ۾ ويڙهي ويٺل نانگڻ وانگر جيڪا شيءِ آهي تنهن کي ٿي ڪنڊلني سڏجي ٿو. انجي مٿان ڇهن ڏلن (پنن) وارو ڪمل آهي جنهن کي موُلادار چڪر ٿو سڏجي. وري انجي مٿان ڏن وٽ سُواڌشٽان چڪر آهي جو ڇهن ڏلن (پنن) جي ڪمل جي صورت وارو آهي. ان چڪر مٿان وري مٿي ڙڪ چڪر آهي. ان کان به مٿي هردي وٽ آهي اناهت ڪر. مٿي پورڪ ڏهن ڏلن ڪ. اناهت ٻارهن ڏلن جي

اڏياءُ اٺون

هٺ يوگ

اوڌوءَ، ڳڳن منڊل گهر ڪيجئه،
اَمرت جهرءِ سدا سُک اپجئه، ٻنڪ نالِ رس پيجئه،
مول باندِ سَرَ ڳڳن سمانا، سُشُمنَ يون تن لاڳي،
ڪام ڪروڌ دونو ڀيا پليتا، تهان جوڳڻي جاڳي،
مُنوان جاءِ ڏرپي ٻئنا، مڳن ڀيا رس لاڳا،
ڪهئه ڪبير جيئه سنسا ناهين سبد اَناهد باڳا.

ارٿ:- هي جوڳي، تون پنهنجو گهر ڳڳن مَنڊل (ڏهين ڏوار) ۾ اڏ. اتي اَمرت جي ڦرڪا پيئي ڦرسي ۽ سدائين سُک ۽ آنند لڳو پيو آهي. مگر اهو رَس اپتي ناڙي (ڏسوان ڏوار وڃڻ لاءِ اپتو رستو) سان پي سگهبو. مولاڌار چڪر کي سشمنا ناڙيءَ جي مدد سان ٻڌي ڳڳن منڊل جي تلاءَ ۾ وڃي واسو ڪر. ڪام ۽ ڪروڌ وغيره کي پليتو (باهه ڏيڻ جو هٿيو) ٻڌائڻ سان مولاڌار چڪر ۾ جيڪا جوڳڻي (ڪنڊلني) آهي سا جاڳي پوندي ۽ من آگيا چڪر ۾ پهچي، مها رَس پيئڻ ۾ مَدو ٿي ويندو. ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته من جا سڀ سنسا ناس ٿي ويندا ۽ اهو اَناهد شبد ٻڌڻ ۾ مست ٿي ويندو.

اُنهيءَ ۾ ڀيڄي ٻوڳي "مُهمشور" سان تہ ملاقات ڪري.
ڪبير صاحب مٿي فرمايو آهي تہ "ٻڌڪ نال رَس پيجئہ" اهو رس الٽي ڪمل جي ناڙيءَ سان پيئو."
شاهہ صاحب، انيءَ الٽيءَ راهہ جو اِشارو سر ڪاهوڙيءَ ۾ هن ريت تہ ڪري.

"وڄهو وڄ مِ وات ڪي، ڪهج ڏانهن ڪوات،
ٻـــا
ڪيريءَ ۾ ٻيـــر ڪنهين ٻـــاٽـو ٻرٽين،
جيان منجهہ ماڙهئين، سڄڻ تيان ٿـي سير،
اُن ٻون سندو ٻير، ڪوڙن منجهان ڪو لهي."

جن لفظن ۾ شاهہ صاحب انهيءَ ڪوات جو بيان ڪيو آهي، هوبهو ساڳيا اکر ڪبير صاحب بہ ڪتب آندا آهن.
"اَگهت چلي ٿي نگر پُهتي، راهہ چلي تي لوٽي." (ڪبير)
"جهنگل هليا سي نـہ پليا، راهہ هليا ڦرجن." (شاهہ)
هاڻي اچو تہ اُن الٽيءَ راهہ جو پَند ڪريون. مگر اِها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ هن الٽيءَ راهہ ٻنائڻ لاءِ ڪامل گروءَ جي ضرورت آهي.
"ڏورڻ گهڻو ڏاکڙو، ڏورج مَ ري ڏٿي." (شاهہ)
جنهن ميروُ دنڊ يا ڪرنگهي جي ڳالهہ مٿي ڪيل آهي اُن ۾ ٻراڻ واٽوُ يا ٻون ڪي واهيندڙ گهڻيئي ناڙيون آهن، جن لاءِ هٺ يوڳ پرديپڪا ۾ ٻاهتر هزار ناڙين جو ورڻن ڪيل آهي. ٻر منجهن سشمنا جنهنکي سکمڻ ٿـا ڪوٺين سا ٿي سرمور آهي. شامڀوي شڪتيءَ واري آهي.
اها سشمنا ناڙي آڳيا چڪر يعني ڀڃهي ٻرن جي وچ ۾ آهي. اُنکي سرسوتي بہ سڏين. اڙا ۽ پنگلا، جي نڪ جي ساڄي ۽ ڏائي پاسي آهن، جنکي گنگا ۽ جمنا بہ سڏجي ٿو.

ڪمل جي صورت وارا آهن. انهيءَ کان ٻه مٿي، ڪنٺ يا ڳلي وٽ ١٦ ڏلن وارو ڪمل آهي جنهنکي وِشڌ چڪر ٿا سڏين. انهيءَ کان ٻه مٿيرو ڀرُن جي وچ ۾ آگيا چڪر آهي، جنهنکي فقط ٻه ڏل آهن. انهن ئي چڪرن کي شٽ چڪر ٿا ڪوٺين. يوگي جڏهن اُنهن ڇهن چڪرن کي پار ڪري مٿي ٿو پهچي تڏهن ئي ڪيس مَستڪ ۾ رَهندڙ ”شونيہ چڪر“ ۾ گهِرڻ جي اِجازت مِلي ٿي. انهيءَ کي سَهِسرار چڪر بہ سَڏين يعني اُني هَزارن ڏلن وارو ڪَمل آهي. انهيءَ هَند جيوَ آتما ۽ برهم جو ميلاپ ٿِئي ٿو. ڪبير صاحب اُن چڪر کي برهمانڊ، برهم رُندَر، مانسروور، ڳگن گُڦا وَغيره نالن سان سَڏي ٿو.

سنت مت موجب سَهِسرار چڪر يا شونيہ چڪر کان بہ مَٿي هڪ چڪر آهي جنهنکي ”سُرت ڪَمل“ ٿا سڏين. سنت مت جو چَوڻ آهي تہ سهسرار چڪر ۾ پهتل يوگي، جڏهن سماڌيءَ جي ننڊ لَي، دنيا ۾ وَرلي ٿو، تڏهن واسنائُن جو شِڪار ٿيو وڃي. پَر سُرت ڪَمل ۾ بِسرامُ ڪرڻ وارو يوگي، انهيءَ خَطري کان پَري آهي.

اَسين چڪرَن ۽ دسوين دوار جي ڳالهہ تہ ڪري وياسين پر اچو تہ ويچار ڪريون تہ اُن مَنزل کي ڪهڙي پَند سان رَسِي سگهبو.

شاهہ صاحب، انهيءَ پَند کي ”مَهيسي“ پَند ٿو سَڏي.

”پِرن ڪين پَسٽ ڪُٺي، گهرن ڪين گهران،
مهيسي مخلوق جي اِيءُن دور دران،
پِڇن لوءُ شرع، جي اندر عدالت انهي.“

شاهہ صاحب جوڳين کي انهيءَ ڪري ٿو مهيسي مخلوق سڏي، جو سهسرار چڪر جي جا ڳالهہ مٿي لکي آيا آهيون

ناد مان پرڪاش پيدا ٿئي ٿو. انهيءَ پرڪاش کي مها بندو ٿا سڏين. اهو ناد ۽ بندو جو سڄي برهمانڊ ۾ وياپڪ آهي سو وري منش ۾ جڏهن پرڪاش ڪري ٿو، تڏهن انکي چون اَنهد ناد. هرهڪ ساهه وارو انهيءَ اڙا ۽ پنگلا جي معرفت سڄي ڏينهن ۾ ٢١٦٠٠ ساهه پساهه کڻي ٿو. سشمنا يا سکمڻ جو مارگ بند آهي، انهيءَ ڪري ٿي جيو جون ورتيون ٻاهرئين طرف يعني وشين وغيره ۾ لڳل آهن. جڏهن ساڌنائن دواران سکمڻ جي راهه کلي ٿي ۽ ڪنڊلني جاڳي ٿي، تڏهن اهو شونيه مارگ جنهنکي سامي "سچ وسڻ" جي وچارو رستو ٿو چوي، کلڻ ٿي ساهه پساهه ٿِر ٿئي ٿو ۽ اهو انهد ناد ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. اُنهيءَ وقت يوگي پرم آنند جو اَنڀو ڪري ٿو. سهڻي شاهه لطيف، سر رامڪليءَ جي پهرئين فصل جي وائيءَ ۾ اُنجو هينئين رهت بيان ڪيو آهي.

وائي

سندڙيان سگري، ڳالهه ڳجهڙي، مون ماريندي ڪڏهين،
بيخود ٻاهو سي ٿيا، ٻرندي جن، ٻڌڙي،
جا ساراهيل سبحان جي، تنهن واڪاڻ کهڙي،
سهسين سرودن کي پاڻان پوءِ وڄندڙي،
گهانڊار مرون موهيا، هيءَ ماڙهو مهندڙي،
آهي، عبداللطيف چئي، مٺا جيار يندڙي.

سامي صاحب به انهيءَ انهد شبد جي آنند جو واهه جو ورڻن ڪيو آهي.

"منجهين تن تنوار، وڄي ويل سڀ کهين،
چنگ طنبورا ڪيترا، "سامي" ساز اپار،
اٺ ئي پهر اَندر ۾ "سامي" پرڻ پچار،
ڪنهن ڪنهن مگنٽهار، سوجهي هن سرود جي."

اهي مٿي آٺين سڪمڻ سان ملائجن ٿيون. سڪمڻ مان لنگهي ڪبير ڏانهن وڃڻو آهي. مگر ان سڪمڻ جي اندر به ڪيترين ئي سوکم ناڙيون آهن. وهنوار ۾ اڙا، پنگلا ۽ سشمنا جا ئي نالا ڪتب ايندا آهن. انهيءَ سشمنا مان لنگهي، يوگي هيٺ ڪرنگهي جي پڇڙيءَ وٽ ڪنڊليءَ وٽ پهچي ٿو ۽ اُنکي اُٿاري مٿي ڏهين دروازي ڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اسانجي سرير جا نوَ دروازا کليل آهن، جي آهن ٻه اکيون، ٻه ڪن، ٻه ناسون، وات، گدا ۽ لنگ. باقي ڏهون دروازو برهم رنڌر ۾ بند آهي. يوگي انهيءَ ڏسوين دوارِ پهچي تربيٽيءَ ۾ سنان ڪري آنند پائي ٿو ۽ مرڻ وقت انهيءَ دروازي مان ئي سندس پراڻ وڃن ٿا.

اَرڌ اُرڌَ ڪي گنگا جمنا، مُول ڪوَل ڪو گهاٽ،
شَٽ چڪر ڪي گاگري، ترِبيٽي سنگم ٻاٽ،
نادَ، بندُ ڪي ناوري، رام نام ڪيِهار،
ڪهہ ڪبير گڻ گائلي، گُرو گم اُترءَ پار.

ارٿ:- هيءَ شرير ڇهن چڪرن روپي گهاگهر آهي، گنگا ۽ جمنا (اڙا ۽ پنگلا) جي سنگم وٽان ئي، ڏسوين دوار ڏانهن وڃڻ جي وات آهي. مولاڌار وٽ ڪمول گهاٽ آهي. ناد ۽ بندوءَ جي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي، رام نام جا گڻ ڳائيندي، گروءَ جي ٻتايل گيان سان ئي پار پهچندين.

ماڻهن ۾ اها ڪنڊليني پنهنجو منهن هيٺ ڪيو سمهي پيئي آهي. انهيءَ ڪري ماڻهو ڪام ڪروڌ وغيره وڪارن جا زر خريد ٻانها بنيا رهن ٿا. ڪنڊليني جڏهن جاڳي مٿ ڏانهن وڃڻ شروع ڪري ٿي تڏهن ڦناڪي جي ڦانڊ وانگر آواز ايندو آهي جنهنکي ئي "ناد" ٿا ڪوٺين.

ڪهت ڪبير تنهن رَئن دن آرتي،
جگت ڪي تخت پر جگت سائين،
ڪرم اؤر ڀرم سنسار سب ڪَرَتَ هئہ،
پيو ڪي پَرَک ڪوئي پريمي جانَئہ،
سُرَت اؤ نِرِت ڌار من ۾ پڪڙ ڪر،
گنگ اؤر جَمن ڪي گهاٽ آنَئہ،
نِيرَ نرمل تَهان رَئن دِن جَهَرَتَ هئہ،
جنم اؤ مَرَن تب انت پائي.

ارٿ:- ڪبير صاحب، فرمائين ٿا تہ اُلي تخت تي براجمان جگت جي مالڪ اڳيان، ڏينهن رات آرتي پئي هلي. سنساري جيو ڪرمن ۽ ڀرمن ۾ منجهيا پيا آهن. پريتم جي پرک ڪو سچو پريمي، ئي ٿو ڪري سگهي. سرت ۽ نرت (ٻاهريان ۽ اندريان ورتين) کي من ۾ لين ڪري گنگا (اڙا) ۽ جمنا (پنگلا) جي گهاٽ تي آڻي سماڌيءَ ۾ گم ٿيءُ، جتي ڏينهن رات نرمل نير (پورڻ گيان) جي ڌارا پئي وهي. اُتي پهچي جنم ۽ مرڻ جو خاتمو ٿيو وڃي.

مگر مَن، جيئن جيئن وڃي پوتر، نرمل ۽ اِستر ٿيندو تيئن تيئن انهن آوازن جو ٻڌڻ بند ٿيندو ويندو آهي. ڇو ته جڏ آتما اُن وقت پنهنجي سروپ ۾ قائم مقام ٿئي ٿي ۽ ٻاهرين دنيا سان هن جا واسطا ختم ٿيو وڃن. اهو ناد حقيقت ۾ هڪ هوندي به، اُپاڌين ڪري ستن سرن ۾ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. مگر جڏهن اهو ناد اُپاڌي رهت ٿئي ٿو تڏهن اهو "اومڪار" جو روپ ڌارڻ ڪري ٿو. انهيءَ اومڪار کي شبد برهم ۽ سَتّا (شڪتيءَ) کي ٿي برهم ٿا ڪوٺين.

پر هٺ يوگ ڪو آخرين ساڌن هجي سا ڳالهه ڪانهي. هيءَ راج-يوگ ڏانهن وڃڻ لاءِ مارگ آهي. حقيقت ۾ شرير ۽ مَن جي شڌيءَ لاءِ ئي هٺ يوگ جي ضرورت آهي. ڪبير صاحب، جيستائين سوامي رامانند جي ستسنگ ۾ نه آيو هو تيستائين هن هٺ يوگ جون ڳالهيون ڪيون ٿي. ان بعد هن سنئون سڌو ڀڪتي مارگ جو طريقو اختيار ڪيو.

سهسرار چڪر ۾ پدم جي پاڙ ۾، ٻونيءَ نالي ٽڪندي صورت وارو شڪتي-مرڪز آهي، جنهن ۾ چندرما جو آستان آهي. ان منجهان هميشه امرت پيو جهري، مگر اهو امرت ڪنڊلنيءَ ۾ رهندڙ سورج سڪايو ڇڏي. يوگي پنهنجي جپ، سهسرار چڪر جي پاڙ وٽ پهچائي منجهانس امرت پيئي ٿو. اهو ئي امرت سوم رس آهي. هن جي پيئڻ ڪري شرير جا سڀ زهر ناس ٿيو وڃن ۽ ماڻهو بلڪل نروئو تندرست رهي ٿو. انهيءَ کي يوگ ۾ امر وارڻي (شراب) ٿا ڪوٺين.

انهيءَ امر وارڻيءَ جي مستيءَ ۾ مست ٿي، يوگي پنهنجيءَ سرت کي سنڀالي انهيءَ گگن گڦا ۾ پهچي، پنهنجي پريتم سان هڪ ٿئي ٿو ۽ انهيءَ جي آرتي اُتاري ٿو:-

ارٿ:- جيستائين ڀڳتي سڪام آهي يعني ڪنهن نه وستوءَ يا پدارٿ جي پاڻ لاءِ ڪڏي وڃي ٿي، تيستائين اها نشڪل آهي. ڇاڪاڻ ته هو ديو، هو پريتم بلڪل نشڪام آهي. سندس هر هڪ ڪم ڪامنا رهت آهي.

ڀڳوان خود رس روپ (پريم) ٿي ٿو، رس جي چاهنا ڪري ٿو ۽ خود آنند روپ هوندي ٿو، هو تيستائين آنند نٿو ماڻي، جيستائين ڪيس رس نٿو ملي. ڀڳتن جي دعويٰ آهي ته هنن اَنڀوءَ ۾ ڪيس پاتو آهي. جيڪو ترڪ يا دليل سان ڪيس ڳولڻ ٿو چاهي، تنهن لاءِ هيءَ سموري ڳالهه راز ٿي نظر ايندي. مگر جو پريم جي مستيءَ ۾ اچي ڪيس سڏي ٿو، تنهن لاءِ ان ۾ ڪو به راز نه آهي. پرڀو پاڻ ڪيس پاڻ وٽ ڪوٺي، محبت جو پيالو ٿو پياريس:-

”محبت مست ڪري عاشق نيان اسگاهه ۾،
پرچي ڪيائون پنهنجو سامي پٽ پري،
ڏسي منهن محبوب جو وينا ڏيان ڌري،
پرڀو پاڻ پري، نت پيالو ڏين نور جو.“

پريتم ۽ پريمي هي نور جو پيالو پي، نٿو پرڻ پيا هڪ ٻئي کي پيارين. انهيءَ لاءِ ئي پريم پڪاري سائين راهه وينڌن ڀڳتن تي رنگ ڀري پچڪاريءَ سان وار ڪري ٿو. انهيءَ وار جي چوٽ جا گهائل پاڻ سنڀالي نٿا سگهن. انهيءَ چوٽ جي گهائلن لاءِ نڪا دوا نڪو دارون نڪو ويڄ نڪو طبيب:-

”هڏ نه وڻي هاڻ مون، وڃڻ جو وصال،
هن منهنجي حال، حبيب ئي هادي ٿيو.“

ڪبير صاحب هن رنگ ڀري پچڪاريءَ سان گهائل …ي، سيني رنگن سان رڱجي ويو. وياڪل ٿي پنهنجي …ستگروءَ کان ان لاءِ اُپاءُ پڇڻ ويو:-

اڏياءُ نائون

ڀڳتي

”ڀاڳ بِنا نَهِن پائيي، پريم پريت ڪي ڀُڳت،
بنا پريم نهِن ڀڳتي ڪڇُ، ڀڳت ڀرو سب جُڳت.“

ارٿ:- پريم کانسواءِ ڀڳتي ڪجهه به نه آهي، مگر اُها ڀاڳن بنان نصيب نه ٿي ٿئي.

هن کان اڳ بيان ٿي چڪو آهي ته سوامي رامانند جي سنگت ۾ اچڻ کانپوءِ، ڪبير صاحب ڀڳتيءَ ڏانهن رخ رکيو. يوگ وغيره ساڌنائون ڇڏي، ڀڳتي مارگ اپنايو.

ڊاڪٽر گريئرسن، ڀڳتيءَ جي هلچل ڏانهن اِشارو ڪندي لکيو ته ”بجليءَ جي چمڪي وانگر اچانڪ هن سموري (ڀاڪنڊي متن جي) انڌڪار مٿان هڪ نئين ڳالهه ڏسڻ ۾ آئي؛ اُها هئي ڀڳتيءَ جي هلچل.“

هيءَ ڀڳتي سگڻ ۽ نرگڻ، ٻن روپن ۾ ظاهر ٿي. مگر پريم ئي ٻنهي لاءِ مارگ هو. نشڪام ڀڳتي ئي ٻنهي لاءِ طريقو هئي. بنان ڪنهن شرط شروط جي، ڀڳوان کي پنهنجو پاڻ ارپڻ ڪرڻ ٻنهي کي پيارو هو.

ڪبير صاحب فرمائي ٿو:-

”جَبَ لَگَ ڀڳتِ سَڪامَتا، تَبَ لَگ نِرِ ڦَل سيو،
ڪهه ڪبير وَهُ ڪيُون مِلي، نِهڪامي نِجَ ديو.“

هن شاھ سائينءَ کان نه ڪو ٻچي، نه هن تير جي چوٽ کائڻ لي تنهنجو هياءُ نه ٿري ڳڳهه ٿي پيو آهي، پر هيءَ وري ڇاڇي، ٻچا پيو ڪرڻ نه تنهنجي حبيب جو ٻه ڪي هٿ ٿريو؟ سندس هٿ يا هياءُ ٿريو يا نه سو نه ڀڳوان ۽ ڀڳت جي دل ٿي ڄاڻي، باقي اِهو تير هڻي، هن توکي سخت پريکيا ۾ وڌو آهي. ڏس نه ڪوي ڪُل گرو، شاعرن جو سرتاج رويندرناٿ ٺڪور ڇا ٿو چوي؟ چوي ٿو، هيءَ تنهنجو پريتم ڏاڍو سنگدل آهي، هيءَ دک جي رات جو راجا آهي.

”اوري ڏُبارِ کُلي دي ري، باجا شنک باجا،
گمڀير راتي اسي ڇي آج، آنڌار گهري راجا.
وَجرُ ڏاڪي شونيه تلي، وِڌُيتير جهلڪ جهَلي،
ڇِنّ شَيَنَ نيني ابني، آڳِنا لور ساجا،
جَهڙي سائي هَناسِ ابلو، دُک راتير راجا.

ارٿ:- هيءَ دک جي رات جو راجا آهي، اونداهي محل جو بادشاهه آهي. ڪيس سکه ۽ سينگار پسند نه آهي. پنهنجي پريتما جي برهه ۾ هن کي مزو اچي ٿو. هو ڪو سٺو پگهرجڻ وارو ٿورو ئي آهي. جڏهن دک جو طوفان آئي ٿو، تڏهن بجليءَ جي ڪڙڪي سان گڏ هو پنهنجيءَ پريتما، ڀڳت جي چنل پراڻي گودڙيءَ لي اچو پراجمان ٿئي! ڀالا ٻولا آهن اهي، جي هن دک جي وقت اينڌڙ مهمان کي نٿا سڃاڻن. اَٿي اُٿ، جلد دروازو کول. آئي پنهنجو اڳڻ سينگار. هوءَ منگل شنک جي ڏُني ٻُڌ. سڀ ڏسيون طوفان جي اندوڪار ۾ سمانجي ويون آهن. آسمان ۾ ڪڙڪا پيا پون، بجلي چمڪا پئي ڏئي. وڇاءِ، هيءَ پنهنجي چنل قائل پراڻي گودڙي.

”ستگُرُ هو مهاراج، موپَہ سائين رنگ دارا،
شبد ڪي چوٽ لڳي ميري مَن ۾، ٻِڌِ گيا تَن سارا،
اؤ شد مول ڪڇؤ ناهين لاڳ، ڪاڪَرِ بَيدَ بيچارا،
سُرَ نَرَ مُنِ جَنَ پيرَ اؤليا، ڪوئي نہ پاوي پارا،
صاحب ڪبير سرب رنگ رنگيا، سب رنگ سي رنگ نيارا.

ارٿ:- هي ستگرو مهاراج، سائين موتي اڄ رنگ وڌو آهي، شبد جي چوٽ اهڙي تہ گهڙي لڳي اٿم جو سارو تن بدن ونڌجي ويو آهي. انهيءَ ۾ ويچاري ويڄ جو ڪهڙو ڏوهہ، جو سندس دوا بلڪل ناڪاميب ٿي پيئي آهي. جنهنجو ديو ديوتائون، رشي مني پير اولياو بہ پار نہ پائي سگهيا. ڪبير هاڻ سيني رنگن سان اهڙو تہ رڱجي ويو آهي، جو چوي ٿو تہ هيءُ رنگ تہ سيني رنگن کان نيارو آهي!

هي ٻاڻ، اهڙو تہ تکو لڳو اٿس جو ڪليجي ۾ گهاءُ ٿي پيو اٿس، پر اُنجي پيڙا ڪيس اهڙي تہ مٺي ۽ من موهڻي پيئي لڳي جو پريتم کي هرهر پيو وينتي ڪري تہ اهو تير وري بہ هلاء.

”جهہ سَرَ ماري ڪالهہ، سو سَرُ ميري مَن بَسيا،
تِهِ سَرَ اَجهؤ مارِ، سَرَ بِنَ سچپائؤن نهين.“

ارٿ:- هي پريتم، ڪالهہ تو جيڪو تير هڻيو، اُنجي چوٽ منهنجي من ۾ گهر ڪري ويئي آهي، من اُنہ ۾ رمي ويو آهي. ڪرپا ڪري اهو تير، هڪ ڀيرو وري بہ هڻ ڇاڪاڻ تہ ان کانسواء منهنجي من کي شانتي ڪين ٿي ملي.

”سر جو سنڌ پو سڄڻين، بنگا ڀاڻ پري،
ويو وجؤدان نڪري، ڪڙ ڪڙ ڪان ڪري،
پڇيو پير پري، تہ ڪي ٿريو هٿ حبيب جو.“ (شاهہ)

اَرٿ :- هي پريتم، ٿولاءِ هن تن کي ڏيئو ٻڌائي ۽ پراڻن
روئي وڃي وجهي ۽ رت روئي نيل اوئي، نه معلوم ته ڪڏهن
ڪان (جنم جنمانترن کان) تنهنجي واٽ نهاري رهيون آهيان.
اهائي هڪ آشا لڳل اٿم ته پنهنجي پريتم جو مکڙو ڪڏهن
ڏسنديس."

سڀني ۾ به ڪڏهن خيال نه ڪبو، ته ڪو پريتم ڪلندي
ڪلندي اچي جهوليءَ ۾ پوندو. ڏينهن رات هن جي سوز ۽
فڪر ۾ گهارڻو پوندو.

"هَنس هَنسِ ڪنت نه پائيي، جنَ پايا تنَ روءِ،
جو هَنس هَنسِ هي هَر ملي، تو نه ڏهاڳڻ هوءِ."

اَرٿ :- کلندي کلندي ۽ دنيا جا عيش عشرت ماڻيندي
ڪنهن به ڪانت (سواميءَ) کي حاصل نه ڪيو، جن پاتو تن
وڇوڙي ۾ لڙڪ ۽ روئي پاتو. جيڪڏهن کلندي کلندي
ڀڳوان ملي وڃي ته هوند دنيا ۾ ڪا به ڏهاڳڻ نه ٿئي.

ڪبير صاحب جي پريم جو آدرش، ستيءَ ۽ سورمو آهي.
مگر ته به ڇوي تو ته ڀڳت جي هيءَ پريم جي لڙائي، ستيءَ
جي پاڻ ارپڻ ڪرڻ ۽ سورمي کان وڌيڪ ڪٺن ۽ آزمائش
واري آهي.

"ساڌ سَتي اوءِ سورمان، ان پٽتر ڪوءِ ناهِن،
اگم پنٿ ڪون پگ ڌرين، ڊِگه تو ڪَهان سماءِ؟"

اَرٿ:- ساڌو، ستي ۽ سورمون، انهن جو ڪو مقابلو ئي
ڪونهي. وچارن اگم مارگ تي ڪري پير رکيو آهي،
ٿورو ئي ٿرڪيا ته وري ڪٿهڪي مٿهن ڏيکارڻ جي لائق
ئي نه رهندا."

ڏس ته سهي، هن سورمي ۽ ستيءَ جي لڙائي پاهرين

اَچانڪ دک جي رات جي راڄ، طوفان سان گڏ منهنجي اڳڻ ۾ پيرُ پاتو آهي.

انهيءَ رات جي راڄ کي ڏاڍن حيلن وسيلن سان، هٽ ڪرڻو آهي. ڏينهن رات جڏهن پپيهي واري "پي ڪهان، پي ڪهان؟" واري رَٽ لڳائبي، پڪاري جي ۾ ڇالا پئجي ويندا، اکيون روئي روئي لال ٿي وينديون، دل دماغ تي خماري ڇانئجي ويندي، تڏهن شايد مس ڪا اَک مٽي ڪجيس!

"اَکڙيان جهانئِين پَڙي، پَنٿ نِهار نِهار،
جِيڀڙيان ڇالا پَڙيان، رامُ پُڪار پُڪار."

ارٿ:- نه معلوم ته مان وراڳڻ ڪڏهن ڪان پريتم جي وات نهاري رهي آهيان. وات نهاريندي نهاريندي اکين جي جوت جهيڻي پئجي وئي آهي، رام پڪاريندي پڪاريندي جيڀ ۾ ڇالا پئجي ويا آهن.

"نَئِنا نِيجهَرَ لائيا، رَهَٽ بَسَئه نِس جام،
پپِيها جِوُن پِوَ پِوَ ڪرُون، ڪَبَ رُمِلهگي رام."

ارٿ:- اَکين آنسن جا جهرڻا ڪري وهايا آهن، جڻ ته کوه جي ماله مان پل پل ٿي ڏينهن رات نيسر پيئي وهي. پپيهي جيان "پي پي" ڪري لڳائي اٿم ته، هي رام! ڪڏهن اچي مون سان ملندين."

ڏس، ته هن پريم جي ميدان ۾ ڪبير، ڪيئن نه پاڻ کي ڏئو ڪري پيو ٻاري.

"اِس تَن کا دِيوا ڪرُون، باتي ميليُون جيو،
لوهي سِينچُون تيلَ جِوُن، ڪب مکه ديکئُون پِيو."

ترار جي ڌار تان هلڻو آهي.

"آڳِ آنڃَ سَهَنا سُگَم، سُگَم کَڙڳَ کي ڌار،
نيهه نباهَڻ ايڪ رس، مها ڪَٺن وِيوهار."

ارٿ:- ڀاهه جي لهس سهڻ سولي آهي، ترار جي ڌار تان پنڌ ڪرڻ به سولو آهي. مگر هڪ رس نينهن نباهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. هڪ رس ٻهجي ڀڳتي نباهڻ جا شرط ڏاڍا ڏکيا آهن. اُن ۾ ڀاونا جي جوش ۾ اچي اُڇرڪڻو نه آهي. نڪي ٻرهه جي ڀاهه نه سهڻ ڪري ويهي رهڻو آهي. ٿوريٽي جوش ۾ اچي گيان ۽ ڪرم جي مريادا ڀڃڻ نه ڪرڻي آهي، ۽ نڪي ڪِي گهڻي اڀياس ڪري ناٽڪي ڀليءَ وانگر جڙ ٻڻجڻو آهي. سُهڻي شاعر رويندرناٿ دل ۾ چڀندڙ سُهڻي ٻوليءَ ۾ انهي واهه جي وياکيا ڪئي آهي:

ڀي ڀڳتي توماري ليي ڌَنيَہ ناٿ ماني،
مهُورتي وِهوَلَ هيِہ نِرتيه گيتِ گاني،
ڀاوونمادَ مَتّاين، سپه گيان هارا،
اُدْ ڀرانتَ اُچّلَ ڦين ڀڳتي مَدَ ڌارا،
ناهه چاهه ذاتَ، ڌائو ڀڳتي شانت رس،
شِيتَلَ سُدا پُورْڻ ڪر، مَنگَلَ ڪلس،
سنسار ڀَوَن دُواري، ڀي ڀڳتي اَمرت،
سمست جِيوَن مرِ هُنبي وِسترِت،
نِگوُڍ گيهرِ، سَرَب ڪرمي دِاي ٻل،
ويرٿ شُڀَ چنچَلتا ڪراي سَڦل،

لڙائي آهي. ستيءَ دنيا جي پتيءَ سان پريم ڪيو آهي، ڌڻ ڪيس دنيا جي لالچن لوڀ سان وڙهڻو پوي ٿو، نه متان پنهنجي پتيءَ اڳيان ڪوڙي نه ٿئي. پر هت ڀڳت لاءِ نه الک جي ساڌنا آهي. ستي ڪري ڪنهن پاپيءَ ڪان پلاند ڇڏائڻ لاءِ ٿورو وقت ڏک ڏاڪڙا ڏسندي، مگر هتي نه آهي ڏينهن رات جنگ جوٽڻي.

"ساڌَ ڪا کيل تو وِکَٽَ بيڍا مَتي،
سَتي، او سوُر ڪي چال آگي،
سوُر گهمسان هَي پَلَڪ دوچارِ ڪا،
سَتي گهمسان پل ايڪ لاگي،
ساڌَ سنگرام هَي، رَئن دِنَ جوُجهنا،
ديهَه پَرجَنتَ ڪام ڀائي،
ڪهَن ڪبير ٽُڪ باڳَ ڍِيلي ڪري،
اُلٽِ من گگن سوُن جمين آئي."

ارٿ:- ويچاري ساڌوءَ جو کيل نه ڏاڍو خوفناڪ آهي. سورهيه جي لڙائي، ٻچار پل نه ستيءَ جي لڙائي ڪن اڌ لاءِ آهي. مگر ساڌ جي لڙائي نه آهي ڏينهن رات جهونجهار ڪو جهڳڙو. جيسين سرير ۾ ساس، تيسين لڙائيءَ جي آس. ٿوري واڳ ڍري ڪئي ته آهي نه آسمان مان جو ڪرندو نه سڌو زمين تي پٽي ٽڪر ٽي ويندو.

هتي نه تنيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي،
جي وينا سي ويا، وينئن تان واري ورو.
جنهن مارڳ تان ڀڳت پند ڪن ٿا، اهو ڪو سولو ڪونهي،

رس اهو ئي پي سگهندو جو ان لاءِ سر جو سودو ڪندو:

”رام رَسائڻ، پريم رس، پيوڻ اَڌِڪ رَسال،
ڪبير پيوڻُ دُلڀ هَئي، مانگئه سِيس ڪلال.“

ارٿ:- رام رسائڻ يعني پريم رس روپي مدرا (شراب) پيئڻ ۾ ڏاڍي ذائقيدار آهي، رسيلي آهي، پر اُنجو پيئڻ سولو نہ آهي. چاکاڻ تہ ان لاءِ ڪلال (گرو) قيمت جي صورت ۾ سر جي گهر ڪري ٿو. يعني جيڪي گروءَ جي اُپديش سان پاڻکي فنا-في الله ڪري سگهن ٿا، اهيئي هن سُرڪيءَ جو سواد ماڻي سگهندا.

هن ٻڪتيءَ جي ميدان ۾، نہ رڳو مرڻ کان مڙهن نہ موڙيو آهي، بلڪ جيئري ئي پاڻ ماري مات ڪرڻو آهي. پنهنجو پاڻ آتم سمرپڻ ڪرڻ، اَيمان ۽ مان ڇڏي جو لياڳ ئي، جيئري مرڻ آهي.

”جيئَن ڪئن مَرِبو ڀلو، جو مَرِ جانئن ڪوءِ،
مَرِني پهلي جي مَرئن، تو ڪَلَ اَجراوَر هوءِ.“

ارٿ:- جيڪڏهن ڪنهنکي سچيءَ ريت مرڻ اچي ٿو تہ جيئري ئي مرڻ بهتر آهي. حقيقي مرڻ کان اڳ، جيڪي جيئري ئي مري چڪا آهن، اهي هن ڪلجڳ ۾ اجر ۽ امر آهن.

”مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نہ ماڻهُ (شاهہ)

هن جيئري ئي مرڻ جي پرواليءَ جو جواب، ڇو نہ ٿا ڪبير صاحب کان پڇون؟ ڪهڙيءَ ريت جيئري ئي مري سگهبو؟

آنندي ڪلياڻ، سرب پريم ڏئي ترپتِ،
سرب دکي ڏئي کير، سرب دکي ڏيپتَ،
داهه هين، سمبريا ڀاو اشروُ نيترَ،
چتّ رهي ٻرپوُرڻ، امتَ گمڀيرَ.

ارٿ:- هي ناٿ، جيڪا ڀڳتي تنهنجي ڪري، بي صبر ٿيو پوي، ڪن پل ۾ ٿي نرت ۽ راڳ ۾ وياڪل ٿيو پوي، ڀاونا جي مد ۾ مست بڻايو ڇڏي، اهها گيان کي گم ڪرڻ واري (مدهوش بنائڻ واري)، اقرڪندڙ ڦيڻ (گجي) سان ڀرپور ڀڪتيءَ جي مد-ڌارا (شراب) مونکي نه گهرجي. هي ناٿ! مونکي شانت ڀڳتيءَ روپي، پريم جي امرت سان ڀرپور منگل ڪلش (گهڙو) دان ڪر. اهو منگل ڪلش جو سنسار جي محل جي دروازي تي سونهيڪ لڳي. جا ڀڳتي، منهنجي سموري جيون جي گهراين ۾ گمڀيرتا سان ڇانئجي وڃي، جا منهنجن سڀني ڪرمن ۾ ٻل ڏيڻ واري هجي ۽ اسانجي انهن سڀني ڪوشش کي آنند ۽ ڪلياڻ سان ڀري ڇڏي، جي ناڪامياب ٿي چڪيون آهن. هيءَ شانتي رس ڀڳتي، مونکي هر طرح جي پريم ۾ ترپتي ڏيندي. سڀني دکن ۾ ڪلياڻ ڏيندي، ۽ ڀري ڇڏيندي سڀني سکن ۾ ڏجهي کان رهت پرڪاش. ڀاونا جي جوش ڀرين آنسن کي روڪي، منهنجو چت ٻرپورڻ شانت ۽ گمڀير بڻيو رهندو.

ڪبير داس جو پريم، سوڀا باڻيءَ جي جوش وارو پريم نه آهي. هن پريم ۾ شانتي آهي، گمڀيرتا آهي. هن پريم ۾ موت سان راند ڪرڻي آهي، سر لاهي ترِيءَ تي رکي پوءِ ٿي پريتم جي پريم مندر ۾ گهڙڻو آهي. اِهو هري رس، اِهو رام

پنهنجي پريتم کي ڳوليندي اچي سندس اونچي اٽاريءَ (محل) تي چڙهي آهي، نه ٻه پير پيا اٿڙڪنس. من لوڪ لڄ ۽ ڪُل جي مريادا ڀڳي. ٽيڙ جي ڊپ کان ڏولائمان ٿي رهيو ائس. مگر ان حالت ۾ ستگرو سندس سهائتا ڪري پنهنجي پريتم سان ملائيس ٿو.

"اونچي گَهٽَل راهَ رَپٽيلي، پانو نَهِين ٺهراءِ،
لوڪ لاج ڪُل ڪي مرجادا، ڊ ڀڪت من سَڪُچاءِ،
دُوِي ستگر ملي بيچ ۾، ڊيَهُوَن ڀيد بتاءِ،
صاحب ڪبير پيا سُوَ ڀيٽيو، سيتَل ڪنت لڳاءِ.

ارٿ:- منهنجي پريتم جو گهر تمام مٿي آهي ۽ رستو تمام خوفناڪ، تنهن تي وري لوڪ لڄ ۽ ڪُل جي مريادا، منهنجو من لڄائمان ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ستگروءَ مونکي انهيءَ جو راز ٻڌايو، تڏهن بيڌڙڪ وڃي پريتم جي گلي لڳيس.

جنهن وقت پريتما پنهنجي پريتم سان، يعني سچي سائينءَ سان، گلي لڳي ملي تنهن وقت لامحدود جو ديس، اُن لاءِ کُلي پيو.

"حَدَ ڇانڊِ بيحد گيا، ڪِيا سُنَّ اَسنان،
مُنِ جَنَ مَحَل نه پاوَئِين، تهان ڪِيا وشرام."

ارٿ:- حد ڇڏي بي حد جي ديس ۾ پهچي، سُنّ گگن منڊل) ۾ سنان ڪيم. جنهن هنڌ تي وڏا وڏا رشي ا پهچي سگهن، اُتي وڃي آرامي ٿيس.

”مَنَ ماريا مَمتا مُئي، اَهم ڳَئي سَبَ ڇُوٽ،
جوڳي ٿا سو رَمِ ڳيا، آسڻ رهي وڀُوت.“

ارٿ:- من جي مارڻ سان ئي ممتا مري وڃي، خودي يا اهنڪار ناس ٿيو وڃي. اهنڪار ناس ٿيڻ تي جوڳي جيئري ئي مري وڃي يعني جيون مڪت ٿيو پوي.

جنهن وقت هيءَ خودي خواري، سامي ميٽي سم ٿيا، تنهن وقت اِهي جيون مڪت پرش ڪال کي ٻه وس ڪيو ڇڏين.

”گهرَ جالوُن گهر اُبري، گهر راکُون گهر جاءِ،
ايڪ اَچنڀا ديکيا، مرا ڪال ڪوُن کاءِ.“

ارٿ:- هن گهر کي (ديهه) جيڪڏهن جلايان ٿو ته گهر بچي ٿو؛ جي هن جو بچاءُ ڪريان ٿو ته گهر ئي ناس ٿيو وڃي. هڪ حيرت جهڙي ڳالهه ڏٺم، جو مئل پيو ڪال کي کائي. هونءَ ڪال، جيئري پراڻيءَ کي کائي ماري ڇڏي پر هيءُ مئل (جيئري ئي مئل يا جيون مڪت) ڪال کي ئي پنهنجي وس ڪيو ويٺو آهي، ڪال کي ئي کائي ويو آهي.

هاڻ هن پريتما لاءِ، پنهنجي پريتم سان گڏجڻ جو دروازو کليو آهي. آرتي سينگاري، سهاڳڻ پنهنجي پريتم کي پوڄڻ نڪتي آهي؛ پريم رس جي بوندن سان سندس چُنري پُسي رهي آهي.

”پيچَهَ چُنَريا پريم - رس بوُندَنِ،
آرتي ساجه کي چَلي هَهَ سُهاگنِ،
پِريه اَپني کو ڍوُنڍَنِ.“

ويا آهن ۽ اُنهڪي ويجهو تڏهن آڻي سگهبو جڏهن مسلمانن جي ڪنهن مت کي بہ، سنت مت ۾ شامل ڪبو. ڪبير صاحب کي صوفي واد پنهنجي مت جي پٺڀرائيءَ لاءِ بلڪل موزون لڳو. صوفي واد کي پنهنجي مت ۾ آڻڻ ڪري هو ڪيترن ئي مسلمانن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي سگهيو. اڄ هندو ۽ مسلمان ٻئي ڪبير جا پيروڪار آهن.

هاڻي اچو تہ ڪجھ صوفي مارگ جي اُپٽار ڪريون. هن ننڍي ڪتاب ۾ ايڏي جاءِ نہ آهي، جو صوفي مت جي پيدائش وغيره جي ڳالهہ ڪجي. هتي فقط ڪن موٽن اُصولن جو ئي بيان ڪرڻ ۾ ايندو. ظاهر آهي تہ صوفي مت جي آخرين منزل بہ اِها آهي جا ٻين متن جي، يعني "اُپاڻڻهار پرماتما سان هڪ ٿي وڃڻ."

"جزو وڃايو جوڳين، ڪُلَ سين آهين ڪُم."

الحق سان هيڪڙائي حاصل ڪرڻ ئي، صوفي مت جو آخرين اُديش آهي. صوفي جڏهن ڏسي ٿو ۽ محسوس ڪري ٿو تہ سيني ڪريائن ۽ هستين جو ڪارڻ، فقط پرماتما جي شڪتي آهي ۽ ظاهري ڏسجندڙ جڳت، اُنجو ئي ظهور آهي؛ تڏهن هو اُن راز کي ڄاڻڻ چاهي ٿو. هو محسوس ڪري ٿو تہ اِهو راز دليل، تڪ يا بُڌيءَ جي ڄاڻ کان مٿي آهي ۽ اُن کي ڄاڻڻ لاءِ ساڌنائن لاءِ پاڻکي تيار ڪرڻو پوندو ۽ اُن جي جوت پاڻ ۾ جزب ڪري ئي اُن جي پرڪاش کي حاصل ڪري سگهبو.

صوفين جي اُنهيءَ حالت جو ورڻن ڪرڻ ڏايو ڏکيو آهي، جنهن ۾ هو پرماتما سان هڪ ٿي وڃن ٿا. انهيءَ حالت ۾، ڪڏهن اهڙو بہ وقت ايندو آهي، جو ساڌڪ يا ساڌنا ڪندڙ دنيا جي وشين کان دور ٿي اُن آتمڪ جڳت ۾ پهچن ٿا، جتي ڪال يا استان (Time and space) جو نالو

سامي صاحب ھن ساڳيو آلاپ ٿو آلاپي:

"گروءَ لکايو گيان، تڏھن ھولڻ ٻڌڻ گيان ٿيو،
جيڪي اڇي درشت ۾، سو سامي سڀ ڏيان،
سيوا سھج سروپ جي، ڪاڻڻ پيئڻ اشنان،
پاڻي پد نرباڻ، ماھل ٿيو مھراڻ ۾."

—·—

اڏياءُ ڏھون

صوفي واد

جُلمَتَ ناسُوتَ، مَلڪُوتَ ۾ فرستي، نُورَ جلالَ جَبَرُوتَ ۾ جي،
لاھُوت ۾ نُور جمال پَھَچاڻِئي، حق مڪان ھا ھُوت ۾ جي،
بقا باھُوت، ساھُوت مُرِسد پار ھئن، جو رب راھُوتَ ۾ جي،
ڪَھَتَ ڪبير اَوِگَتِ آھُوت ۾، خود خاوند آھوت ۾ جي.

ارٿ:- ناسوت ۾ شريعت، ملڪوت ۾ طريقت رستي، فرشتن جا گڻ حاصل ڪري، جبروت ۾ معرفت رستي حقيقت جي ويجھو ٿو پھچي. لاھوت ۾ حقيقت حاصل ڪري، نوري جمال ٿو ماڻجي. ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته "اڻ جاتل" ڪي آھوت ۾ ٿو سڃاڻجي، جتي خود پاڻ ٿو وسي.

ڪبير صاحب سنت مت ۾ صوفي واد کي ھڪ جاءِ ڏني آھي. ڪبير صاحب اھو ڪم ڏاڍي سياڻپ جو ڪيو ڇو ته ھن ڏٺو ته ھندن ۽ مسلمانن ۾ ويڇا تمام وڏي

لڳيون، تيئن تيئن اُنهن جو اهو خيال پڪو ٿيندو ويو ته فنا ڪانپوءِ جيڪا حالت اچيٿي سا آهي "بقا" جي. جڏهن وقت سالڪ "اهم" يعني مان ۽ تون جا ويڇا مٽائي ٿو تنهن وقت اُنکي "فنا" جي حاصليت ٿيئيٿي، ۽ ان بعد ٿي "بقا" جي حالت اچيٿي جنهن ۾ هو پرماتما سان هڪ ٿي رهڻ لڳي ٿو.

پرماتما کي حاصل ڪرڻ جا جيڪي ٻه مارڳ ٻڌايا ويا آهن، تن ۾ پريم کي وڏو مهت ڏنو ويو آهي. پريم جي معرفت ٿي انسان ۾ شرڌا ۽ وشواس پيدا ٿين ٿا. صوفي انهيءَ جي ٿي زور تي پرماتما کي پائڻ جي آشا رکن ٿا. پريم هڪ اهڙي پرڀرٿا ڏيندڙ طاقت آهي جا سالڪ کي آتمڪ درجي تي لڳايو ڇڏي. هيءَ هڪ اهڙي واسنا آهي جا ٻين سڀني واسنائن کي اندر مان هڪاليو ڪڍي. ال شبليءَ جو چوڻ آهي ته "پريم هردي اندر باهه مثل آهي، جو سواءِ پرماتما جي اڇا جي، ٻين سڀني اڇائن ۽ واسنائن کي جلائي ڀسم ڪريو ڇڏي."

پنهنجن سمورين واسنائن سان گڏ، پنهنجو پاڻکي اَرپڻ ڪرڻ ۾ ٿي پريمي سک سمجهي ٿو. ڪڏهن ته شيءِ کي پنهنجي پريءَ مٿان گهوري ڦٽي ڪرڻ ۾ هنکي ڪاٻه هٻڪ نٿي ٿئي. عبدالله ال قريشيءَ جو قول آهي ته "تون جڏهن پرم پريتم سان محبت ڪرين ٿو، انهيءَ کي سڀ ڪجهه، جو تو وٽ آهي سو ڏيئي ڇڏ؛ جنهنڪري ڪاٻه اهڙي ڳالهه نه رهجي وڃي جنهنکي تون پنهنجو چوين." مطلب ته پرم پريتم لاءِ سروَنس ارپڻ ڪرڻ سان ٿي "اهنڪار" ناس ٿيندو ۽ تڏهن ٿي سچي پريم جو اڌڪاري بڻجي سگهبو.

پريتم کي ڪڏهن ۽ ڪيئن حاصل ڪري سگهجي ٿو تنهن لاءِ جلالدين روميءَ پنهنجي مثنويءَ ۾ هيٺيون مثال

۽ نٿو رهي. انهيءَ مارگَ جي ڀوڳائن ۾ ڪي اهڙا ۽ صوفي سنت ٿي گذريا آهن، جن جي زبان مان اچانڪ ڪي اهڙيون ڳالهيون نڪتيون، جن مان اُن حالت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. منصور بن حلاج انهيءَ حالت کي پهچي ”انا الحق“ جو نعرو بلند ڪيو؛ يعني ”مان خود خدا آهيان“. (اها ڳالهه اسلامي عقيدن جي خلاف آهي.) ان حالت ۾ پهچي سادڪ بي خود بڻجو پوي ۽ ”مان“ ۽ ”تون“ کان مٿي اُٿي ٿو. اُن وقت حلاج يا سادنا ڪندڙ، ڪين ٿو بولي بلڪ پاڻ پرماتما ”اهم“ جي چيتنا کان دور، حلاج جي واتان بولي رهيو هو.

صوفي طريقي ۾ هلندڙن جو اعتقاد آهي ته ڀاو-آويش (وَجد) ئي، هڪ اهڙو ذريعو آهي جنهنجي مَعرفت آتما ۽ پرماتما جو ميلاپ ٿي سگهي ٿو. انهيءَ وَجد يا مستيءَ جي سلسلي ۾ صوفين، فنا (لئه ٿي وڃڻ)، سماع، ذوق (سواد) شراب (پيئڻ) غيبت (اهم کان بي خبر ٿيڻ)، جذبات ۽ حال وغيره لفظن جو استعمال ڪيو آهي. فقط هڪ سچ يا پرماتما جي ڌيان وغيره سان، من ۾ اهڙو ولوڙو پيدا ٿئي ٿو جو جنهنجي ”اهم“ ۽ خوديءَ کي وڃائي ڇڏي ٿو.

صوفي طريقي ۾ وجد کي اڳرائي ضرور ڏني ويئي آهي، پر اُنکي اڳتي وڌڻ لاءِ هڪ سادن مڃيو ويو آهي. وجد ڪانپوءِ جيڪا منزل اچي ٿي، تنهنکي وُجود ڪري ٿا سڏين. اُن حالت ۾ جزي جي هستي کوهي ڪُل ۾ ملائڻي آهي. اُن ڪانپوءِ اچي ٿي ”موجود“ جي حالت. انجي معنيٰ ته ”پرماتما جي سَتا ۾ استر ٿيڻ.“

ڪيترا ئي صوفي ”فنا“ کي ئي آخرين درجو مڃين ٿا. مگر جيئن جيئن صوفين جون سادنائون اڳتي ۽ اڳتي وڌڻ

طور رکي ڇڏيو آهي. صوفي چون ٿا تہ ڀڳوان ئي پريم آهي ۽ پنهنجي ئي آنند لاءِ اُنکي پريمين جي دلين ۾ ظاهر ڪري ٿو. بايزيد بسطاميءَ جو چوڻ آهي، ”مون سمجهيو ٿي تہ مان پرماتما سان پريم ڪريان ٿو، مگر اَئين ڪرڻ ڪانپوءِ مون ڏٺو تہ منهنجي پريم ڪرڻ کان اڳ ئي هو مون سان پريم ڪرڻ لڳو هو.“ انهيءَ پريم کي حاصل ڪري پريمي ۽ پريتم ٻئي ٿي پون.

صوفي پرماتما کي پريتم ٿا سڏين. هو اُهو ئي معشوق آهي، جنهنجي محبت ۽ انتظار ۾ هو ڏينهن رات تڙپن ٿا. ڪبير صاحب فرمائي ٿو:-

”يا پريمي ڪو مِيچ دي يا دي اَپنا دِيدار،
راتَ دِوَس کا داجهنا هم سي سَهيا نہ جاءِ.“

ارٿ:- هي پريتم، يا تہ پريميءَ کي موت ڏي يا ڏي پنهنجو ديدار، هيءَ رات ڏينهن جو ڏجهو اسان کان سٺو نہ ٿو ٿئي.

اِنسان رواجي سونهن تي ڪيڏو نہ مستانو ٿيو پوي، مگر جڏهن سالڪ کي اننت (لامحدود) سونهن (جمال) جو پتو ٿو پوي، تڏهن هو اُن سان پريم ڪرڻ کانسواءِ رهي نہ ٿو سگهي. هو پرم ستيہ، اننت سؤندريہ (لامحدود جمال) ۽ پرم منگل (خير - اي - محض) آهي. هنجي ئي ٻاجهہ ۾ هي سمورو جڳت ۽ پراڻي ظهور ۾ اچن ٿا. جيڏانهن نهار ليڏانهن آهي ديدار دلبر جو. جامي هڪ ڪوتا ۾ فرمائي ٿو:-

”ذن آهي هو سنسار جو مالڪ، جنهن هرهڪ اَڻُو پرماڻوءَ کي آئينہ ڪري ڇڏيو آهي؛ جنهن مان سندس سونهن پيئي جهلڪون ڏئي. گلاب ۾ ظاهر ٿيندڙ سندس (پرماتما) ئي

ڏنو آهي:

ڪنهن اچي ٻاهران پريتم جو دروازو کڙڪايو. اندران آواز آيو "ڪير آهي؟" جواب ۾ چيو ويو "مان آهيان." اندران آواز آيو ته "هن گهر ۾ توهانجي ۽ منهنجي، ٻنهي لاءِ جڳهه ڪانهي." پريمي ويچارو موٽي ويو. اڪيلائيءَ ۾ ويهي پرارٿنائون ڪندو رهيو ۽ اُپواس (فاقا) ڪندو رهيو. هڪ ورهيه بعد هو وري موٽيو ۽ اچي دروازو کڙڪايائين. آواز آيو "ڪير آهي؟" هن پيري پريميءَ جواب ڏنو "تون آهين" ۽ تڏهن دروازو کلي پيو.

جيستائين تون ۽ مان جو ويڇو آهي، "اهم" بنيو ٿو رهي، تيستائين پريتم کي پاڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ۽ جڏهن هو حاصل ٿئي ٿو تڏهن "اهم" ناس ٿيو وڃي.

"جَبَ مَئِن ٿا تَبَ هَرِ نَهِين،
جَبَ هَرِ هَئِن، مَئِن ناهِن."

ارٿ:- "جڏهن مان هوس تڏهن هري ڪونه هو، هاڻ جڏهن هري آهي تڏهن مان نه آهيان."

پر صوفي اهو به مڃين ٿا جيسين ان لاءِ ڀڳوان جي ڪرپا نه ٿي ٿئي، تيسين سادڪ جي اندر پريم پيدا ٿي نٿو سگهي. هيءَ اَملهه وستو ڪيڏيءَ به ڪوشش سان سادنا ڪندڙ کي حاصل ٿي نٿي سگهي، جيسين پرڀوءَ جي دیا نه ٿيندي. هن پريم کي پرگهٽ ڪرڻ جي لفظن کي طاقت نه آهي. نڪي سُڪن دليلن سان سمجهي سگهجي ٿو. صوفين جو وشواس آهي ته پرماتما پريم سروپ آهي ۽ هو خود اهڙن انسانن تي، انجو راز ظاهر نٿو ڪري جي اُن جا اڌڪاري نه آهن. جو ڀڳوان سان پريم ڪري ٿو، ڀڳوان به اُنهن سان پريم ڪري ٿو. پنهنجن پريمين جي دلين ۾ هن پريم کي ڌراوت

ٻي منزل آهي تفريد، جنهن ۾ هو پريم ۾ پاڳل ٿيو وڃي ۽ سواءِ پرماتما جي ٻين وٽ ڪنهن به ڳالهه جي هستي نٿي رهي. ٽين منزل اُن وقت ٿي شروع ٿئي، جڏهن هو پنهنجي دل جي آئيني کي پرماتما جي سَتّا ڏانهن مخاطب ڪري ٿو ۽ سندس ٿي نشي ۾ ٻڏي مست مولا بڻيو پوي. چوٿين منزل آهي ذڪر (ڀڳوان جو سمرڻ) جي، جنهن ۾ ساڌنا ڪندڙ اُٺ ئي پهر سائينءَ سان وٺي اوروون اوريندو.

جسي ۾ جبار جو، خفي خيمو ڪوڙ،
جلي تون زبان سين، چار ئي پهر چور،
فڪر سين فرقان ۾، اسم اعظم ڏور،
ٻيا در وڃي مروڙ، اي اَمل اپائين سڀجي."

اهو ذڪر به ٻن قسمن جو ٿئيٿو، هڪڙو ظاهري ۽ ٻيو اَندريون. ذڪر واري حالت مان لنگهي ساڌنا ڪندڙ فڪر جي منزل تي رسي ٿو. ان حالت ۾ جڏهن زبان ۽ من گڏجي ذڪر ۽ فڪر ۾ لڳيو وڃن تڏهن آتما مشاهدو ماڻي ٿي. هن حالت ۾ سالڪ، نروڪار ٿي پنهنجي هستيءَ ۽ گيان کان رهت ٿيو وڃي؛ يعني ڪيس پنهنجي آزاد سَتّا يا هستيءَ جو گيان نٿو رهي.

ڪي صوفي هيٺين ستن منزلن جو بيان ٿا ڪن.

(١) عبوديت، هن ۾ من کي پوتر ڪرڻ سان گڏوگڏ شريعت موجب پرماتما جي سيوا ۾ لڳڻو آهي.

(٢) عشق جي حالت ۾ ساڌنا ڪندڙ، پرماتما سان پريم پيدا ڪري فَقْرَ يعني غريبيءَ کي اختيار ڪري ٿو.

(٣) زهد، جنهن ۾ سنسار جي اِڇائن ۽ واسنائن جو ٽالهو ٿيو وڃي.

سونهن، بلبل کي پريم ۾ پاڳل بڻائي ڇڏيو آهي. اُنهيءَ چڻنگ مان شمع روشن ٿئي ٿي، جنهن تي موهت ٿي پروانو پنهنجو پاڻ کي مٽائي ڇڏي. سورج ۾ سندس پرگهٽ ٿيندڙ سوڀيا کي ڏسي لهرن مان ڪمل پنهنجو سر مٿي کڻي ٿو. ليلا جي ڪاڪل کي ڏسي مجنونءَ جي دل ڇڪجي ويئي هئي، ڇاڪاڻ ته اُن (ليلا) جي سهڻي چهري ۾ اُن (پرماتما) جي جمال جي ڪا ڪِرڻا ڦُٽي نڪتي هئي. هن (پرماتما جي سونهن) ئي شيرينءَ جي چپن ۾ اُهو ميٺاج پيو هو، جنهن پرويز جي دل ۽ فرهاد جي زندگي چورائي ورتي. سندس ئي جمال چنڊ تي طرف ٻکڙيل آهي ۽ پرٿويءَ جي سهڻين شين مان اِهين چمڪي رهيو آهي جڻ هو پردي مان ڇٽي ٻاهر اچي رهيو هجي. يوسف جي ڪوٽ ۾ سندس ئي چهرو چمڪيو، جنهن زليخا جي شانتي ناس ڪري ڇڏي. جتي به اوهانکي حجاب ڏسڻ ۾ اچي، اُتي سمجهو ته هو لڪل آهي. جو هردو محبت سان متاثر ٿيو پوي اُن ۾ هو ڪشش ٿو پري. اُن سان پريم ڪري ٿي هردي ۾ نئين زندگي يا جيوت پيجو وڃي. سندس چاهنا ۾ ئي آتما جي فتح آهي. هن سنسار جي سهڻين شين سان محبت ڪرڻ وارو، حقيقت ۾ ساڻس ئي پريم ڪري ٿو.

صوفي مارگ جون ڪيترين ئي منزلون، حالتون ۽ مقامات آهن. انهن نسبت جدا جدا رايا آهن. "عارف ال معرف" ۾ چيل آهي ته صوفيءَ لاءِ چار منزلون طئه ڪرڻ جي ضرورت آهي. سڀ کان پهرين مريد، پرماتما کي حاصل ڪرڻ جي سخت خواهش رکي هردي مٿان پيل پردي کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پر پرماتما لاءِ جنهن پريم جي منجهس محسوسيت پيدا ٿئي ٿي، اُنهيءَ کي ڪنهن ٻي به ظاهر ڪرڻ نٿو ڏئي، سواءِ وجد جي حالت جي.

(۳) جبروت:- هن ۾ سالڪ آتمڪ شڪتي حاصل ڪري ٿو ۽ سندس رستي جون سڀ رڪاوٽون دور ٿيو وڃن. اِها معرفت واري منزل آهي. (آنند سنسار)

(۴) لاهوت:- هيءَ حالت "حقيقت" واري آهي جنهن ۾ پرم سچ جو درشن ٿئي ٿو. حق سان هيڪڙائي حاصل ٿئي ٿي.

"راهه شريعت هليا، نفڪر طريقون،
حال حقيقت رسيا، معرفت ماڳون،
ناسُوتُ، مَلڪُوتُ، جبرُوتُ، اي انعام لدونِ،
پس لاهوت لنگهيون، هاهُوت متي هليا."

انهيءَ سچي سفر کي صوفي ٽن حصن ۾ ورهائين ٿا.

(۱) سير "الي الله"، يعني پرماتما ڏانهن سفر. هن ۾ "واحديت ۽ وحدت" جي منزل پار ڪجي ٿي.

(۲) سير في الله، يعني پرماتما ۾ سفر. هن ۾ سالڪ پرماتما جي ذات ۾ لئه ٿئي ٿو ۽ هيءَ "احديت" جي منزل آهي.

(۳) سيرٌاني الله:- هن ۾ ساڌنا ڪندڙ پرماتما جي گڻن سان سينگارجي ٿو، هيءَ منزل فنا (لئه) کانپوءِ "بقا" (استتي) واري آهي.

صوفي ساڌنا موجب پرماتما معشوق آهي ۽ ساڌنا ڪندڙ عاشق آهي. مگر ڪبير صاحب پارتي سپينا جي نقطه نگاهه کان پاٽڪي جتي ڪتي "رام کي بهُريا" يعني رام جي ڪنوار سڏائي سانس لنو لڳائي آهي.

"ڪيئَ سينگار ملن کي تائي،
هَرِ نه ملي جگ جيِون گوسائين،

(٤) معرفت- هن حالت ۾ سالڪ پرماتما جي گڻ، سڀاءُ ۽ ڪرم جو ڌيان ڪري ٿو.

(٥) وجد- ساڌنا ڪندڙ، پرماتما سان هيڪڙائي انڀو ڪندي ڪندي، مستي يا مدهوشيءَ جي حالت ۾ هليو وڃي ٿو.

(٦) حقيقت- هن ۾ ساڌنا ڪندڙ کي پرماتما جي حقيقي سروپ جو گيان حاصل ٿئي ٿو ۽ هو مڪمل طور پرماتما تي ئي آڌار (توڪل) رکي ٿو.

(٧) وَصُلُ- هن ۾ سالڪ پرماتما جو درشن ڪندو رهي ٿو.

ڪيترا صوفي ودوان "توبهه" کي پهرين منزل ٿا سڏين، تنهن بعد جڏهن فقر (غريبي) زهد (ويراڳ) ۽ توڪل جي منزل لتاڙين ٿا تڏهن رضا (سنتوش) واري مقام تي پهچن ٿا. هن حالت ۾ ڀڳت هر حالت ۾ صبر ۽ شڪر ڪري ٿو. نه سک ۾ سکي، نه دک ۾ دکي. هو سڀ ڪنهن ڳالهه کي ڀڳوان جو پرساد ڄاڻي ٿو. کيس پنهنجي حالت لئي نه شڪايت رهي ٿي، ۽ نه وري ڪا خوشي ٿي؛ ۽ ڀڳوان ڀڳت جي هن قسم جي من واري حالت تي بي حد راضي رهي ٿو.

هيڏانهن ڀارت جي صوفين مطابق چار منزلون آهن:-

(١) ناسوت:- هن ۾ شريعت جي قاعدي قانون مطابق پابند رهڻو پوي ٿو. (سمتِ پرلِڪ سنسار)

(٢) ملڪوت:- هن ۾ طريقت يعني پوترتا جو آڌار وٺڻو پوي ٿو. ملڪوت ۾ منش جو چت ٻاهرين دنيا جي واسنائن کان مٿي اٿي ٿو، ۽ کيس ديوتائن (فرشتن) جا گڻ حاصل ٿين ٿا. (چت سنسار)

ڪبير ساکي اَمرت

ايشور

١.   ميرا صاحب ايڪَ هَئه، دوُجا ڪَها نه جاءِ،
صاحب دوُجا جو ڪهوُن، صاحب ڪرا رساءِ.

ارٿ :- منهنجو صاحب هڪڙو ئي آهي، ٻئي جو نالو به نه ڳنهه، ٻئي صاحب (ديوديوتا) جو جي نالو ڳنهان، ته سچو صاحب رُسي ويندو.

(اَکيون سيئي ڏار، جن سان ٻسين ٻـ ورن ۽ کي
ٻئي ڏانهن ڪيم نهار، گهڻو پيارا سپرين.) (شاه)

٢.   جاڪي مُکَه ماٿا نهِين، ناهين روُپ ڪُروُپ،
پُهُپَ باس تي پاترِو، اَئِسا ڪَتُ اَنوُپ.

ارٿ :- جنهنکي نکي منهن يا مٿو آهي يعني هو نراڪار آهي، جو نڪي روپ ۽ آڪار اٿس. جيڪو گلن جي سڳند کان به باريڪ آهي. اهڙو ئي مثل آهي منهنجو سائين.

٣.   نِرگُنُ کي سيوا ڪرو، سَرگُنَ ڪو ڪرو ڌِيان،
نرگُنُ سَرگُنُ سي پري، تَهان همارو ڌيان.

ارٿ :- نرگڻ جي ته سيوا ڪريو ۽ سگڻ جو ڌريو ڌيان.

هَرِ ميرو پِرُ هَمُہ هَرِ ڪي ٻَهُرِيا،
رام ٻَڙي مَئن تَنِڪُ لَهُرِيا.”

ارٿ :- اَج مِلڻ لاءِ سينگار ڪيا اَٿم، شل مونکي جڳ جو جيئارڻهار ملي. هري ئي منهنجو پرين آهي، مان اُن جي ڪنوار آهيان. رام وڏو آهي، مان ننڍڙي آهيان.

چاڪاڻ تہ هو پنهنجو سمورو گڏ ڪيل گيان، ۽ اُنهيءَ روپي ڀنڊار، پنهنجي سِک کي اَرپڻ ڪري ٿو. هوڏانهن ٻيو ۽ سمان ڪوبہ ڪلياڻڪاري دُنيا ۾ نہ آهي ۽ هَرِجَنَ (ڀڳتن) جهڙي ساڌنا ڪندڙ ٻي ڪا ذات نہ آهي.

"اهڙي ڪبير ڪري سامي بنا ستگروءَ،
ڀڳت جوڳ ويراڳ جا ڏئي ڀنڊار ڀري،
انهيءَ جوت اندر ۾، سُتهہ سِڌ ڀري،
پلڪ نہ ٿئي پرتي، رمنارام اکين ڪون."

٦. ستگر سانچا سُوِروان، سَبَدَ جُہ باهيا ايڪَ،
لاگت هي ڀُمِن مِل گيا، پڙيا ڪليجي ڇيڪ.

ارٿ:- مُنهنجو ستگرو سچو سورمو آهي؛ هُن جو شبد روپي باڻ مونکي واهي ڪڍيو، اُنجي لڳڻ تي ئي مان زمين تي ليٽڻ لڳس يعني سندس چرڻن ۾ ڪري پيس، ۽ مُنهنجي دِل اندرِ ايشور جي دَرشن لاءِ ڇيدُ ڀنجي پيو يعني دَري ڀنجي پئي.

نوٽ:- شبدُ معنيٰ اُپديش. ڪبير پنٿ ۾ ٽي شبد آهن، (رنڪار، اومڪار، سوهم.) ستنام

٧. دِيپَڪ دِيا تيل ڀَرِ، باتي دَئي اَگهٽّ،
پُورا ڪِيا بِساهُٽان، بَهُرِ نہ آوُن هَٽّ.

ارٿ:- گروءَ مونکي پريم ۽ ڀڳتيءَ روپي تيل سان ڀري ڏيئو ڏنو، ۽ ڪڏهن بہ نہ کُٽندڙ گيان روپي وَٽ، انهيءَ وجهي ڏنائين. هن سنسار روپي دوڪان ۾ خريد فروخت پوري ٿي چڪي ۽ وري مون هن هَٽ تي ڪين ايندس. يعني هو اڳون (جنم مرڻ) جي چڪر کان ڇُٽي پيس.

نرڳڻ ۽ سڳڻ کان ٻه جيڪو پري آهي، اُتي ئي منهنجو ڌيان آهي.

”سرڳڻ ۾ نرڳڻ ورلو ڪو ڳرمک لکي،
سامي جنهنکي سنگروءِ ـ ٻاٽو گيان انجن.“

سنگر جي مهما

ڪٻير صاحب جو گروءَ سان مطلب آهي، سَت (سچا) گرو. چالاڪ نه پاکنڊ گهٽيڻي پيرا اهڙن گرن کان دُور رهڻ جو اُپديش ڪري چڪو آهي، جي پاکنڊ لڳايو ويٺا آهن. سَتگر کي ڪٻير صاحب وڏو مهت ڏنو آهي. فرمايو اٿس ته:-

٤. گُرو گوبِندُ دونون کَڙي، کاکي لاڳُون پانئِ،
بَلِهاري گُــرَ آپڻي گووِند دِيا لکاءِ.

ارٿ:- گُرو ۽ گووِند، ٻئي مُنهنجي سامهون بيٺا آهن، اول مان ڪنهنجي پيرن تي ڪِران. پر مان پنهنجي گُروءَ تان ٻلهار وڃان جنهن گووِندَ جو دَرِشَنُ ڪرايو.

٥. سنگر سنوان ڪو سَگا، سوڌي سَنئين نه داتِ،
هرجي سَنوان ڪو هِتوُ، هَرِجَنَ سَنئين نه جاتِ.

ارٿ:- سَتگروءَ سَمان ٻيو ڪيرُ سَڳو سمبندي آهي؟ پرڀوءَ جي ڳولا ڪرڻ واري، اُن سَتگروءَ سمان ڪو ٻِ داتا نه آهي.

هٺ يوگ

شريرَ ۽ مَن کي قابو ڪري، سخت ڪوشش سان پرهم جو اَنڀؤ ڪرڻ ئي، هٺ يوگ آهي. (هٺ يوگ وارو باب پڙهو.)

١١. اُلٽَن پوَن چڪر کٽِ ڀيدي، سُرت سُنّ اَنراڳي،
آوءِ نہ جاءِ مَرءِ نہ جيوءِ، تاسُ کوجِ بئراڳي.

ارٿ:- هي بيراڳي، پوَن کي اُلٽو ڪري (پراڻايام ڪري) شرير جي اندر ڇهن چڪرن کي (ڪنڊلنيءَ جي معرفت) ڀيدي، پنهنجي سرت (آتما) کي شونيہ (برهم رندر) لاءِ پريم پيدا ڪر. برهم نڪي اچي ٿو، نڪي وڃي ٿو، نہ مري ٿو ۽ نڪي جمي ٿو. اُني اُنهي کوج ڪر.

١٢. چؤپڙ مانڊي چؤهَٽَہ، اَرڌ اُرڌ بازار،
کهَہ ڪبيرا رام جَن، کيلَہ سنت وچار.

ارٿ:- چوراهي يعني ترڪٽيءَ وٽ (جتي برهم رندر آهي) چؤپڙ وڇايل آهي. مٿي برهم رندر ۽ هيٺ شرير ۾ ڇهن چڪرن روپي بزار لڳي پيئي آهي. ڪبير صاحب فرمائي ٿو، تہ اي رام جا پيارا، ڏاڍي وچار سان انهيءَ چؤپڙ جو کيل کيليو؛ يعني ترڪٽيءَ ۾ ڌيان لڳائي برهم رندر جي معرفت برهمانڊ ۾ گهڙي اَنام نالي سنپرش جي ساڌنا ڪريو.

١٣. گهٽَ مانهِن اؤگهٽَ لهِيا، اؤگهٽ مانهن گهاٽَ،
کَہ ڪبير پَرچا ڀيا، گُرو دِکائي واٽ.

رٿ:- مون پنهنجي گهٽ (هردي) ۾ ئي، گروءَ جي

٨. ڪبير گر گروا مليا، رَلِ گيا آٽہ لوڻ،

جات پات ڪُل سب مِٽي، ڌرؤگي نانوَ ڪؤڻ.

ارٿ:- مونکي وَڏيءَ مهما وارو گرو مِليو، جنهنجي اَٿر هيٺ مان ڀرڀوءَ ۾ اِئين سمائجي وِيس، جئن لوڻ اٽي ۾. هاڻِ سائينءَ سان هِڪ ٿي وڃڻ ڪري، منهنجي ذات پات ۽ مريادائون سڀ مٽي ويون. هاڻ ڀلا منهنجو نالو ڪير رکندو؟ نالو اُن جو، جو جُدا هجي. مان تہ پنهنجي هستي مِٽائي اُن سان هِڪ ٿي وِيو آهيان.

٩. ستگر هم سُون ريجهہ ڪر، ايڪ ڪهيا پرسنگہ،

برسيا بادل پريم ڪا، ڀيجہ گيا سب انگہ.

ارٿ:- ستگرُ مون تي راضي ٿي، اُهڙي ڪا راز ڀري ڳالهہ ٻڌائي جو پريم روپي بادل اچي ٻرسيو ۽ منهنجو هر هڪ اَنگ آنند سان ڀڄي تري ٿيو.

١٠. ٻوري سُون پرچا ڀيا، سب دُکہ ميليا دُور،

نِرمل ڪينهي آتما، تاتّين سدا حضور.

ارٿ:- هر طرح سان ڪامل مُرشد (ستگروءَ) سان جڏهن منهنجي واقفيت ٿي، تڏهن هن منهنجا سڀيئي ڏکہ (ٽيئي تاپ) دُور ڪري، منهنجي آتما کي نرمل بڻائي ڇڏيو. جنهنڪري هاڻ سدائين حضور (ڀڳوءَ) جي سيوا ۾ لڳي رهي ٿي.

مستڪ تي لڳايو آهي؛ جنھنڪري سندس اُپاءُ سونھن وڌي ويئي آهي.

١٦. ميرا من سمرءِ رام ڪون، ميرا من رام ھِ آھِ،
أب من رامھِ ھُوءِ رھيا، سيس نواوون ڪاھِ.

ارٿ:- رامَ جو سمرڻ ڪندي مُنھنجو مَن رامَ ۾ ايترو تہ لين ٿي ويو آهي جو هاڻ هو خود رامَ جو روپُ بڻجي پيو آهي. هاڻ ڪيرُ ڪنھنکي سِر نوائي؟
خاص:- سمرڻ ڪندي ڀڳت خودِ ايشورَ جو روپ بڻجو پوي. هتي "شِووھَمُ" "اَھَم برھما سمي" يا انالحقّ جو أصول نروار ڪيل آهي.

١٧. ڪبير نرڀئہ رام جپ، جَبَ لگہ ديوءِ باتِ،
تيل گهٽيا باتي بُجهي، سوويگا دِن راتِ.

ارٿ:- هي مَنکہ جيسيتائين ڏئي ۾ وَٽ آهي، يعني زندگي روپي ڏيئو وساڻو نہ آهي، تيسيتائين ڀلا ڪنھن ڏپ ڏاو جي رامَ نام جو سُمرڻ ڪر. تيل جي گهٽجڻ لي يعني مري وڃڻ بعد ڏينھن رات سُمهڻو ئي سُمهڻو آهي.

١٨. ڪبير سُوتا ڪِيا ڪَرءِ، ڪاهي نہ ديکئہ جاگہِ،
جاڪا سَنگہ تَئن بيڇڙيا، تاھي ڪي سنگہ لاگہِ.

ارٿ:- اَگيانَ جي ننڊ ۾ وڃڻ جهڙي سمجهڻ مان ڇا ورندو، جو نہ تو ساوڌانَ ٿي گيان روپي اکين سان، ڀڳوان کي ڏسين، يعني اُنکي ڳولين. جنھن ڀڳوان جو ڪنھن وقت جزو هئين، تون اڄ اُنکان وڇڙي ويو آهين تنھنڪري سُجاڳ ٿي، اُتي اُنجي پنيان لڳ.

راهه ٻڌائڻ ٿي، جنهنکي ماڻهو اوندو مارگ (ڪبيري) چون ٿا اُنهيءَ اَڻانگي رستي ٿان پريوءَ سان ملڻ جو مارگ سجهاتو.

١٤. سُوَرَ سَماڻان چَندَ ۾، دُهُون ڪِيا گهر ايڪ،

مَن ڪا چِينتا ٽَب ڀَيا، ڪڇُو پور بلا ليکه.

ارٿ:- سج جڏهن چنڊ ۾ سمائجي ويو، ڏهن ئي قسمن جي هوائن، (پوَنن) گڏجي، هڪ هنڌ واسو ڪيو، تڏهن پورب جنم جي اَثر هيٺ، منهنجي من جي اِڇا پورڻ ٿي يعني پريوءَ جو درشن ٿيو.

ٽيڪا:- مولادار چڪر ۾ سج مان هميشه زهر پيو نڪري، اُهو زهر پنگلا ناڙيءَ رستي، نڪ جي ساڄي پاسي وچئون ۽ منش کي ٻڍو ٿو بڻائي. هوڏانهن سهسرار چڪر ۾ جيڪو چنڊ آهي، تنهنمان اَمرت وهي ٿو، جڏهن سج وچي چنڊ ۾ سمائجي ٿو، (جنهنکي سج چنڊ جي ٽاري لڳڻ ٿا ڪوٺين) ۽ ڏهه ئي پراڻ (پراڻ، اَپان، وِيان، سمان، اُدان، ناگ، ڪورم، ڪرڪل، ديودت ۽ ڌننجيه) هڪ هنڌ گڏجن ٿا تڏهن سادنا ڪندڙ مشاهدو ٿو ماڻي.

سُمِرڻ جو اَنگ

١٥. تَنَ تِلَڪ تِهُون لوڪ ۾، رام نام نِج سارَ،

جَنَ ڪبير مَسْتَڪ دِيا، سوڀا اَڌِڪ اَپارَ.

ارٿ:- ٽنهي لوڪن ۾، رامَ نامُ روپي تِلڪ ئي تَتُ سارُ آهي. داس ڪبير اُهو رامُ نامُ روپي تِلڪ ڪري پنهنجي

٢٢. كبير رام رجھاءِ لَئُہ، مُکہ اَمِرت گُڻ گاءِ،
ڦُوٽا۔ نَگہ جوُن جوڙِ مَن، سنڌي سَنڌ مِلاءِ.

ارٿ:- هي ساڌڪ، مُک سان اَنَ اَجر اَمر پرڀوءَ جا گُڻ ڳائي کيس پاڻڏي مائلَ ڪر، رِجھاءِ. جھڙيءَ ريت ڀڳل جواھر کي سَنڌ سَنڌ سان مِلائي ڳنڍيو آھي، اھڙيءَ ريت پنھنجي مَن کي رامَ سان مِلاءِ.

بِرَھ

٢٣. راتيوُن روُئي بِرَھنِي، جون بَچون ڪونڄ ڪُونجَ،
ڪبيرَ اَنتَر پرجليا، پرگَٽيا بِرَھا پُنج.

ارٿ:- بِرھڻ (آتما) سڄي رات اِئين روئندي رھي، جيئن ڪُونجَ پنھنجن ٻارَن لاءِ ڦٿڪندي آھي. ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ جڏھن بِرَھڻ جي اَندر ۾ بِرھَ جي باھ ٻَري، تڏھن اُنجو اَندر جَلڻ لڳو.

(ڪُونجڙيءَ ڪاله لِڱين، سڄڻ وڏم چت،
آءٌ جنھين ريءَ ھت، گھگھر گھاريان ڏ پنھڙا.)

٢٤. اَمبَر ڪُنجا ڪُرَليان، گَرَجِ ڀَري سَب تال،
جِنَ پَتہ گوبِندُ بيڇڙيا، تِنڪي ڪَوُڻ حوال.

۱۹. ڪبير سُوتا ڪِيا ڪَرَءِ، اُٿ نہ رووَءِ دُکہ،
جاڪا باسا گورِ ۾، سو ڪيوُن سووَءِ سُکہ.

اَرٿ :- هي مَنش، اَگيان جي نِنڊ ۾ غافِل ٿِي ڇو سمهي پيو آهين، ڇو ڪين ٿو اُٿي ڀڳوان جي اڳيان پنهنجو ڏکڙو روئين. جنهنجو مَرڻ ڪانپوءِ واسو قبر يا مَساڻ ۾ آهي، عجب آهي تہ اُهو ڪيئن سُکہ ٿِي سُمهيو آهي؟

۲۰. ڪوٽِ ڪرم پيلَءِ پلڪَ ۾، جي رَنچڪ آوَءِ نانءِ،
اَنيڪ جُگہ جي پُنّ ڪَرَءِ، نهين رام بِنَ ٺانءِ.

ارٿ :- جيڪڏهن ڪو ٿورو بہ پرڀوءَ جو نالو سمرڻ ڪري ٿو، تہ اُنجي اَثر سان ڪروڙين ڪَرم (پاپ) ناسُ ٿِي وڃن ٿا. پَر اَنيڪ جُگہ، جي ڪري پُڃايون ڪري تہ بہ رام کان سواءِ ڪو ڇارو ٿِي ڪونهي.

۲۱. جِهِ هَرجَيسا جاڻِيان، تِنَ ڪون تَئِسا لاڀَ،
اوسُون پياس نہ ڀاڄَئي، جب لَگہ ڌَسَئہ نہ آبَ.

ارٿ :- جنهن مَنش، ڀڳوان کي جنهن روپ ۾ سڃاتو آهي، اُنکي اهڙو ئي لاڀَ مِليئو يعني ڀڳوان اُن ئي روپ ۾ کيس دَرشن ڏئي ٿو. جيسِتائين پاڻيءَ ۾ نہ گِهربو، تيستائين ماڪ جي ڦڙن چٽڻ سان ڪا اُڃ ڪانہ لهندي، يعني تہ پرڀوءَ جي شَرڻ ۾ وڃڻ کانسواءِ ٻيا سَڀ سادَن آهن ماڪ چٽڻ مِثل؛ اُنهن مان نَڪي وَرندو نَڪي سَرندو. آخر پرڀوءَ جي شَرڻ ئي ڪم ايندي.

ارٿ:- خواهش ٿئيم ٿي تہ هيءُ تن جلائي ڀسم ڪريان، جو اُن مان اُٿيل دونهون آڪاس ۾ ڇانئجي وڃي. شڌ ٿي آهي تہ رام مونکي ڪريا روپي بادل برسائي، برهه روپي باهه وسائي ڇڏي؛ يعني پنهنجو درشن ڏئي.

۲۸. برهه ڀُونگم تن بسا، منتر نہ لاڳئہ ڪوءِ،
رام وِيوگي نا جيءِ، جيءِ تہ سو بؤرا هوءِ.

ارٿ:- برهه روپي نانگ، مُنهنجي شرير ۾ اچي واسو ڪيو آهي. اهڙو ڪو منتر ٿي نہ آهي جو اُنکي ڪڍي ٻاهر ڪري. جنهن کي رام جو وڇوڙو پيو آهي، اهو ڀرين تہ جيئرو ٿي نہ رهندو، (يعني جيئري ئي مُڪت ٿي ويندو) پر جي جيئرو رهيو تہ چريو ٿي پوندو. هنجو دل ۽ دماغ سنسار کان ڪٽو ٿي پوندو جنهن ڪري هرڪو پيو کيس مستانو سمجهندو.

۲۹. سب رڳہ تانت رباب تن، برهه بجاوءِ نت،
اؤر نہ ڪوئي سڻ سڪئہ، ڪئہ سائين ڪئہ چت.

ارٿ:- هي سڀ رڳون تندون منهنجي شرير روپي رباب ٿي، برهه جي معرفت پيئون وڄن. اُن رباب مان نڪتل سُرن کي يا تہ سائين ٻڌي سگهي ٿو يا وِيوگيءَ جو مَن ٿي اُنکي ٻڌي سگهي ٿو.

”رڳون ٿيون رباب، وڄن ويل سڪ ڌڻين،
لِڱڙا ڪُڙا نہ ٿيو، جانب ري جواب،

ارٿ:- آسمان ۾ بيٺل بادل، ڪُونجَ ۽ ڪُرڙي (هڪ پکي) کي روئندو ۽ ٿڪندو ڏسي، اُنهن جي ڏُکَ ۾ ڏُکي ٿي، ڳجگوڙن سان روئندي سَڀُ تَلاءُ ڀَري ڇَڏيا، مَگر جيڪي گووندَ کان وِڇڙ جي وِيا تَن جو ڪهڙو حالَ ٿيندو؟ يعني اُنهن سان ڪيرُ همدردي ڪندو؟

٢٥. چَڪوي ٻِڇُڙي رَئڻَ کي، آءِ ملي پرڀاتِ،
جي جَنَ وِڇُڙي رام سون، تي دن ملي نه راتِ.

ارٿ:- رات جي وڇڙيل چڪئي، صبوح جو اچي پنهنجي چَڪُئي سان ملي. (قدرتي قاعدو آهي ته چڪئو ۽ چڪئي سڄو ڏينهن گڏ رهندا آهن، مگر رات ٿيندي ئي هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويندا آهن) يعني سندس وڇوڙي جو خاتمو ٿيو. مگر رام سان وڇڙيلن لاءِ نه ڏينهن جو سک ۽ نه رات جو سک، جو ڪري رام سان ملن.

٢٦. ”بِرهِنِ اُوتَمِ پي پَڙءِ، دَرسَن ڪارڻِ رام،
مُووان پيڇي ديهڪي، سو دَرسَنَ ڪهِ ڪام.“

ارٿ:- ”هي رامُ، تنهنجي وِڇوڙي ۾ بِرهڻ (آتما) اُٿيو اُٿيو وري ڏک جي ڪري ڪريو پوي ۽ تنهنجي دَرشن لاءِ پيئي ٿڪي. مَرڻ کان پوءِ جي دَرشن ڏِنءِ، ته اهو ڪهڙي ڪم جو؟

٢٧. يَهه تَنَ جالوُن مَسِ ڪروُن، جوُن ڌوُوان جاءِ سرگِ،
مَتَ وَءِ رام دَيا ڪَرءِ، بَرسِ بُجهاوءِ آگِ.

٣٣. ڪبير ڏيکت ڏن گيا، نس ڀي ڏيکت جاءِ،

برهڻ پيو پاوءِ نهين، جيرا تلپئہ ماءِ.

ارٿ:- برهڻ پنهنجي گروءَ کي پڪاري چوي ٿي ته، ڏسندي ڏسندي ڏينهن به گذري ويو ۽ رات به گذري وئي مگر مونکي پريتم ڪين مليو، هردو پيو اَن لاءِ تڙپي.

٣٤. هؤن برهه ڪي لڪڙي، سمجهه سمجهه ڌونڌائون،

ڇوٽ پڙؤن يا برهه تي، جي ساري هي جل جائون.

ارٿ:- مون برهڻ جو حال انهيءَ ڪاٺيءَ مثل آهي جا آهستي آهستي پيئي ٻري. يا ته ڀڙڪو کائي هڪدم جلي ٻران، يا ته پريتم جو درشن ملي، جنهن ڪري هيءَ برهه جي باهه ته ختم ٿي وڃي.

٣٥. پربت پربت مئن ڦريا، نئن گنوايي روءِ،

سو بوٽي پائون نهين، جا تئن جيون هوءِ.

ارٿ:- مان هرهڪ پربت، يعني هرڪو ڏر ڏٺي ٿڪس، روئندي روئندي اکيون وڃائي ڇڏيم، مگر اهڙي ٻوٽي ڪانه مليم، جنهن سان پريوءَ جو درشن ڪري نئون جيون ماڻي سگهان.

٣٦. ڦاڙ پٽولا ڌڄ ڪريون، ڪاملڙي پهرائن،

جهه جهه ڀيشان هر ملئه، سوءِ سوءِ ڀيش ڪرائن.

ارٿ:- ڪپڙا ڦاڙي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيان، اَن جي رهه ۾ لوئي اوڍيان. مطلب ته جنهن جنهن ويس ۾ مونکي

سوئي سنڌ ئيدم سهرين، ڪيس جڏهن ڪباب،
سوئي عين عذاب، سوئي راحت روح جي”.

۳۰. اکڙيان پريم ڪسائيان، لوڪ جاڻي ڏکڙيان،
سائين آپڻي ڪارڻي، روءِ روءِ رتڙيان.

ارٿ:- جهڙيءَ ريت سون ٻاهہ ۾ تپائي ڪندن ڪيو ويندو آهي، (ڪسوٽيءَ تي ڪسيو ويندو آهي) اهڙيءَ طرح پريم جي ٻاهہ ۾ منهنجون اکيون ڪسيون ويون آهن. سائين، تنهنجي پريم ۾ روئي روئي اهي لال ٿي ويون آهن، ماڻهن ليکي تہ ڏکڻ لڳيون.

۳۱. ڪبير هستان دور ڪر، ڪر روئڻ سون چت،
بن روئڻ ڪيون پائيي، پريم پيارا مت.

ارٿ:- هي پريمي، کلڻ ڇڏي ڏي، ڇاڪاڻ تہ سنساري سکن جو تياڳ ڪر ۽ پنهنجي من کي پريتم جو وڇوڙو محسوس ڪرائيندي، روئڻ ۾ لڳو رهہ. بنا روئڻ جي تون پنهنجو پيارو پريتم ڪيئن پائي سگهندين؟

۳۲. هانسي کيلائون هر ملي، تہ ڪون سهي ڪرسان،
ڪام ڪروڌ ترشنان تجي، تاهہ ملي ڀگوان.

ارٿ:- جيڪڏهن کلندي کلندي، موج مزا اڏائيندي ڀڳوان ملي تہ ـــ ڪير سراڻ تي چڙهي تکي ٿيڻ جا ڏک نہ ڪڍي ها. (تراز، ڪاتي وغيره سراڻ تي چڙهڻ بعد ئي تکي ٿيندي آهي) ڪام، ڪروڌ ۽ سنسار جي ترشنائن کي تياڳ ڪندڙ کي ئي ڀڳوان ٿو ملي.

ارٿ:- ٻنا ديھ يا آڪار جي مون هڪ عجب ڏٺو. (ڇاڪاڻ ته برهم نرارڪار آهي تنهنڪري هيءُ عجب ته نراڪار ئي ڏٺم). ٻنا سورج ۽ چنڊ جي، پرڪاش جو درشن ڪيم. اِهو سڀ صاحب جي سيوا جو نتيجو آهي، جو مان ٻي اونو ئي گذاريان ٿو.

٣٩. ڪبير تيج اَننت ڪا، مانو اُگي سورج سيڻ،

پَتِ سَنگِ جاگي سُندري، ڪؤتڪ ديٺا نيڻ.

ارٿ:- پريوءَ جو تيج اهڙو ته جلويدار آهي، ڄڻ بي شمار سجن جي ڪا قطار اُڀري هجي. سندريءَ (آتما) پنهنجي پتيءَ (پريوءَ) سان گڏ جاڳي، (يعني چيتن ٿي) هن عجائب عجب جو ديدار ڪيو.

٤٠. حدي چانڊِ بيعد گيا، هُوا نِرنتر واس،

ڪَنوَل ڄُ ڦُوليا ڦول بِنَ، ڪو نِرکئہ نِج داس.

ارٿ:- حد ڇڏي، جڏهن مان لاحد ۾ داخل ٿيس يعني نراڪار ۾ سدائين لاءِ واسو ڪيم، تڏهن اُتي ڏٺم ته ٻنا گل جي ڪمل ڪڙيو بيٺو آهي. اُنهيءَ ديش جو واسي اهو ئي ٿي سگهيٿو جو هڪڙيئي اَلک جي آرادنا ڪريٿو. (اِشارو ڏسوين ڏوار ڏانهن).

٤١. سايَرَ ناٺهن سيپَ بِن، سُنوات بُوندَ ٻِي ناٺهن،

ڪبير موتِي نيپجَئن، سُنّ سِکَر گَڍ مانهن.

ارٿ:- جتي سمنڊ، سپ ۽ سواتيءَ جي ٻوند (مينهن جي سمنڊ ۾ جڏهن سواتي نکشتر اُڀرندو آهي، تڏهن اُنجي

ڀڳوان ملي، مان اهو وِسَ ڀرڻ لاءِ تيار آهيان.

(اڄُ بلند يس ماءِ، ڏاڍا ڪندس ڪوڙا،
جيڪان جوڳيا ٿي تيان، مونکي جهل مَ ماءِ،
هوف ٻروچي لاءِ، ڪنين ڪُنڍر پاتيان.)

۳۷. سُکيا سَبَ سنسار هَئي، کائي اَرُ سووءِ،
دُکيا داس ڪبير هَئي، جاڳئي اَرُ رووءِ.

ارٿ:- سڄو سنسار سکي آهي جو کائو پيئو سمهيو پوي، (پوءِ اها نِنڊ اگيان جي ڇو نه هجي) مگر هڪڙو داس ڪبير ئي دُکي آهي، جو وڇوڙي ۾ پيو جاڳي ۽ روئي.

پرچو (سڃاڻپ)

پرچي مان اهو مطلب سمجهڻ گهرجي ته آتما برهم جي ميلاپ ۾ اچي، انجي سروپ جي واقفيت حاصل ڪري ٿي ۽ خاص قسم جو انند ڪيس ملي ٿو. جنهنجو هو پوريءَ ريت بيان نٿي ڪري سگهي. تنهن هوندي به ڪجھ نه ڪجھ ڪوشش ڪري ٿي. اهي رهسيه (راز) پريا انيو شخصي ليين ٿا، جنهنڪري روپڪن جي معرفت انهنکي ظاهر ڪيو ويندو آهي.

۳۸. ڪؤنڪ ڏينا ڏيهُ بنَ، رَوِسَسِ بنا اُجاس،
صاحب سيوا مانهن هَئي، بيپرواهي اس.

٤٥. سُرت سَمائي نرت ۾، اَجَپا مانهِن جاپ،
ليکه سمائيا اَليکه ۾، يُون آپا مانهه آپ.

ارٿ:- جڏهن سرت نرت ۾ لين ٿي ويئي، ظاهري جپ بدلجي اجپا جپ بڻجي پيو يعني اَڻ ٿي پهر اندر ۾ اَلک جي آواز نا شروع ٿي ويئي. اهڙيءَ رهت ساڪار، نراڪار ۾ سمائجي ويو ۽ سمائجي ويئي آتما پنهنجو پاڻ ۾ (پرڀوءَ ۾).

٤٦. ڌرتي گگن پوَنَ نهين هوتا، نهِين توِيا نِهين تارا،
تب هَر، هرڪي جَن هوتي، ڪَهه ڪبير وچارا.

ارٿ:- ڪبير ويچار ڪري چوي ٿو ته جڏهن پنج تتو يعني ڌرتي، آڪاش، وايو، جل ۽ تيج هوائي ڪين يعني هيءَ سرشٽي ظهور ۾ ئي نه آئي هئي، تڏهن هوا فقط ڀڳوان ۽ سندس داس (ڀڳت). انهيءَ مان اهو تاٽپرج ڪڍڻ گهرجي ته جيوُ مايا ۾ منجهي اهو نٿو سمجهي ته هن کان پري اهو سائين آهي، جو هن ساري سرشٽيءَ جو ڪرتا آهي.

نڪا "ڪُن فيڪون" هُئي، نڪا هونگ نه هون،
سچڻ تنهن ساعت ۾ ڀيٽي ڏنوسون،
مون تن تڏهانڪون، ملي ملاقات ڪي.

٤٧ جَبَ مئن ٿا، تَبَ هَرِ نهين، اَب هر هَئن مئن نانهن،
سب اَنڌيارا مِٽ گَيا، جب دِيپڪَ ديکيا مانهن.

ارٿ:- جيستائين مان هوس يعني مونکي اهنڪار هو ۽ پاڻکي الڳ هستي سمجهو ويٺو هوس، تيستائين مون وٽ پرڀو ڪين هو يعني اُنکي ڪين ڄاتم؛ پر جڏهن کان پرڀوءَ کي ڄاتم، تڏهن کان پنهنجي الڳ هستي کوهي ويٺس،

ڏارا سِڌي ايندي آهي جنهن‌ڪري سِپ ۾ موتي ۽ ڪيلي
۾ ڪافور پيدا ٿيندو آهي ۽ چاتڪ پکيءَ جي پياس ٻجهندي
آهي) ٻـه نه آهي. يعني جتي مـوتي پيدا ٿيڻ جا ٿيئي
ڪارڻ نه هونـدي ٻه، سُن (شونيه) جي سروور ۾ موتي ٿو
پيدا ٿئي. يعني پرڀوءَ سان مڪاميلو ٿو ٿئي.

٤٢. چؤُهَٽَـــئه چِنتامَڻِ چَڙِي، هاٿي مارَتَ هاٿِ،

مِيران مُجهسُون مهر ڪر، اِب ملئون نه ڪاهوُ ساٿِ.

ارٿ:- نرڳُڻي روپي چوراهي تي، چوپـڙ راند ۾ پيارو
اُڇليندي چنتامڻي (ايشور) هٿ چڙهي ويئي. هي ميرَ،
(مالڪ) مون تي ڪرپا ڪر جو هن ڪانءِ سواءِ ٿنهنجي
ٻئي ڪنهن سان نه ملان.

٤٣. پنڪِهِ اُڏاڻِي گـگن ڪوُن، پنڊَ رهيا پرديس،

پاڻِي پيا چَنچَ بنَ، ڀُول گيا يَهِ ديس.

ارٿ:- پکيءَ روپي آتما، برهمانڊ ڏانهن اُڏاڻي، سندس
سرير هن لوڪ ۾ ئي پيو رهيو. اُتي ٻچي هن بنا چنهنب
جي پاڻي پيتو، يعني نراڪار روپ ۾ پرڀوءَ سان ملڻ جي
اُڃ لاٿائين. اُڃ لٿي ڪانءِ ايـڏي ته شانتي اچي ويس جو
هيءَ ديس ئي وسري ويس.

٤٤ سُرَتِ سمائِي نَرَتِ مَئن، نَرَتِ رهِي نرِڌار،

سرت نرت پرچا پَيا، تب کُلي سِيڻ‌پَ دُوار.

ارٿ:- جڏهن سرت وچي نرت (پريو پريم) ۾ سمائي،
تڏهن پرڀوءَ جي روپ جو پـرچو ملي ويو. جڏهن سرت ۽
نرت جي هڪ ٻئي سان جاڻ سڃاڻ ٿي ويئي، تڏهن ڀڳوان
سان ملڻ جو رستو خود ٻه خود کلي پيو.

ارٿ:- برهمانڊ روپي جيڪو مندر آهي، اُن جي چانڊڻ (برهم رنڌر) جو وستار هڪ تر جي برابر آهي. پوڄاريءَ جي اندر داخل ٿيڻ ته ٿئي، پر ڪيس اندر ٿي پوڄڻهار، (ڀڳوان) پوڄا جا ساڌن گل، پاڻي ۽ ٻين سڀ حاصل ٿين ٿا.

٥٢. ڪبير ڪنول پرڪاسيا، اُوڳيا نرمل سُور،
نسِ آنڌياري مِٽ گئي، واڳي انهد تُور.

ارٿ:- اوجل گيان روپي سورج جي اُڀرندي ئي، سهسر دل ڪمل ٽڙي پيو. اگيان ۽ نراشا جي اونداهي، رات غائب ٿي ويئي، ۽ انهد ناد روپي تُري وڄڻ لڳي.

٥٣. آڪاسي مُکِ اوُندا ڪُوان، پاتالي پنهار،
تاڪا پاڻي ڪو هنسا پيوءِ، برلا آدِ بچار.

ارٿ:- آڪاش يعني برهمانڊ ۾، جنهن جو منهن هيٺ آهي، اهڙو کوهه (برهم رنڌر) آهي ۽ پاڻي ڀرڻ وارا آتما هيٺ زمين تي بيٺي آهي. ان کوهه جو پاڻي ته ڪو شڌ بڌيءَ وارو هنس ئي پي سگهندو، جنهن پنهنجي آد مُول جو وچار ڪري ڏٺو آهي. (يوگ ڏانهن اشارو)

٥٤. سِوَ سَڪتي دسِ ڪوُڻ جُ جوءِ، پڇمِ دسا اُٿئہ ڌُور،
جل مئن سِنگهہ جُ گهر ڪرءِ، مڇلي چڙهءِ کجُور.

سڪتي - شڪتي - پڇم دسا - پڇاڙيءَ - جل - ڀڳتيءَ روپي نديائي - سنگهہ - ڪنور سڀاو وارو من - مڇلي - آتما - کجور - انهد شبد جي ڏور.

ارٿ:- اهڙو ڪير آهي جو شو جي شڪتيءَ ڏانهن نهاري سگهي؟ جيڪو ڏسڻ جي همت ڪندو اُن جي پڇاڙيءَ ڏور

آهو وڃائي ڇڏيم. جڏهن گيان روپي ڏيئو ڪٽي اندر جهاتي پاتم ته سمورو اگيان - اَنڌڪار ناس ٿي ويو.

٤٨. جا ڪارڻ مَئِن ڍُونڍتا، سَنمُکَ مليا آءِ،
ڌن مَئلي پِوَ اوُجلا، لاگِ نه سَکئون پاءِ.

ارٿ:- جنهن جي ڳولا ٿي ڪيم، سو اوچتو ٿي اچي مونهجي اڳيان بيٺو، پر پاپن ڪري ميري آتما روپي استري نرمل پريتم جي چرڻن کي ڪيئن ڇهي سگهي؟

٤٩. مانسرووَر سُڀَر جل، هنَسا ڪيل ڪراهِن،
مُڪتا هَلَ مُڪتا چُگئن، اَبَ اُڙ آنَت نه جاهِن.

ارٿ:- هردي روپي مانسرووَر، ڀڳتي روپي جل سان ڪناتار ڀريو پيو آهي، جتي آتما روپي هنس پيا رانديون ڪن ۽ مڪتيءِ روپي موتي پيا چگن. پلا اهڙو آنند ڇڏي هاڻ هو ٻئي هنڌ ڇو وڃن.

٥٠. گگن گَرَجِ اَمرت چُوَءِ، ڪَدَلِي ڪَنول پرڪاس،
تَهان ڪبيرا بَندگي، ڪَئِ ڪوئِي نِج داس.

ارٿ:- گگن (سهسرار چڪر) ۾ گجگوڙ (انهد ناد) پيئي پوي ۽ منجهانس اَمرت پيو جهري، جنهنجي نتيجي طور ڪيلي ۾ ڪمل کڙيو پوي. شبد جي ڏوريءَ ٿي سهسر ڪمل ٽڙي ٿو. اُتي يا ته ڪبير وڃي سر جهڪايو آهي يا سائينءَ جي ڪنهن خاص ٻانهي جي ٿي پهچ آهي.

٥١. ديوَل مانهئه ديهُري، تِلَ جيهَئه بِستار،
مانهئن پاتِي مانهن جل، مانهئن پُوجنهار.

٥٧. جهه سَر گهڙا نه ڏُوبتا، اَب مَنگل مِل نهاءِ،
ديول بُوڏا ڪلس سوُن، پنکهه ٿسائي جاءِ.

ارٿ:- شروعات ۾ ايشور-پريم جي نَديءَ جو وَهڪرو اهڙو ته ننڍو هو، جو (هِردي روپي) گهڙو به منجهس نٿي ٻڏو. پر اهو ڏيري ڏيري اهڙو ته تيزُ ۽ پرپورُ ٿي ويو آهي جو هاٿي (مست ساڌنا ڪندڙ) اُنهِ خوب ٽُبيون پيو ڏئي.
هِن جو وَهڪرو ايترو ته وَڏي ويو آهي جو مندرُ مٿين ڪلش سوڌو ٻُڏي ويو آهي، ته به پکي پياسي جو پياسو.
هِن آتما روپي پکيءَ جي اُڃ ايتري ته وڏي ويئي آهي جو ڪيترو به پاڻي پئي ٿو ته به اُڃايل جو اُڃايل.
(جي سمبنڌ مُنهن ڪرڻ ان ته سُرکيائي نه ٿئي)

پتورتا جو انگ

٥٨. ميرا مُجهه ۾ ڪُڇهه نهين، جو ڪُڇهه هئه سو تيرا،
تيرا تُجهڪو سؤنپتا، ڪيا لاگئه هئه ميرا.

ارٿ:- مون وٽ، مُنهنجي چوائڻ لائق ڪا به شيءِ ڪانهي، جيڪي به آهي سو سڀ تُنهنجو آهي. انهيءَ ڪري تُنهنجو ڏنل وري توکي موٽائي ڏيڻ ۾ مُنهنجو ڇا ٿو وڃي.

٥٩. ڪبير پرِيتڙي تئه تجهه سون، بهه ڪٽيالي ڪنت،
جي هنس بولون اؤر سون، تؤ نيل رنگائون دنت.

ارٿ:- پتورتا استري چوي ٿي ته هي ڪٽوان سوامي، منهنجو پريم ته فقط توسان ئي آهي، انهيءَ ڪري جي لوڪي

اُڏامندي، يعني اُنجا هن سنسار سان سڀ ناتا ٽٽي ويندا. ڀڳتيءَ روپي پاڻيءَ ۾ جي من ليِن ٿي ويو، تہ مڇلي يعني آتما ڪِڄُرَ لي چڙهندي؛ يعني انهد جهنڪار جي سهاري برهم ۾ ليِن ٿيندي.

رس جو اَنگ

٥٥. سَبَهہ رَسائڻ مَئن ڪِيا، هر سا اؤر نہ ڪوءِ،
تِلَ اِڪ گهٽَ ۾ سَنچرءِ، تَہِ سب تَنَ ڪنچنَ هوءِ.

ارٿ:- مون سڀيئي رَسائڻ يا نَشا آزمائي ڏٺا يعني سڀني ديوتائن جي پوجا ڪَري ڏٺي، پَر پريوءَ جي پريم جهڙو ٻيو ڪوبہ رَسائڻ ڪينَ ڏِٺم. هي پريوءَ روپي پريم جو مدُ (نشو) گهٽ اَندر جي سمائجي وَڃي تہ هوندِ سارو شرير ڪنچنِ يا سونَ جهڙو ٿَئجي پوي.

٥٦. ڪَبير پاڻِي ڪَلال ڪِي، بَهُتَڪ بَئِٺي آءِ،
سِر سؤنپي سوئي پِيوءِ، نَهِين تو پِيا نہ جاءِ.

ارٿ:- ڪَلالَ (گِرو) جي بٺيءَ تي گهڻا روپي شراب پيئڻ لاءِ گهڻيئي اچي گڏ ٿيا آهن، پر هيءُ شرابُ تہ اهو پي سگهندو جو سِر سونهي ڏيندو، ٻيءَ حالتَ ۾ ڪوبہ پي نہ سگهندو.

ارٿ:- مان سنسار جي سکن پٺيان پئي ورليس، ته مونکي پريوءَ جي وڇوڙي جو ڏک ملي ويو. تڏهن مون سک کي سڏي چيو ته، اي سک، هاڻ تون پنهنجي گهر وڃ؛ مان جاڻان يا هي ڏک جاڻي.

(ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن تي).

٦٤. نئنا انتر آو تون، جون هؤن نئن جهنپيئن،

نا هؤن ديکهون اور کو، نا تجهه ديکن ديئن.

ارٿ:- هي منهنجا پريتم، تون منهنجن اکين ۾ اچي ويهه ته مان اکيون بند ڪري ڇڏيان. جنهنڪري توکانسواءِ نه مان ٻئي کي ڏسندس؛ نه توکي ٻي ڪنهنجي نگاهه وجهڻ ڏيندس.

(اکين ۾ اچي ويهه، آءٌ واري ڍڪيانءِ،
توکي نه ڏسي ڏيهه، آءٌ نه ڏسان ٻين کي).

٦٥. ڪبير ريکه سندور کي، ڪاجل ديا نه جاءِ،

نئنون رميا رم رهيا، دوجا ڪهان سماءِ.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته جڏهن مون سهاڳ جو سندور (تلڪ) لڳايو آهي، تڏهن هيءُ ڪارو ڪاجل لڳائي، پاڻکي ڪلنڪ ڪين لڳائيندس. منهنجن اکين ۾ ته منهنجو پريتم رمي رهيو آهي، ٻيلا ٻيو ڪٿان سمائبو.

٦٦. جي من لاگئه ايڪ سون، تؤ نرباليا جاءِ،

تورا ڏءِ مکه باجٽان، نياءِ تماچي کاءِ.

ارٿ:- جيڪڏهن هڪ مالڪ سان من لڳائجي ته من هوند

ڇڏي، مان ڪنھن ٻئي سان ڪلي ڳالھايان تہ ڏند نير سان
رڱايان. (ڪلنڪ لڳيم)

٦٠. ڪبير سيپ سمنڊ کي، رٽئہ پياس پياس،
سمنڊہ تِڻڪا برِ ڳڻئہ، سنوات بوند کي آس.

ارٿ:- سمنڊ جي سپ، سنواتي بوند جي اميد ۾ پياس
پياس جي رٽ ڪري لڳائي آھي، ۽ سمنڊ جي پاڻيءَ کي
ڪکَ مثل تيچ ٿي سمجھي.

٦١. دوزخ توءِ ھم انگيا، يہہ ڊر ناھين مجھہ،
ڀشت نہ ميري چاھيئي، باجھہ پياري تجھہ.

ارٿ:- دوزخ تہ مون انگيڪار ڪيو، انجو مونکي ڏرو
بہ ڏپ ڪونھي. بھشت (سرڳ) تہ ھي پيارا، سواءِ تنھنجي،
مونکي گھرجيئي ڪين.

٦٢. آسا ايڪ جُہ رام کي، دوجي آس نراس،
پاڻي مانھئہ گھر ڪري، تو ڀي مرئن پياس.

ارٿ:- آشا تہ فقط ھڪڙي رام جي ڪرڻ ٿي واجب آھي؛
ٻيون آشائون تہ نراشا جي برابر آھن. پاڻيءَ ۾ گھر ڪندي
بہ ڇوي تہ مان اڃايل آھيان.

(پاڻيءَ مٿي جھوپڙا مورک اڃ مرن،
ساھان اوڏو سُپرين لوچي تان نہ لھن،
دمُ نہ سڃاڻن دانھون ڪن مُنن جان).

٦٣. ڪبير سُکہ کو جاءِ ٿا، آگئہ آيا دُکہ،
جاھِ سکہ گھر آپڻئن، ھم جاڻئن ار دُکہ.

ارٿ :- آشائن ۽ خواهشن کي ٻرندڙ ڪاٺين وانگر جلائي ڇڏيان ۽ مَن کي ميٽي پوُرت ڪري ڇڏيان. جوڳيءَ وانگر چؤڌاري رُاڪ پنڻ (مَن جي ڀرم) ٻه ختم ڪري ڇڏيان، تڏهن وَڃي هيءُ سنت ڪتي ۽ اُٿي سگهبو، يعني برهم کي حاصل ڪري سگهبو.

٧٠. اِس مَن ڪؤن بِسمل ڪرئُون، ديِنا ڪرئُون اَديِنَ،

جي سر راکئُون آپِڻان، تؤ پر سِرج اَنگيِتَ.

ارٿ :- هِن من کي ماري بسمل ڪريان، ڏنو اَڻ ڏنو ڪريان، يعني سنسار ڪان مَن کي هٽائي، نِراڪار جو درشن ڪريان. جيڪڏهن مان پنهنجو سِرُ بچائيندس يعني هِن مارگ تي هلڻ لاءِ سِر جي ٻَل نه چاڙهيندس ته هِن سِرَ مٿان اگر وَسايا ويندا. (يعني دوزخ جي باهه ۾ جلايو ويندس).

٧١. هردا ڀيتر آرسي، مکهُ ديکهُا نه جاءِ،

مکهُ تؤ تئُهِر ديکئي، جي من کي ڍبذا جاءِ.

ارٿ :- هِردي اندر آرسيءَ هوندي آهي، پنهنجو مُنهن تنهن ڏسي سگهجي؛ (آتم تتو کي تنهن سڃاڻي سگهجي). مُنهن ته تڏهن ڏسي سگهبو، جڏهن مَن جي دُبِدا (ڇتي ڪتي پرڪڻا) ويندي. لڏندڙ آرسيءَ ۾ مُنهن ڏسي ڪين سگهبو. (اندر آئينو ڪري پرڻ سو پسيج).

٧٢. پاڻي هي تئن پاتلا، ڌونوان هي ٿي جهيڻ،

پوَنا بيگم اُتاولا، سو دوست ڪبيرءَ ڪينهه.

نرمل ٿي پوي، پر جي مَنَ ڀڳوان ۽ مايا ٻنهي سان لڳائيو ته ٻن طرفن کان ورچندڙ ٿيءَ وانگر مارَ کائيندي (جا ٻنهي سان ٺوڪي ويندي آهي.)

٦٧. من پرتيت نه پريم رس، نا اِس تن ۾ ڍنگه،
ڪيا جاڻئن اُس پيوَ سوُن، ڪيُسي رهسي رنگه.

ارٿ:- تنکي مَن ۾ وشواس آهي ۽ تنکي پريماننڊ جو خمار ٿي آهي، تنکي ڪي هن شرير ۾ ڍنگ يا ڍؤلُ ۽ طاقت ٿي آهي. ڀڄان پيئي ته اُن پريتم سان ڪهڙيءَ ريت راز سندي راند رهي سگهندي پس.

من جو آنگ

٦٨. من ڪي مَتي نه چالئي، چاڙ جيوَ ڪي باڻِ،
تاڪوُ ڪيري سوُت جوُن، اُلٽ آپوُنا آڻِ.

ارٿ:- مَن جي خواهشن موجب حلت نه ڪريو، جيو جي عادت ڇڏي ڏيو (جيوَ جي عادت آهي مايا ۽ وشين پُنيان ڊوڙڻ) ٻڪ ٿي ڪتيل ڪچي سُت وانگر موٽائي مَن کي برهم روپي ڍيري (ڪڪڙيءَ) ٿي ويڙهيو.

٦٩. آسا ڪا اِنڌڻ ڪروُن، مَنسا ڪروُن ڀڀوُتِ،
جوگي ڦيري ڦل ڪرُون، يوُن ٻُنَنا وءِ سوُتِ.

٧٧. پڳتِ دوارا سنَڪڙا، رائي دسوين ڀاءِ،
مَن تو مَئنگل هُوءِ رهيو، ڪيوُن ڪرسَڪَئہ سَماءِ.

ارٿ:- ڀڳتيءَ جو دَروازو رائيءَ (اَهر) جي ڏهين حِصي جيترو سوڙهو آهي، هوڏانهن مَن تہ مَستُ هاٿيءَ جهڙو ٿي پيو آهي، سو ڀلا ڪِهڙيءَ رِيتِ اُنَ دَروازي مان لَنگهي سگهندو؟

٧٨. ڪَرِتا ٿا تو ڪِيوُن رهيا، اَب ڪَرِ ڪيوُن پڇِتاءِ،
بـوءِ پيڙَ ٻَٻُول ڪا، آنب کَهان تي کاءِ.

ارٿ:- ٻاٽُڪي تون ڪرتا (ڪَندڙ) ڇو سمجهي وئين؟ هر هڪ ڪم جو ڪرتا تہ پرماتما آهي. پر هاڻي ڪرم ڪري لڳو آهين پڇتائڻ. ڀلا ٻٻر ٻوڪي ڪو اَنب بہ کائي سگهندو؟

٧٩. ڪايا ديوَلِ مَن ڌَجا، وِشَئہ لهر ڦهِراءِ،
مَن چاليا ديوَل چَلَئہ، تاڪا سَروَس جاءِ.

ارٿ:- شرير روپي مندر جي مٿان، مَن روپي جهنڊو پيو جُهلي، جو وشين روپي هوا لڳڻ ڪري چوطرف پيو ڦڙ ڦڙ ڪري. مَن سان گڏ جنهنجو شرير بہ وچلت ٿئي ٿو، اُنهيءَ جو سروَنس ناس ٿيو وڃي.

—o—

ارٿ :- مَن ، جو پاڻيءَ کان بہ پتـرو آهي ، دونهين کان بہ باريڪ آهي ، هوا کان بہ تيز رفتار وارو آهي ، اهڙي مَن کي اڄ مون دوست ڪيو آهي .

٧٣. مَن نہ ماريا مَن ڪَر، سَڪي نہ پنڇہ پرهار،
سِيل ساچہ سَرِڌا نهين، اِندري اَجهو اُڌار.

ارٿ :- هي مَنکہ، تو مَن لڳائي مَن کي نَ مارِيو. انهيءَ ڪري لون پنجن (ڪامَ، ڪروڌَ، لوڀ، موهہ ۽ اهنڪار) کي وَس ڪَري ڪين سَگهئين. تنهنجون اِندريون اڃا تائين ٻَعي (مَن) جي وَس آهن ۽ لو ۾ سيلَ، سَچ ۽ شرڌا جي گهٽتائي آهي.

٧۴. ڪوٽِ ڪَرَمَ پل ۾ ڪَرَءِ، ٻَهُ مَن وِشَيا سُوادِ،
ستگُـرَ سَبَدَ نہ مانهين، جنم گنوايا بادِ.

ارٿ :- وشيہ واسنائن جي سُواد جي وَس ٿِي هيءَ مَن هِڪ پل جي اندر ڪروڙين ڪَرمَ ڪري ٿو. فقط هڪ ڪم نٿو ڪري جو ستگروءَ جو اُپديش نٿو مڃي ؛ جنهنڪري ٻنهنجو مَنکہ جَنم اَجايو وڃائي ڇڏيو اٿس.

٧٥. مَئمَنتا مَنَ مار ري، نانهان ڪر ڪر پيِسِ،
تب سُکہ پاوَءِ سُندري، برهم جهلَڪئہ سيِسِ.

ارٿ :- مَن روپي مُست هاٿيءَ کي پيهي سنهو ڪري، ماري مُچ ڪَر، تڏهن ٿِي آتما روپي سُندري آنند ماڻي سَگهندي ۽ برهم جو دَرشن ڪَري سَگهندي.

مايا جو آنگ

٨٥. جَگَہ ھَتُوارّا سُوادَ تَگَہ، مايا ٻيسان لاءِ،
رام چَرَنُ نِيڪا گَھي، جِنِ جاءِ جَنَم ٺَگاءِ.

ارٿ:- ھن سنسار روپي ھٽ ۾، سوادُ (وِشيه واسنائُن روپي) ٺگ آھي ۽ مايا روپي وَڻِشا آھي. اھو ٺگ ۽ وَڻِشا گڏجي ھِن دوڪان ۾ ايندڙن کي روزُ ٺڳيندا رھن ٿا. جيڪڏھن اُوھين رامَ جي چرڻن جي شرڻ وٺندا، تہ جِيونُ- ڌنُ ٺڳجي نہ سگھبو، يعني مانِڪا ديھي اَجائي نہ ويندي.

٨٦. ڪبير مايا پاپڻي، ھَرِ سُوُن ڪَرِءِ حرامَ،
مُکِہ ڪَڙِيالي ڪُمَتِ کي، ڪھڻ نہ ديئي رامَ.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ، ھيءَ مايا ايڏي تہ پاپڻ آھي جو پريوءَ سان بہ نمڪ حرامي ڪري ٿي. ھن اسان جي زبانن تي ڪُمت روپي لوھہ جو ڪڙو ڪري چاڙھيو آھي، جو رامَ جو نالو جپڻ ئي نٿي ڏئي. يعني مايا اسان ۾ اھڙي تہ ڪوئي مت ٿي پيدا ڪري، جو اسين رامَ جي نالي جپڻ کان محرومُ رھجو وڃون.

٨٧. ڪبير مايا موھَني، مانگي مِلَہ نہ ھاٿِ،
مَنَ ھِہ اُتاري جُوٺَ ڪَرِ، تب لاگي ڍولَہ ساٿِ.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ، ھيءَ مايا ڏاڍي موھيندڙ آھي. سندس پُٺيان پوڻ تي ھٿ ايندي ئي

سُوکم مارگ جو انگ

٨١. ڪبير مارگ ڪٺن هئه، ڪوئي نه سڪئه جاءِ،
گئي ني بهوڙي نهين، ڪُشل ڪهئه ڪو آءِ.

ارٿ:- ڪبير صاحب، فرمائي ٿو ته ڀڳوان سان ملڻ جو رستو ڏاڍو اَڻانگو آهي، جو اُتي ڪنهنجو به پهچڻ محال آهي. جيڪي اُتي وڃي پهتا سي وري موٽيا ڪين. پوءِ ڀلا چڱڀلائيءَ جي ڳالهه ڪير اچي ٻڌائي؟

٨٢ سب ڪون بوجهت مئن ڦرئون، رهڻ ڪهئه نهين ڪوءِ،
پريت نه جوڙي رام سون، رهڻ ڪهان ٿي هوءِ.

ارٿ:- مان سڀني کان پڇائون ڪندو پيو وتان، پر نت يا بقا جي جيون جي ڳالهه ڪوبه ڪونه ٿو ڪري. جنهن رام سان پريم نه ڪيو، اهو ڀلا ڪِٿان رهي سگهندو؟ يعني اَمر جيون حاصل ڪري ڪين سگهندو.

٨٣. ڪبير مارگ اَگم هئه، سب مُن جن بئٺي ٿاڪ،
تهان ڪبيرا چل گيا، گهه ستگر ڪي ساک.

ارٿ:- ڀڳوان وٽ وڃڻ جو رستو ڏاڍو ڏکيو آهي، جنهن رستي تي هلڻ کان رشي مني به لاچار ٿي ٿڪجي پيا؛ پر ڪبير داس اُتي پنهنجي ستگر جي ساک جي اوٽ وٺي وڃي پهتو.

۹۱. ڪبير اِس سنسار ڪا جؤنا مايا موهه،
جهه گهرِ جتا بنڌاوَٽان، تهه گهرِ تتا آند وهه.

ارٿ:- هِنَ سنسارَ جو مايا موهُه ڪُوڙو آهي. جنهن گهر ۾ جيترا آنند ۽ مؤجون ٿيون ماڻجن، اُنَ گهر ۾ وَري ڏک ۾ اوترائي وڌندا.

۹۲. مايا ڪي جهلَ جَگَ جَليا، ڪَنَڪَ ڪامِڻي لاگِه،
ڪَهُه دؤن ڪس وِڌِرا ڪيئي، رُئي پَليٽي آگِه.

اَرٿ:- ڪَنَڪَ (سون) ۽ ڪامِڻيءَ (اِستري) روپي مايا ۾ سارو سنسار جلي خاڪ ٿي وِيو. ڀلا اُنهيءَ باهه کان ڪيئن ٻچاءُ ڪري سگهبو، جا ڪپهه ۾ ويڙهيل آهي. هتي خواهشن ۽ اُنهن مان پيدا ٿيل حالتن کي گاهه ۽ ڪپهه جي مثل بيانُ ڪيو وِيو آهي.

نوڪبين جا انگ

۹۳. ڪَلِ ڪا سُوامي لوڀيا، مَنَسا ڌري بَڌاءِ؛
ڏئيهِن پئسا وياج ڪؤن، ليکان ڪَرتا جاءِ.

ارٿ:- ڪلجُگَ جا ساڌو سنياسي ڏاڍا لوڀي آهن، اُنهن ٻنهدِجَن اِڇائُن کي ڪيترو نه ڪري وڌايو آهي. وياج تي پئسا ڏيو ٿا اُنهن جا ليکا رکن. پوءِ سنساريءَ ۽ ساڌوءَ ۾ تفاوت ڪهڙو؟

۹۴. ڪبير ڪَلِ کوٽي ڀئي، مُنير مِلئه نه ڪوءِ،
لالچ لوڀي مَسڪرا، تنڪؤن آدر هوءِ.

ڪين، پر جيڪڏهن ناسوان ڇاڻي، اسين هنڪي پنهنجيءَ دل تان لاهي ڇڏينداسون ته پوءِ پاڻيهي پنيان ڦرندي ورندي.

٨٨. ڪبير سو، ڌن سنچئي، جو آگيءَ ڪون هوءِ،
سيس چڙايي پوٽلي، لي جات نه ديکيا ڪوءِ.

ارٿ:- ڪبير صاحب چوي ٿو، ته اهڙو ڌن گڏ ڪيو جو آئينده جي جيوت ۾ ڪم اچيو. پلي اوهين، ڌن جون ٿيلهيون ساڻ ٻڌي پيا گهمو، پر ڪين پاڻ سان کڻي ويندو ڪنهن ڪونه ڏٺو.

٨٩. ڪبير جگ کي ڪو ڪهئه، ٻڏن جل بود ءِ داس،
پار برهم پت ڇاڙ ڪر، ڪرين مان کي آس.

ارٿ:- رواجي سنساري ماڻهن جي ڳهڙي ڳالهه ڪجي، هن ڀؤساگر جي جل ۾ ته وڏا وڏا سڌ ۽ سنت ٻڏيو وڃن ۽ هو ٻڏن تڏهن ٿا، جڏهن پربرهم روپي سواميءَ جو ٿياڳ ڪري مان جي آشا رکن ٿا؛ تکي پيا ڪرنا سمجهن ۽ اهنڪار ۾ پوجي مان شان جي لڇا رکن. انگريزيءَ ۾ به چوڻي آهي ته Vanity the last infirmity of noble minds

٩٠. رج بيرج کي ڪلي، تاپر ساجيا روپ،
رام نام بن بوڊ هئن، ڪنڪ ڪامڻي ڪوپ.

ارٿ:- رج ۽ ويرج جو ٺهيل هي پتلو، جنهنکي ڀڳوان سينگاري سندر روپ ڏنو آهي، پر رام جي نالي جهڙ ڏاران، سون ۽ استريءَ روپي کوهه ۾ ٻڏي مرندو.

ارٿ:- ڪاشيءَ جي ڪِناري تي گهر ڪري، پل گنگا جو نِرمل جَل پيئي، تنهن هوندي بہ رام جي نام جپڻ بنان مُڪتي ڪانہ ملي سگهندي.

٩٨. ڪبير من ڦُوليا ڦِرءِ، ڪرتا هوُن مَين ڌرم،
ڪوٽِ ڪرم سِر لي چليا، چيت نہ ديکئہ ڀرم.

ارٿ:- ڪَبير صاحب فرمائي ٿو تہ، هي ڏيکاءَ لاءِ ڌرم ڪندڙ، من ۾ ڏاڍو خوش ٿيو پيا گهمن تہ اسين بہ وڏا ڌرماتما آهيون. پَر ڪونہ ٿو ڀانئين تہ ڪروڙين ڪرمن جا بار پنهنجي سر تي ديو پيا وڃون، گيان حاصل ڪري مايا مان پيدا ٿيل ڀرم کي دور ڪرڻ تي ڌيان نہ ٿا ڏين.

٩٩. مور توڙ کي جيوڙي، ٻـل ٻنڌِيا سنسار،
ڪانس ڪڙُونبا سُت ڪَلَت، دا جهڻ بارنبار.

ارٿ:- منهنجي تنهنجيءَ جي زنجير ۾ ٻڌجي، هيءُ سنسار ٻل جو ٻڪرو ٿي پيو آهي. ٻنهي مائٽن جي ڪٽنب ۾ ڦاسي ڏينهن رات پيو ڏجهي.

ڪرڻيءَ بنان ڪٿني

١٠٠. جَئسي مُکہ تي نِيڪَسئہ، تَئسي چالئہ چال،
پار برهم نيڙا رهئہ، پل ۾ ڪَرئہ نِهال.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته، ڪلجگ ۾ اهڙي نه ڪوئي اڃي ويٺي آهي جو ڪو سچو جوڳي ۽ مني ڳوليو به نٿو لڀي. باقي لالچين، لوڀين، ٺڳين ۽ مسخرن جو سو ڏاڍو مان وڌي ويو آهي.

٩٥. پاڙوسي سون روسڻان، تل تل سک ڪي هاڻ،
پنڊت ڀئي سراوگي، پاڻي پيئن ڇاڻ.

ارٿ:- اڄ ڪالهه جا پنڊت جئنين وانگر اهنسا ڌرم جو پالڻ ڪري پاڻي به ڇاڻيو ٿا پين. هو هيءَ ٻاهريون ڏونگ ته گهڻوئي ڄاڻن، مگر انسان جي انسان لاءِ ڪهڙي فرض ادائي آهي، تنهن کي نه ٿا ڄاڻن، ايتري قدر جو پاڙيسريءَ سان به انهجو وهنوار نيڪ نه آهي، ڪين اها بروڙ نٿي پوي ته پاڙيسريءَ سان رسڻ، آهستي آهستي سکن کي ناس ڪيو ڇڏي.

٩٦. پنڊت سيتي ڪهه رهيا، ڀيتر ڀيديا نانهن،
اورون ڪؤن پرموڌ تان، گيا مهرڪا مانهن.

ارٿ:- جي فقط زباني گيان ڪٿي ڄاڻن، اهڙن پنڊتن کي ٿو چوان، ته توهانجي ساري پنڊتائي ٻاهرين آهي، انجو اوهانجي هردن تي ڪو به اثر ڪونهي. هن ڪي نه اپديش ڪندا رهندءَ پر پاڻ انتي عمل ڪين ڪيو، نه رڳو ايترو پر پاڻ ڪوس گهر ۾ وڃي يعني ڪاسائي هنجي ولن هن جا گلا ڪپيندا.

٩٧. ڪاسي ڪانٺهه گهر ڪرين، پيوين نرمل نير،
مڪت نهين هر نانو بن، يون ڪهه داس ڪبير.

١٠٤. کبير پَڍِوا دُور کر، آتِ پڙِيــا سنسار،
پيڙَ نہ اُپجي پريت سُون،
تُوُ کيوُن کرِ کَرَئہ پکار.

ارٿ:- کَبير صاحب فرمائي ٿو تہ، پڙهڻ جو تياڳ کري ڇڏ، ڇاڪاڻ تہ پڙهيل پنڊت بہ، هي سنسار ڇڏي مري هليا وِيا. جيڪڏهن پريوءَ جي پريم جي سَچي پيڙ نہ پيدا ٿِي تہ پڙهي فقط باهرين ريت پريوءَ جي نالي پڪارڻ مان ڪهڙو فائدو.

١٠٥. پوٿي پَڙِ پَڙِ جَگہ مُوا، پنڊت ڀيا نہ ڪوءِ،
ايڪئہ اکر پيوُ ڪا، پَڙَءِ سو پنڊت هوءِ.

ارٿ:- سارو سنسار، پوٿيون پڙهي پڙهي مري ويو پر حقيقي گيان ڪنهن بہ حاصل نہ ڪيو. جيڪڏهن ڪو پريوءَ جو هڪ ئي سچو اکر پڙهي، تہ هوندِ سچو گياني بڻجي پَوي يعني پريوءَ جي ڀڳتيءَ ڪرڻ سان ئي، سمپورڻ گيان پراپت ٿئي ٿو.

اکــر پڙهہ الــف جو ورق ســڀ وِسار،
انــدر تــون اُجارہ پيا پــڙهندي ڪيترا.

ڪام جو انگ

١٠٦. سُندرِ تَئَن سُولـي پَڃي، بـرلا بنچئہ ڪوءِ،
لوهہ نِهالا اَگِــنِ مہ، جَلِ بَلِ ڪوئلا هوءِ.

ارٿ:- جهڙي، زبان سان ڳالهه ڪرين ٿو، اُن موجب جي حالت هلين ته پرڀو تنهنجي نزديڪ ايندو ۽ پل ۾ ئي نهال ڪري ڇڏيندءِ.

۱۰۱. جئسي مُکه ٿي نڪسئه، تئسي چالئه ناهن،

مانُکه نهين ٿو سُوانَ گتِ، باندِيا جم پورِ جاءِ.

ارٿ:- جنجي حالت، تنهنجي چوٽيءَ موجب نه آهي، سي انسان نه، ڪتا آهن. هو پنهنجن ڪرمن ۾ ٻڌجي جمپورِ ويندا.

ڪٿنيءَ بنان ڪرٿي

۱۰۲. مَئن جانيُون پڙهوو ڀلو، پڙهوا تئن ڀلو جوڳه،

رام نام سُون پريت ڪر، پل پل نِندؤ لوگه.

ارٿ:- مان ڄاڻان ٿو ته پڙهڻ چڱو آهي، پر پڙهڻ کان بهتر آهي جوڳ جي ساڌنا ۽ رام نام سان پريت ڪرڻ. (ڀوءِ اڻ پڙهيل هجڻ ڪري) ماڻهو ڀلي ڀيا نندين.

۱۰۳. ڪبير پَڙهوا دُور ڪر، پُستڪ ديئه بهاءِ،

باوَن اکر سوڌ ڪر، رَرَءِ مَمَه چت لاءِ.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته پڙهڻ جو موهه ڇڏي، پستڪ پاڻيءَ ۾ واهي ڦٽا ڪر. ور مالا جي ۵۲ اکرن مان ڳولي، فقط راري ۽ ممي (رام) سان ئي چت لڳاءِ.

١١٠. وِشيه وِلنبي آتما، تاكا مَجَكَرُ كايا سوتَ،
گيان اَنكوُر نہ اوُگَئي، پاوَتُن نِجَ پَرموتَ.

ارٿ:- وشين ۾ ورڙهيل آتما جي اصل تت کي، وِشيون ائين ڪاٽي ڪوڪلو بڻايو ڇڏين، جئين گُهڻو اناجَ جي جي داڻي کي اندران ئي اندِران کائو ڇڏي. جهڙيءَ ريت اهو گهڻيل داڻو اسري اُڳو سگهي، تهڙيءَ طرح ڪاميءَ ۾ گيان جان انگور (سلا) ڦٽي نٿا سگهن. ڀلي چاهي ڀڳوان خود اچي ڇو کين انکي اپديش ڏئي.

١١١. نار پرائي آپڻي، ڀُگَتا نَرَ کهن جاءِ،
آگہ آگہ سبروُ کهئہ، تامَئُن هاٿ نہ باهہ.

ارٿ:- پرائي استري (جا مِثل باهہ جي آهي) تنهن کي جيڪو پنهنجي بڻائي ٿو، سو سِڌو نرڪَ ۾ ويندو. اي پيارا، جنهنکي سڄي دُنيا باهہ باهہ ٿي ڪوٺي، انهيءَ ۾ تنکہ نرڪَ روپي باهہ ۾ هَٿ نہ وِجهہ.

سهج جو انگ

١١٢. سَهَج سَهَج سب ڪوڪَهئہ، سهج نہ چينهي ڪوءِ،
جن سَهجَئُن وِشيا تَجي، سهج ڪهيجئہ سوءِ.

ارٿ:- سهج سهج لہ سڀڪو پيو چوي، پر سَهَج جي پوري پروڙ ڪنهنکي بہ ڪانهي. جن سولائيءَ سان وشين

ارٿ:- سُندريءَ (پراستري) ڪان تہ سوري چڱي،
جو تہ اُنهيءَ گهرڻ ڪان ورلو ڪو بچي نڪتو. جهڙيءَ طرح
باهہ ۾ وجهڻ سان لوهہ بہ جلي ڪوئلو ٿي ويندو آهي،
اهڙيءَ ريت کهڙو بہ ڪري ڀشت پشت هجي، پر استري
پريم ۾ جلي خاڪ ٿي ويندو.

١٠٧. پرناري کو راچڻو نہ، جسي لسڻ کي کانِ،
کُونٽئن بئس رکائي، پرگٽ هوءِ دوانِ.

ارٿ:- پرناريءَ جو سنگ، مثلِ ٿوم کائڻ جي آهي؛
جو لڪائڻ سان بہ نٿو لڪي. پلي ڪنهن ڪُنڊ ۾ چوري
پراستريءَ سان سنگ ڪجي يا ٿوم کائجي، تہ بہ جهٽ
عام اڳيان پڌرا ٿي پوندا.

١٠٨. ناري سيٽي نيهہ، بُڌِ ببيڪ سڀهين هرئن،
ڪانءِ گماوءِ ديهہ، ڪارج ڪوئي نا سرءِ.

ارٿ:- ناريءَ سان ڪمل پريم، بُدي، وويڪ سڀ
ناس ڪيو ڇڏي؛ انهيءَ ڪري هي جيو، ٿون پنهنجي مانڪا
ديهہ جو لو وڃائين. استريءَ مان تہ ڪو ڪارج سرندو نہ ڪين.

١٠٩. آنڌا نر چيتئہ نهين، ڪٽئہ نہ سنسيہ سوُل،
اؤر گنهہ هربکسي، ڪامي ڊال نہ موُل".

ارٿ:- اڳيان ۾ انڌو شخص، چيتنتا حاصل ڪري
نٿو سگهي؛ جنهنڪري انجا سُدسا؛ اُن مان پيدا ٿيل ڏک
دور نٿا ٿين. ڀڳوان پيا سڀيئي گناهہ بخشيندو، پر ڪاميءَ
کي ڪال مول يعني ٿاڙ پن؛ ٿاڙ سوڌو ناس ڪري ڇڏيندو.

ڪري جيستائين سرير ۾ ساهه آهي تيستائين رام جو
سمرڻ ڪر.

١١٦. يهه سب جوٺي بندگي، ٻڙيا پنج نواز،
ساچهه مارء جهوٺ پڙهه، قاضي ڪرئه اڪاج.

ارٿ:- پنج پنج ڀيرا نمازون پڙهڻ، اهو سڀ ڪوڙي بندگي آهي. هي قاضي! تون سچ کي ڇڏي، ڪوڙ ٿيو پڙهين يعني ڏيکاءُ ڪري نماز پڙهي سچ کي ڍڪيو ڇڏين.

١١٧. ڪبير قاضي سواد بسن، برهم هتئه تب دوءِ،
چڙهه مسيت ايڪئه ڪهئه، در ڪيون ساچا هوءِ.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته، قاضيءَ جو من ته سوادن ۾ لڳو پيو آهي، مرڻ بعد به هو برهم (خدا) کان الڳ ٿي رهندو. مسجد ۾ واعظ ڪرڻ وقت، چوي ٿو ته الله هڪ آهي پر جڏهن ڪنهن جيو کي ذبح ڪري ٿو تڏهن به الله ٿيو پون. هاڻ ٻڌايو ته هو پنهنجي وِويڪ سان يا صاحب جي دربار ۾ سچو ڪيئن ليکبو.

١١٨. جوري ڪرِ جبهه ڪرئن، ڪهتي هئن جه حلال،
جب دفتر ديکيگا دئي، تب هوءِ گا ڪؤڻ حوال.

ارٿ:- زبردستي ڪري، ايشور جو نالو وٺي (بسمله) ويچارن جيون کي ذبح ڪن ٿا پوءِ به چون ته اهو حلال (ڌرم موجب) آهي. جڏهن پرڀو اوهانجو دفتر (ڪرمن جو چٺو) کوليندو تڏهن ڪهڙو منهن ڏيکاري سگهندا؟

جو ليا ڳيو آهي، يا سهج پرش (پرڀو) جي نالي ٿي
جن وشين جو ليا ڳيو آهي، بس اهو ئي سهج جو سچو
سروپ آهي.

١١٣. سهج سهج سب ڪو ڪهي، سهج نه چينهي ڪوءِ،
پانچون راکهه پرستي، سهج ڪهيجي سوءِ.

ارٿ:- سهج سهج ته سڀڪو پيو چوي پر سهج جي
سچي جاڻ ڪنهنکي به ڪانهي. پنجن ئي گيان اندرين کي،
پرڀو جي سيوا ۾ لڳائڻ کي ئي سهج ڀاو ٿو سڏجي.

سچ جو انگ

١١٤. ڪبير پونجي ساه کي، تون جن ڪوءِ خوار،
کري بگوچن هوئگي، ليکا ديتي بار.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته، هي منش! تون
پرڀو روپي سيٺ کان اڌاري ورتل پونجيءَ کي اجائي نه
وڃاءِ، يعني تون پرڀو سان سچو وهنوار ڪر. جڏهن وقت
مالڪ اڳيان ڪرمن جو حساب ڏيندين، تڏهن وقت توکي
پاري آيدا جو سامهو ڪرڻو پوندو.

١١٥. ڪاٽت ڪاگد ڪاڍيا، تب ليکه وار نه پار،
جب لگه سانس سرير مئن، تب لگه رام سنڀار.

ارٿ:- مرڻ بعد، جڏهن چترگپت ليکو ڪيندو،
ان وقت ڏسندين ته لکي جي ڪا حد ئي ڪانهي. انهيءَ

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ، جن ڄاتو آهي تہ فقط هڪ ڪرتار ئي دنيا ۾ سار يا سچ آهي، ٻيو سڀ ڪُوڙ آهي، سو هن ڪُوڙي سنسار جي لالچن جي وَس ڇو ٿيندو؟

—o—

ڀرم نوارڻ جو انگ

١٢٣. پاهڻ ڪيرا پُوتلا، ڪر پُوجئن ڪرتار،
اِهي ڀروسہ جي رهي، ٿي ٻُوڙي ڪالي ڌار.

ارٿ:- ڏس تہ ماڻهو پٿر جي مورتيءَ کي، ڪرتار ڄاڻي ٿا انجي پوڄا ڪن. جيڪي انهيءَ پٿر جي مورت جي ڀروسي رهندا، اُهي موت روپي ڪاريءَ ڌارا ۾ ٻُڏي مرندا.

١٢٤. ڪاجل ڪيري ڪوٺڙي، مس ڪي ڪرم ڪپاٽ،
پانهن ٻوئي پرٿمي، پنڊت پاڙي باٽ.

ارٿ:- پٿرن (پٿر جي مورتين) سان ڪري سڄي دنيا ڀري آئي، پر پنڊت چون ٿا تہ اسان رستو (ڌرم جو مارگ) ڳولي ڪڍيو آهي. اهو تہ انهن ڄاڻڻ گهرجي تہ جڳ ڪنهن ڪاجل جي ڪوٺيءَ کي ڪارن ڪرمن جا دروازا لڳايا هجن.

١٢٥. سيئُن سالگرام ڪُون، مايا سيئي هيت،
وڏين ڪالا ڪاپڙا، نانو ڌراوئن سيت.

١١٩. سائين سيتي چوريان، چوران سيتي گُجهہ،
جاڻيگا ري جيوڙا، مار پڙيگي تُجهہ.

ارٿ:- پرڀوءَ کان تہ چوري ٿو ڪرين (ڀانئين ٿو تہ جي لڪائي ڪجهہ ڪندس تہ پتو اصل نہ پوندو) ۽ چورن سان ساز باز ٿي، انهن سان ڳُجهہ ڀيو سلين. هي جيو! توکي پتو تڏهن پوندو جڏهن انهن ڪيل ڪرمن ڪري توتي مار پوندي.

١٢٠. شيخ سبوري باهرا، ڪيا حج ڪعبي جاءِ،
جنڪي دل سيابت نهين، تنڪؤن ڪهان خداءِ.

ارٿ:- اي شيخ! تون سنتوک ۽ صبر کان پري آهين، پوءِ تنهنجو حج يا ڪعبي وڃڻ سڀ اجايو آهي. جنجي دل ۾ سچائي يا پورنتا ڪانهي انهن لاءِ خدا ڪٿان ايندو؟ يعني ڪٿي بہ انجو درشن نہ ڪري سگهندا.

١٢١. خوب کانڊ هئہ کيچڙي، ماهن پڙءِ ٽک لوڻ،
پيڙا روٽي کاءِ ڪر، گلا ڪٽاوءِ ڪؤڻ.

ارٿ:- سچ پڇو تہ سُني ۾ سلو طعام آهي کچڙي، منجهس ڪري ٿورو لوڻ وجهو تہ واهہ واهہ. پيڙا (سيرا مالپوڙا) سان روٽي کائي ڪير پنهنجو گلو ڪٽائي، يعني تہ سيرا مالپڙا کائبا تہ ان لاءِ ڪونا ڪرم ڪرڻا پوندا جنهنجو نتيجو پوئٽو پوندو.

١٢٢. ڪبير جن جن جاڻيان، ڪرتا ڪيول سار،
سو پراڻي ڪاهي چلئہ، جهوٺي جگ ڪي لار.

ڀيک جو اَنگ

١٢٩. ڪبير مالا ڪاٺَ ڪي، ڪَهِ سَمُجهاوِءِ تُوهِہ،
مَن نہ ڦِراوءِ آپڻا، ڪَها ڦراوَءِ موهِہ.

ارٿ:- ڪاٺَ جي مالا توکي سَمجهائي ڇڏيٿي تہ، جيستائين تو پنهنجو مَن ڦيرايو ۽ ڏانهن نہ ڦيرايو آهي تيستائين دنهنجي ڦيرائڻ مان ڪهڙو فائدو؟

١٣٠. ڪبير مالا مَن ڪي، اؤرَ سَنساري ڀيکَہ،
مالا ڦِيريان هَرِ مِلئہ، تو اَرهَٽَ ڪي گَلِ ديکہ..

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ سچي مالا تہ مَن جي آهي باقي ٻيو سڀُ سنساري ڀيکُ يعني ڏيکاءُ آهي. مالا ڦيرڻ سان جي ايشور ملي ٿو تہ کوهہ ۾ مالهہ پاتل آهي ۽ چرخي ۾ مالهہ پاتل آهي، يعني ڏيکاءُ ڪري مالا پائڻ آهي کوهہ ۽ چرخي جي مالها سمان.

١٣١. مالا ڦيريان ڪُڇ نَهين، ڀڳت نہ آئي هاٿِ،
ماٿُون موُڇ منڊاءِ ڪر، چليا جڳت ڪي ساٿِ.

ارٿ:- انهيءَ مالها پائڻ مان ڇا ورتو جي سچي ڀڳتي هٿ نہ آئي، ڏاڙهي مڇون ڪوڙائي ويس تہ ٺاهيو جو ڪيو اٿيئي، پر هلين تہ سائيو دنيا سان پيو يعني دنيا جو موهہ ڪين ڇڏيو اٿيئي.

١٣٢. سائين سيتي سانچہ چل، اؤران سوُن شُڌِ ڀاءِ،
ڀاوَن لمبي ڪيسَ ڪرِ، ڀاوءِ گُهرَڙِ مُڙاءِ.

ارٿ:- پوڄا نہ ڪن ٿا سالگرام جي ۽ مايا سان ڪري موھہ رکيو اٿن. اوڏين نہ ڪارا ڪپڙا (تامسڪ حالت ڪري) ٿا پر ڪوناھين ٻاٽڪي اڇو اُجرو ٿا. يعني ٻاٽڪي سچ تي ھلندڙ چوائين ٿا.

١٢٦. جپ تپ ديسئن ٿوٿرا، تيرٿ ورت ٻيساس،
سوُئن سئنبل سيويا، يوُن جڳ چليا نراس.

ارٿ:- جپ تپ ۽ تيرٿن ۾ ويساھہ اجايو آھي. انھن ۾ لڳل ماڻھو ھن دنيا ۾ اھڙيءَ ريت نراس ھليو ويندو، جھڙيءَ طرح طوطو انب جي بدران اڪ ٽوءِ ري کي انب سمجھي اُن تي وھي ۽ نراس ٿي اڏامي وڃي ٿو.

١٢٧. مَن متھرا دِل دوارڪا، ڪايا ڪاسي جاڻ،
دسوان دوارا ديھرا، تا مئن جوت پڇاڻ.

ارٿ:- مَن ۾ ئي متھرا، دِل ۾ ئي دوارڪا ۽ ڪايا (شرير) ۾ ئي ڪاشي سمجھي ٻاھر تيرٿن وغيره وڃڻ جي ضرورت ڪانھي. ڏھون دوار يعني برھم رندر ئي پرماتما جي مندر جو دروازو آھي، انھيءَ ۾ چمڪندڙ نوراني جوتيءَ کي سڃاڻ، يا ديدار ڪر.

١٢٨. ڪبير دُنيا ديھري، سيس نِواوڻ جاءِ،
ھِردا ڀيتر ھر بسي، تون تاھين سون لوُن لاءِ.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ، ڏِس تہ سنساري جيو مندرن ۾ سر جھڪائڻ لاءِ وڃن ٿا، پر خبر ڪانہ اٿن تہ ھِردي اندر ئي پرماتما جو واسو آھي، انھيءَ ڪري تون انھيءَ ھند لنو لڳاءِ.

—–o–—

١٣٥. هرجن سيتي روسڻان، سنساري سون هيت،
تي نر ڪڏهن نه نڀجهه، جون ڪالر ڪا کيت.

ارٿ:- جيڪو ماڻهو پرڀوءَ جي ڀڳتن سان روسامو رکيتو ۽ سنساري جيون سان پريم رکيتو؛ اهو ماڻهو ڪڏهن به وڌندو ويجهندو ڪين. جهڙيءَ طرح کلر ۾ ٻج وجهڻ سان انجو سلو اسرندو نه ڪين.

سنگت جو انگ

١٣٦. ديکا ديکي ڀڳت هئه، ڪڏي نه چڙهئي رنگ،
وپت پڙيا يون ڇاڙسي، جون ڪنچلي ڀونگ.

ارٿ:- ديکا ديکي ڀڳتي ڪرڻ سان حقيقتي رنگ اصل نه چڙهندو. انهيءَ مارگ لي هلندي ڪا آپدا آئي ته اهڙو ڀڳت، اها ڀڳتي ائين ڇڏيندو جئين نانگ پنهنجي کينچلي (کل) لاهي ڦٽي ڪندو آهي.

١٣٧. ڀهه من ديجئه تاس ڪون، ست سيوڪ ڀل سوءِ،
سر اوپر آرا سهئه، تئو نه دوجا هوءِ.

ارٿ:- هيءَ من انهيءَ کي سونپ جو سچو سيوڪ (هري ڀڳت) هجي. ڪيس ڪو آريءَ (ڪاراتيءَ) سان ڀلي ڪري چيري تڏهن پنهنجي پرڀوءَ جي پند کان پاسي نه ٿئي.

ارٿ:- هي جيو، اُن پرماتما سان سچائي سان هل؛ ٻين سنساري جيون سان شد ڀاونا يا ڪپٽ رهت حلت ڪر. پوءِ چاهي وڏا ڪيس (وار) رکائين يا مٿو ڪوڙائي ٺومو ٿيين.

١٣٣. نَوَسَتَ ساجئہ ڪامني، تن من رهي سنجوءِ،
پيوَ ڪئہ من ڀاوَئہ نهين، پنتر ڪيئہ ڪيا هوءِ.

ارٿ:- نَوسَت (سورهن سينگار) جيڪڏهن ڪا استري سورهن ئي سينگار ڪري، تن من ڀي قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهي، پر جيڪڏهن پنهنجي پرينءَ کي پسند نہ آهي تہ اهي سڀ سينگار ۽ رت پٽيهر بي سود آهن.

ڪسنگ جو انگ

١٣٤. مورکہ سنگ نہ ڪيجئي، لوها جل نہ تراءِ،
ڪدلي سيپ ڀوَنگ مکي، ايڪ بوند، تهہ ڀاءِ.

ارٿ:- مورک جو سنگ ڀلي ڀلائي بہ نہ ڪريو، لوهہ ڪڏهن بہ پاڻيءَ تي تري ڪين سگهندو. اگياني يا مورک سالوڪ ڀاونا ڌارڻ ڪري ڪين سگهندو. پاپن جي بوجي ڪري هو لوهہ وانگر ڳرو ٿي پوندو، انهيءَ ڪري هو مايا روپي ساگر مان اُڪري پار نہ وڃي سگهندو. ڏسو تہ سواليءَ جي تہ هڪ بوند آهي، مگر جدا جدا هنڌن تي پوڻ ڪري انجو جدا جدا روپ ٿيو وڃي. ڪيلي ۾ ڪرڻ سان ڪافور ٿئي ٿي، سپ ۾ پوڻ سان موتي بنجي ٿي ۽ نانگ جي مک ۾ پوڻ شرط زهر بنجو پوي.

١٤١. ڪبير سوئي ڏِنَ ڀلا، جا ڏِنَ سنت مِلانھ،
آنڪَ ڀري ڀرِ ڀيٽيان، پاپ سريرؤُن جانھِ.

ارٿ:- ھي ڪبير! اھو ڏينھن اُتم آھي جڏھن ڏينھن سنت ملن، اُنھنکي ٻانھن ۾ ڀري گلي لڳائي ڀيٽڻ سان شرير جا سڀ پاپ ناس ٿيو وڃن.

١٤٢. ڪبير چندنَ ڪا برڙا، ٻِڌنيا آڪَ پلاسَ،
آپَ سريکي ڪَرَ ليئي، جي ھوئي اُنَ پاس.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ چندن روپي سنت پرش کي اڪ ۽ ڪيسوڦل جي وڻن جھڙن ڏشٽ ماڻھن کري گھيرو ڪيو، پر اُن چندن روپي سنت پرش اُنھن سڀني کي جي سندس ويجھو ھوا پاڻ جھڙو بنائي ڇڏيو. (چندن ۽ قيصر جي وڻن ۽ ٻوٽن اڳيان جيڪي ٻہ وڻ يا ٻوٽا ٿيندا آھن اُنھن سڀني ۾ چندن ۽ قيصر جھڙي سُگنڌ سمائجي ويندي آھي)

نرمل نگاھن واري ساڌوءَ جو انگ

١٤٣. نِربَئري نِھ-ڪامتا، سائين سيتي نيھ،
وِشيا سؤُن نيارا رَھئہ، سنتن ڪا انگ ايھ.

ارٿ:- ڪنھن سان ويرُ نہ رکڻ، نِشڪام ٿي رھڻ ۽ پرميشور سان پريمُ ڪرڻ، وِشين کان ويراڳي ٿيڻ اِھي سڀ سنتن جا لڪشڻ آھن.

آساڌ جو انگ

١٣٨. اُجّل ديکه نَه ڌِيڄِجِي، بَگَه جوُن ماندٖءِ ڌيان،
ڌورءِ بَئِٺِ چَپيٽسي، يوُن لَئِه بوُڙءِ گيان.

ارٿ:- ڪَنهنجو ٻاهِريون اوجل ويس ڏِسي مَٿس وشواسُ نَه ڪَر، ٿي سَگهيٿو ته بَگهلي وانگر ڌيان لڳائي ويٺو ويهي مَڇيءَ وانگرُ ڳِهي نَه وَڃِيٿي ۽ اَنهيءَ ريتِ سارو گيانُ ٿي ٻوڙي ڇَڏي.

١٣٩. جيتا مِيٺا بولِٽان، تيتا ساڌ نه جاڻ،
پهلي ٿاهَه دِکاءِ ڪر، اوُنڊَءِ ديسي آڻ.

ارٿ:- ڀَلي ڪيترو ٻه مِٺو ڳالهائيندڙ هُجي، پَر اُنکي هر ڪو ساڌو نه سمجهه ڇاڪاڻ تَه اَهڙا ماڻهو ٻَهرين پار پَهچڻ لاءِ تَرا ڪَرو پاڻي ڏيکاري پوءِ اونهي پاڻيءَ ۾ آڻيو ٻوڙيو ڇڏين.

ساڌوءَ جو انگ

١٤٠. مٿرا جاوءِ دوارِڪا، ڀاوءِ جاوءِ جَگنناٿ،
ساڌ سنگت هري ڀڳتِ بِنَ، ڪَڇوُ نه آوءِ هاٿ.

ارٿ:- چاهي مَٿرا وَڃو يا دُوارڪا ۽ جَگناٿ پوريءَ تيرٿ ڪرڻ وَڃو، مَگر ساڌوءَ جي سَنگت ۽ هريءَ جي ڀَڳتِ بِنان ڪٿي ٻه ڪُجهه ٻه هَٿ نَه لَڳندو.

ارٿ:- رام ڀڳت، پرڀوءَ جي وڇوڙي ۾ وڃي ڏينهون ڏينهن پيلو ٿيندو. ماڻهن ليکي ته هيکي سائيءَ جي بيماري ٿي پيئي آهي مگر هو ته پاڻکي لنگهڻ ڪڍيو پيو سُڪائي، ته من ڪڏهن پياري رام جي چرڻن ۾ وهڻ لائق ٻڻجان.

١٤٨. جِهن گهٽ ۾ سنسو بسئه، تِهن گهٽ رام نه جوءِ،
رام سنيهي داس بِچ، تنان نه سنچڻ هوءِ.

ارٿ:- جنهن هردي ۾ سنسو (دبڌا يا شڪ شبهه) آهي اُن ۾ رام واسو ڪري نٿو سگهي ڇاڪاڻ ته رام جي پياري ۽ رام جي وچ ۾ ڀيد ڪهڙو؟ انهن ٻنهي جي وچ ۾ ڪک جيتري به وٿي ڪانهي.

١٤٩. جِهه هِردءِ هَرِ آئيا، سو ڪيوُن ڇانا هوءِ،
جتن جتن ڪر دابئي، تئو اُجالا هوءِ.

ارٿ:- جنهن جي هردي ۾ پرماتما پاڻ اچي واسو ڪيو آهي، سو ڀلا ڪيئن لکي سگهندو. ڪيڏي به ڪوشش ڪري لڪائجي ته به پرڀوءَ جي ڀڳتيءَ جو پرڪاش ٿهلجيو وڃي.

١٥٠. سب گهٽ ميرا سائيان، سوُني سيج نه ڪوءِ،
ڀاڳه تنهان ڪا هي سکي! جِهه گهٽ پرگٽ هوءِ.

ارٿ:- سڀني جي هردن ۾ منهنجو مالڪ رمي رهيو آهي، ڪابه سيج ڪانئس خالي نه آهي. هي سکي! وڏا ڀاڳ انهن جا جنجي هردي ۾ پاڻ پرگهٽ ٿئي ٿو.

١٤٤. ڪبير هِرڪا پانوَٽا، دوُرئن ٿئن ڏِسنتَ،
ٽَنَ کيِٽان مَنَ اُنمَنان، جڳم روُئَـڙا ڦِرنتا.

ارٿ:- ڪبير داس فرمائي ٿو تہ هريءَ جا پيارا ٻريئي ڪان پڌرا. ويچارا بدن جا ڪمزور، من ڪان اداس ۽ دنيا ڪان نيارا رهن ٿا.

١٤٥. ڪبير هِرڪا پانوَٽــا، جهيِٽا پنَجَر ٽاسِ،
رَئنَ نــہ آوءِ نِيندَڙِي، آنگَہ نہ چڍَءِ ماس.

ارٿ:- جيڪو ٻريوءَ جو پيارو آهي، سو سدائين هيٺو پيو پاسدو آهي، نڪي رات جو ننڊ ٿي اچيس، نڪي بت لي ماس ٿي چڙهيس.

١٤٦. جِهِ گهتَ جاڻَ وِناڻَ هئہ،
ٽِهِ گهتَ آنوَ ٽـٽان گهٽان،
بِـنَ کـنَڊءِ سنـگرام هئہ،
نِتَ اُٺِ من سوُن جهوُجهٽان.

ارٿ:- جنهنجي مَن ۾ گِيان ۽ وَگِيان آهي يعني جيڪو گِياني آهي تنهنجي گهت اندر گهٽيئي گهوڙا آهِن، هو ٻريوءَ جي ٻرَهہ ۾ ڏينهن رات جلندو رهي ٿو يا ٻچيتاءَ جي ٻَچڙ ۾ پچندو رهي ٿو. هنجي مَن اندر ٻِنان ترار جي پيئي لڙائي لڳي.

١٤٧. پيِلَڪَ دوُڙي سائِيان، لـوگہ ڪهئہ پِنَڊ روگہ،
چائِئہ لنگهڻ نِتَ ڪرءِ، رام پِياري جوگہ.

١٥٤. ساکَت بانبڻ مَتِ مِلَهُه، بَئِسنوَن مِلَهُه چنڊال،
اَنکَ مال ڏي ڀيٽيي، ماڻوَن ملي گوپال.

ارٿ:- نندڪ يا ناستڪ براهمڻ کان وئشنو (رام ڀڳت) چنڊال بهتر آهي. اهو سمجهي تہ جڻ خود گوپال (پرماتما) سان ملي رهيا آهيون. ٻئي ٻانهون پساري اُن سان ملو.

١٥٥. ڪبير ڪُلَ تو سو ڀَلا، جهِہ ڪُل اُپَجَهُہ داس،
جهِہ ڪُل داس نہ اوُپَجَهُہ، سو ڪُل آڪ پلاس.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ، اهوئي ڪل وڏو آهي جنهن ۾ هري؏ جو داس جنم وٺي ٿو، پر جنهن ڪل ۾ هري؏ جا داس جنم نٿا وٺن سو اَڪ ۽ ڪيسو ڦل جي وڻن مثل سمجهہ.

مِدُ (وچبن مارگہ) جو انگ

١٥٦. ڪبير مَدِ انگ جيڪو رهَهُہ،
تَوہُ تِرَتَ نہ لاگَهُہ بــارَ،
دُهوُ دُهوُ انــگَ سوُن لاگہ ڪر،
ڊوُبَــتَ هَهُہ سنسار.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ، جيڪو وچون وٺي ٿو تہ تنهنکي ڀوساگر مان پار پوڻ ۾ دير نٿي لڳي.

١٥١. ڪبير خالق جاڳيا، اؤر نہ جاڳئہ ڪوءِ؛
ڪئہ جاڳئہ وِشئي وِشہ ڀريا،
ڪئہ داس بندگي هوءِ.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ، پريو سدائين جاڳندو رهي ٿو، سواءِ سائينءَ جي ٻيو ڪو بہ نٿو جاڳي. تنهن هوندي بہ جي ڪري ڪو جاڳندو تہ اهو يا تہ وکہ سان ڀريل ڪامي پرش هوندو يا اهو داس جاڳندو جو پريوءَ جي ڀڳتيءَ ۾ مگن آهي.

ساڌوءَ جي مهما جو انگہ

١٥٢. چَندَن ڪي ڪُٽَڪي ڀَلي، نا بَبوُل ڪي آوَرانءِ،
وَئشنوُن ڪي ڇَپري ڀَلي، نا ساڪَتَ ڪا بَڙَ گانءِ.

ارٿ:- چندن جو ٿورو بہ ڇوڙو چڱو آهي، بہ نسبت ٻٻر جي جهنگل جي. اهڙيءَ ريت وئشنو جي ڪنهن چڱي آهي بہ نسبت نندڪ جي هڪ وڏي ڳوٺ کان.

١٥٣. ڪبير ڌَنِ تي سُندَري، جِنِ جايا بَئسنوُن پوُت،
رام سُمَرِ نِربِئہ ڀيا، سب جگہ گيا اَئوت.

ارٿ:- اها استري ڌن آهي، وڏ ڀاڳڻ آهي جنهن وئشنو پٽ کي جنم ڏنو آهي، جو هريءَ جي نام جو سمرڻ ڪري نربئہ ٿي پيو. انکاسواءِ ٻي دنيا اولاد هوندي بہ اڻ اولاد آهي.

سار گرهڻ ڪرڻ واري جو آنگ

١٥٩. ڪبير روُپ هَرِ نانوَ هئه، نيِرَ آنَ ويؤُ هار،

هنس روُپ ڪوءِ ساڌَ هئه، تَتَ ڪا جاڻڻ هار.

ارٿ:- جهڙيءَ ريت کير ۽ پاڻيءَ ملي هِڪُ ٿيو وڃنِ ۽ هنسُ اُن گڏِيل کيرَ پاڻيءَ مان کيرُ جُدا ڪَري ٿي ويندو آهي. اهِڙيءَ طَرح سنسارِي وَهنوارَ سان گڏ پرڀوءَ روپي کير گڏيل آهي. مگر هَنسُ روپي ڪو ورلو ساڌو سچي تتوَ کي جاڻي ٿو.

١٦٠. ڪبيرَ اَوَگُڻَ نا گَهئه، گُڻَ هي ڪؤن لي بينِ،

گَهتَ گَهتَ مَهُ کي مَڌُپَ جؤن،

پَرَ- آتم لي چينه.

ارٿ:- اي ڪبير! تون ٻين جي اوگڻن ڏانهن نه نهاري انهنجا گڻ گرهڻ ڪر. جهڙيءَ ريت ماکيءَ جي مک گلن مان ماکي گڏ ڪندي آهي تهڙيءَ ريت تون ٻه هرهڪ جيو ۾ پرماتما کي سڃاڻ.

—-o-—

ويچار جو انگ

١٦١. رام نام سب ڪو ڪهئه، ڪهِبي بهُتَ وِچار،

سوئي رام ستي ڪهئه، سوئي ڪؤُتُڪ هار.

ارٿ:- رام نام ته هرڪو ٿو چوي پر رام نام چوڻ جا

باقي جيڪو هڪ ٻئي جي خلاف ٻن ڇيڙن (Two extremes) جو پيروڪار ٿئي ٿو سو هن سنسار ۾ ٻُڏي ٿو يعني نہ دين جو نہ دنيا جو. (ايڪ گهر ۾ دومتي ڪسل ڪهان تي هوءِ.)

١٥٧. هندو مُئي رام ڪَهِہ، مُسلمان خـداءِ،

ڪَهَہ ڪبير سو جيوَتا، دُءِ ۾ ڪدي نہ جاءِ،

ارٿ:- هندو رام رام چوندي ۽ مسلمان خدا خدا ڪندي مري ويا (اهي ٻئي مثل مردي جي آهن) جيئرو تہ اهو رهيو جو انهن ٻنهي ۾ ڪڏهن بہ نہ اٽڪيو.

١٥٨. ڪبير هَـرِدي پيئَري، چوُنـا اوُجَلَ ڀاءِ،

رام سَنيهي يوُن مِلَہ، دوُنيوُن بَرن گنواءِ.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ هيڊ پيلي رنگ جي ٿيندي آهي ۽ چنو سفيد رنگ جو ٿيندو آهي پر جڏهن ٻئي ملي هڪ ٿيندا آهن تڏهن انهن جو رنگ لال ٿي ويندو آهي جنهن مان ڪنگوُ ٺهندو آهي. اهڙيءَ ريت رام جو پريمي ٻنهي رنگن جو ميل ڪري ٻيا ٻئي ورڻ (رنگ) تياڳي هڪ رنگ لال بڻجي پيو. (يعني وچون مارگ وٺڻ گهرجي.) خاص. ياد رهي تہ پريم ۽ ڀڳتيءَ جو رنگ ڳاڙهو آهي. ڪبير صاحب جو چوڻ آهي تہ ڀڳتي اهڙي وستو آهي جو مختلف رنگ بہ مجهس مليو وڃن.

ارٿ:- گرهستي وچاري کي گهر جون گهڻيئي چنتائون لڳيون پيئون آهن ساڌوءَ کي ٻه ته گهٽ ۾ گهٽ ٻيڪ مڱڻ جي ته چنتا آهيئي آهي. سو وچارو جيئو ٻن ڪائين جي وچ ۾ آهي. مگر ست انهن ٻنهي کي دور ڪيو ڇڏين يعني اُهي اها سکيا ڏين ٿا ته سنساري رهندي ٻه اوهين ورڪت رهي سگهو ٿا.

١٦٥. ڪبير هرِ ڪي ناوَ سُون، پريت رَهَئه اِڪ تار،
تؤ مُکه تي موتِي جهڙَءِ، هيِري اَنت نه پار.

ارٿ:- جيڪڏهن ٻريوءَ جي نام سان لرنتر ٻريم رهي ته اُپديش ڪندڙ جي مکه مان اَملھ (هيرن موتين وانگر) وچن نڪرن جنجي حد ٿي ڪانهي. يعني ته اُپديش ڪندڙ کي ٻه گهرجي ته هو ڏينهن رات سائينءَ جي ڀڳتي ڪندو رهي.

١٦٦. اَئسي بــاڻِي بــولئي، مَنَ ڪا آپا کوءِ،
اَپنا تن سيتل ڪرءِ، اَؤرن ڪوُن سُکه هوءِ.

ارٿ:- من مان، مان ۽ تون وغيره آپو يا ايمان ڪڍي اهڙي مٺي ٻولي ٻوليو جو اوهانجو تن بدن ته سيتل رهي مگر ٻين کي ٻه سک ملي.

گھڻيئي وِچار آهن يعني گھڻيئي مت فيلسوفيون ۽ ڌرمي وِچار آهن. مگر جيڪا سٽي ٻنهي ٽنورن روپ ۾ رام جو جپ ڪري ٿي اُهائي سٽي ٽئيءَ سان گڏ ڏاگهه چڙهڻ جو اڇرج ڏيکاري سگهي ٿي.

١٦٢. هَرِ موتيان ڪي مالَ هَئهِ، پوئي ڪا چَئهِ تاگهِ،

جتن ڪَري جهنَتا گهٽان، ٽوٽيگي ڪهُون لاگهِ.

ارٿ:- پريو اُنهيءَ موتين جي مالها سمان آهي جا ڪچي ڌاڳي ۾ پوئل آهي. جتن ڪندين ته گھڻيئي مونجهارا پيدا ٿيندءِ يعني ته جي تون اَنيڪ مت متانترن جي وِچارن ۾ وجي ڦاٿين ته پوءِ ڪڏهن نه ڪڏهن اها مالا ٽٽي پوندي ۽ تون هريءَ کان ٻي مک ٿي پوندين.

اُپديش جو آنگ

١٦٣. ڪَلِي ڪال تَتڪال هَئهِ، بُرا ڪَرءِ جِن ڪوءِ،

اَن باوَئن لوها داهِڻئن، بووءِ سُ لُڻتا هوءِ.

ارٿ:- ڪَلجگ ۾ ڪئي جو نتيجو اُن وقت مِليٿو، انهيءَ ڪَري ڪاٻه بُرائي نه ڪر جهڙيءَ ريت هاري ڏاڻو ڪٽي اُهو ئي اَن لڻي ٿو جيڪي پوکيو اٿس.

١٦٤. ڳِرهي ٿوءِ چنتا گهٽي، بئراگ ۾ ئي ڪَئهِ ڀيکهِ،

ڏُهِ ڪاڻيان وِچهِ جيوَ هَئهِ،

دوئيو هَنئن سنتُو سيکهِ.

پربن سڄاڻڻ جو اَنگ

۱۶۸. سَمپُٽَ مانهِن سَمائِيا، سو صاحِبَ نهِين هوءِ،
سَڪَلَ مانڊَ مَنِ رَمِ رَهِيا، صاحب ڪَهِئِي سوءِ.

ارٿ:- جيڪو ڳُجهو آهي، ويا پڪُ نہ آهي، اُهو سُوامي ٿي نٿو سگهي. پر سچو صاحِبُ اهو آهي جو ساري برهمانڊ (وشو) ۾ هَرهنڌ وِياپڪ آهي.

۱۶۹. جا ڪَئِي مُنهن ماٿا نهِين، نَهِين رُوپَڪُ رُوپُ،
پُهُپَ واسَ تَئِين پِـاتِلا، آئِسا تَتَ اَنوُپُ.

اُرٿ:- نہ جنهِنکي مُنهن، نہ مٿو، نہ رُوپ نہ رَنگ. گُلن جي سُگنڌ کان بہ جيڪو جهيڻو (سوکم) آهي، اهڙو وِئي لاثاني تت آهي، هوُ سُوامي.

سامرٿيءَ جو انگ

۱. جِسَهِ نہ ڪوئِي تِسَهِ تون،
جِسَ تُون تِسَ سب ڪوءِ،
دَرِگَهِ تيري سائيان، نام هَروُ من هوءِ.

ارٿ:- هي پربو! جنهن جو ڪو وَسيلو نہ آهي، تنهنجو وسيلو تون آهين، ۽ جنهن جو تون آهين اُنجو هرڪو

وشواس جو انگ

١٦٧. جِنَ نَرَ هَرِ جَٺَرانهِ، اُدِ ڪَنتِنَم پِنڊُ پرگٽ ڪِيؤ،
سِرِجي شِرَوَڻ ڪَرَ چَرَڻ،
جيوَ جيڀَ مُکَ تاسُ ڏِئُو.
اُرڌ پاوَ اَرڌ سيسَ، بيکَ ڀَکانَ اِمِ رَکِيؤ،
اَنّ پانِ جهان جَرَءِ تهان، تَئُن اَنَل نَہ چِکِيؤ.
اِهِہ ٻانتِ پيانک اُدَرِ مِہِ،
اُدَرُ نَہ ڪَبهُون ڇَنجَرءِ،
ڪِرِسن ڪِرِپال ڪبير کَہِ،
اِمِ پرتِ پالن ڪِيُون ڪَرَءِ؟

ارٿ:- جنهن پرڀوءَ پيٽ جي اندر رَج ۽ ويرج مان شَرير ٺاهيو ۽ ڪَن، هَٿ پيرَ وغيره عُضوا ٺاهيا، اَن ۾ پراڻ وڌا ۽ مُک ۾ جِڀَ ڏني. جنهن مٿي پيرَ ۽ هيٺ مٿو رکي پيٽ ۾ ڏهه مهنا لَٽڪائي رکيو ۽ جتي اَن ۽ پاڻي ۽ جليو وڃن اهڙي جنرَ اگنيءَ (پيٽ جي باهه) جي توکي لهس به اچڻ نہ ڏني ۽ وري توکي ڪڏهن به بکايل نہ رکيو. ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ ڪرشڻ اهڙو ٿي ڪرپالو آهي، اَن وانگر پالڻ پوشڻ ٻيو ڪير ڪري سگهندو؟

—o—

ارٿ:- ستگرو اهڙو هنرگهر جي جهڙو قلعي گر، جو شبد روپي قلعي چاڙهي ٿو ۽ من کي آرسيءَ وانگر اوجل ڪيو ڇڏي، يعني پنهنجي ستُ اُپديش سان نرمل ڪيو ڇڏي.

١٧٦. جُون جُون هرِ گُڻَ سانڀرئون،
تيُون تيُون لاڳن تيِرَ،
لاڳن ٽي ڀاڳا نهِين، ساهڻَ هار ڪبير.

ارٿ:- جيئن جيئن هريءَ جي گُڻَن کي ياد ٿو ڪريان تيئن تيئن ڀيا تير لڳن (دل تي اثر ڪن) پر چوٽ لڳڻ جي ڪپ ڪان ڀڄس ڪين؛ چاڪاڻ ته سهڻ جي شڪتي بخشڻ وارو وڏو آهي. يا جيڪو سهي ٿو سو وڏو (ڪبير) ٿو ليکجي.

(**نوٽ:-** "مرٽان اڳي جي مُئا" جو انگ پڪتيءَ واري اڌياءِ ۾ اچي ويو آهي.)

پربت ۽ سنبهه جو انگ

١٧٧. ڪمودني جَل هرِ بسَئي، چندا بسَئي اڪاس،
جو جاهي ڪا ڀاوَنا، سو تاهي ڪئي پاس.

ارٿ:- ڪمودني (چند کي ڏسي ڪرنڌڙ ڪوٽيءَ جو گل) ته پاڻيءَ ۾ وسي ٿي ۽ چندرما آڪاش ۾ رهي ٿو، پر جو جنهن سان پريم ڪري ٿو سو اُن وٽ اچو پهچي. يعني چانڊوڪيءَ جي چوهڻ سان ٿي ڪوٽيءَ جو گل ٽڙيو پوي.

ٻاهر ٻيلي آهي. هي سائين تنهنجي دربار ۾ هلڪو ٻه مڻ (ڳورو) ٿيو پوي.

۱۷۱. سات سمند ڪي مس ڪرؤن،

ليکن سب بنراءِ،

ڌرتي سب ڪاگد ڪرؤن،

تئُو هر گن لکيا نه جاءِ.

ارٿ:- جيڪڏهن ست ئي سمنڊ ڪري مس ٺهايان ۽ سڄي دنيا جي وڻن مان قلم ڪري ڇاهيان ۽ سڄيءَ روءِ زمين کي ڪاغذ ڪري، ڀڳوان جا گڻ لکڻ وهان ته به انجا گڻ مڪمل طرح هوند نه لکي سگهان.

۱۷۲. سائين ميرا باڻيان، سهج ڪرءِ وياپار،

بن ڊانڊي بن پالڙءِ، ٿولئه سب سنسار.

ارٿ:- منهنجو سائين واڻيو آهي جو سهج (سچ ۽ سولو ۽ ايمانداريءَ جو) واپار ڪري رهيو آهي. هو بنا ڪارڙيءَ جي ئي سڄي دنيا کي پيو توري يا پرکي.

شبد جو انگ

۱۷۳. ست گر ايسا چاهئي، جئيسا سڪليگر هوءِ،

سبد مسڪلا ڦير ڪر، ديهه درپن ڪرءِ سوءِ.

ارٿ:- جڏھن مرڻ ڪان ھيءُ سنسار ڇڏجي ٿو، اھو
مون لاءِ آنند جو ڪارڻ آھي. مونکي ھاڻ ڏاڍي تڪڙ لڳي
آھي جو ڪڏھن مرندس ۽ ڪڏھن اُن پورڻ برھم، پرمانند
جو ديدار ڪندس.

١٨٠. ڪايَرَ بُهتَ ڀڄاوَهِينِ، ڀَهَڪِ نہ بولَئہ سوُرَ،
ڪام پَڙِيان هِين جاڻئِي، ڪِسَ ڪي مُکہ پر نوُرَ.

ارٿ:- ڪائر ڏاڍيون ڀڄاڪون ھڻندا آھن، پر
جيڪي سچا سورھيہ آھن سي ڪنھن ڳالھہ جو وڏاءُ ڪين
ڪن. ڪم پوڻ تي (لڙائيءَ جي ميدان ۾) ئي ڪل پوندي
تہ ڪنھنجي پيشانيءَ تي سائينءَ جو نور ٿو جھلڪا ڏئي.

١٨١. ڀڳتِ ڍِهيلي رام ڪي، جئسي اَگنِ ڪي جھالَ،
ڏاڪ پَڙِي تي اوُبڙِي، داڌءِ ڪَوُ ٿڳہ ھارَ.

ارٿ:- ٻاھہ جي جھيءَ مثل رام جي ڀڳتي ڏاڍي
ڏکي آھي. جي ٽپو ڏيئي پار پيا سي تہ بچي ويا، باقي
جن بازيگرن وارو ڏيکاءُ ڪيو سي اُن ۾ جلي مُئا.

١٨٢. جي ھارِيا تنئہ ھرِ سوان، جي جيتا تو داوَ،
پاربرھم ڪوُن سيوَتان، جي سِرَ جاءِ تہ جاوَ.

ارٿ:- ھي ساڌڪ، پرڀوءَ جي ساڌنا ڪندين جي
ھارائيندين، تہ بہ سائينءَ جھڙي سمرٿ ھٿان؛ ۽ جي کٽيندين
تہ داءُ ھٿ ايندءِ. انھيءَ ڪري پاربرھم جي سيوا ڪندي
جي سر وڃي تہ گھوري ڇڏ.

سور وير جو انگ

١٧٦. ڪُوڙڻُون ڀِڙيا نہ ڇُوٽيو، سُڻ ري جيو اَبُوجهہ،

ڪ يہ مَرِ مَيدان ۾، ڪَرِ اِندرِيان سُون جهُوجهہ.

ارٿ:- هي اگياني جيو، ڪنهن ۾ لڪي وهڻ سان ڪو ڇوٽڪارو يا مڪتي ڪانہ ملندءِ. ڪلهي ميدان ۾ (اندرين سان) لڙائي ڪندين، تو ڪي موت (جيئري مرڻ) قبول ڪرڻو آهي.

١٧٧. سُورءَ سارَ سنَباهِيا، پهَرِيا سهَجَ سنجوگہ،

اَب ڪَئہ گِيانَ گيندَ چڙِ، کيتَ پڙَنَ ڪا جوگہ.

ارٿ:- ساڌنا ڪندڙ سور ٻير، هٿيار پونهار پهري، سهج روپي زرهہ ڌاري، لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيو آهي. هو خيال ٿيو ڪري تہ هاڻ گيان روپي هاٿيءَ تي چڙهي، لڙائي ڪندي ميدان ۾ مرڻ جو جوڳ اچي پهتو آهي.

١٧٨. سُورا ٿَبَ هي پرکئي، لڙءِ ڌڻي ڪَئہ هيتَ،

پرِزا پرِزا هوءِ پڙءِ، تئُو نہ ڇاڙءِ کيتَ.

ارٿ:- سچي بهادر جي انهيءَ ۾ پرک آهي جو هو پنهنجي مالڪ لاءِ لڙائي ڪندي، لڙائيءَ جو ميدان نہ ڇڏي، پوءِ ڀاوين سندس بدن ٽڪرا ٽڪرا ڇو نہ ٿي پوي.

١٧٩. جِسَ مَرنئن ٿئن جگہ ڏرءِ، سو ميري آنند،

ڪَبَ مَرِهُون ڪَبَ ديکہ هُون، پُورن پرمانند.

منهنجي وس کان ٻاهر آهن. (۽ توهان رام جو ڀڳت ته آهين ڪين) پوءِ ڇو ٻي اونو ٿيو سمهيو پيو آهين.

١٨٦. آڄ ڪَهَئہ هَرِ ڪالهہ ڀَڄُونگا،

ڪالهہ ڪَهَئہ ڦِرِ ڪالهہ،

آڄ هِي ڪالهہ ڪَرَنتَڙا، اؤُسَرَ جاسِي چال.

ارٿ:- هي جيو! اڄ چوين ٿو ته سڀاڻي ڀڳوان جو ڀڄن ڪندس، سڀاڻي ٿي وري ٻئي ڏينهن لاءِ ٽاريں ٿو. اهڙيءَ ريت اڄ ۽ سڀان ڪندي، سڄي عمر گذري ويندءِ.

١٨٧. ڪبير پَلَ ڪِي سُڌ نَهِين، ڪَرَءِ ڪالهَ ڪا ساجَہ،

ڪالَ اَچنتا جهَڙپَسِي، جوُن تِيتَرَ ڪو بازَ.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته، جيو کي هڪ پل جي به خبر نه آهي ته ڇا ٿيندو، سو لڳو آهي سڀاڻي جا سامان جوڙڻ. ڪيس، ڪل ئي ڪانه ٿي پوي، ته ڪال اوچتو اٿين جهپو هڻندو، جئين تتر کي باز هڻي.

١٨٨. دَئُون ڪِي داڌِي لَڪَڙِي، ٺاڍِي ڪَرِي پُڪارَ،

مَتِ بَسِ پڙُوُن لُهارَ ڪِي، جالَئہ دوُجِي بارَ.

ارٿ:- جهنگل جي باهه ۾ سڙيل ڪاٺي، پڪارون ڪري پيئي چوي ته شل وري ڪڏهن لوهار جي وَر نه چڙهان، نه ته مونکي پيو پيرو ۾ جلڻو پوندو. يعني ته هي جيو هڪ ته مايا جي باهه جو جليل اڳي ئي آهي، مٿان جم جي باهه پيئي پڪاريس.

١٨٣. سَتي پُڪارءِ سَلِ چَڙِهي، سُنَ ري مِيتَ مَسانَ،

لوڳَ ٻَٽائُو چَلِ ڳَيِي، هم ٽُجهَ رهِي نِدانَ.

ارٿ:- سنجهه ويلي چِتا (ڪاٺي) جي آڳ ۾ ويٺل آتما روئي ستيءَ پڪار ڪري چئي ٿي ته مسان (ساڌنا جا ميدان)، هاڻي اچي ٽون ۽ مان ٻئي آهيون. ٻيا ته سڀ هيستائين سانئي هوا.

١٨٤. ڪبير هَرِ سَبَ ڪُوں ڀَجَئہ،

هَرِ ڪُوں ڀَجَئہ نہ ڪوءِ،

جب لَڳَہ آس سَرِيرِ ڪِي، تَبَ لَڳَہ داس نہ هوءِ.

ارٿ:- ڪبير صاحب فرمائي ٿو ته، پرڀو ته سڀني کي ٻيو ياد ڪري، پر پرڀوءَ کي ڪوبه ياد نٿو ڪري. جيستائين هن شرير ۾ موهه لڳو پيو آهي تيستائين ڪوبه سائينءَ جو داس (ٻانهو) ٿي نه سگهندو، مايا جي ٿي موهه ۾ لڳو پيو هوندو.

ڪال جو انگ

١٨٥. ڪال سِهاڻُن يُوں ڪَرا، جاڳَ پِيارِي مِيتَ،

رام سَنيهِي باهِرا، ٽُوں ڪيُوں سوءِ نِچينت.

ارٿ:- ڪال سيرانديءَ کان ٻيهي سڌ ڪري چئي رهيو آهي ته هي مِتر، اُٿي جاڳ. فقط رام جا پريمي ئي

١٨٩. مَندِرَ ماٺهِن جَهبُوڪَتي، ديِوا ڪَئِسي جوتِ،
هَنسَ بَتائُو چَلِ گَيا، كادِوُ گَهرَ ڪي ڇوتِ.

ارٿ:- جنهن سندري ۽ ڀهڻجي محل ۾ ڏيئي جي جوت وانگر پئي جهلڪا ڏنا، انجو آتما روپي مسافر يا هنس جنهن اڏامي ويو، تڏهن ڪنهن ني آکيو تہ گهر جي چوپ هٽايو ۽ جلد ني هنکي مساڻن ۾ ڪٽي وڃو.

١٩٠. سُکہ ساگــر ۾ آئکي مَتِ جــا ري پياسا،
اَجَهوُ سَمُجهہ نَرَ بــاوَري، جَمَ ڪَرَتَ نِراسا.
نرمل نيرپري تيري آگي، پي لي سُوانسو سْوانسا،
مْرِگَہ ترِشْنا- جل ڇانب باوري، ڪرو سُڌارس آسا.
ڌُرُوُ پرْهلاد شُکديـو پِيا، اوُر پيا رءِ داسا،
پريم هِہ سنت سدا متوالا، ايک پريمِ ڪي آسا.
ڪهئہ ڪبيرسُنوپائي ساڌو، مِٽِ گَئي پِيَہ ڪي باسا.
نِراسا = دک. سڌارس = امرت.

سماپت